
جڏهن پونءِ بٽي
تاجل بيوس

# جڏهن پونءِ بٽي

## تاجل بيوس

تاجل بيوس اڪيڊمي

ڊجيٽل ايڊيشن
2023ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

## تاجل بيوس اڪيڊمي جو ڪتاب پيون

ڪتاب: جڏهن پونءِ ٻٽي
شاعري: تاجل بيوس
ترتيب: هدايت بلوچ / ڪرم الاهي چنا
ڪمپوزنگ ۽ پيج ميڪنگ: ڪرم الاهي چنا
ڪور ڊزائين: فتاح هاليپوٽو
پبلشر: تاجل بيوس اڪيڊمي، ڪراچي
ڇاپو پهريون: سيپٽمبر 1982ع انڊس وئلي ڪلچر ائسوسئيشن، ڪراچي
سهڪار : سنگم پبليڪيشنس،
ڇاپو ٻيون: پاران تاجل بيوس اڪيڊمي 2023ع

**ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت ڪتاب گهر**
www.sindhsalamat.com

## JAD, HIN BOON BANAI
## (Collection of Verses)

| | |
|---|---|
| Poet: | TAJAL BEWAS |
| Compiled by: | Hidayat Balaoch / Karam Ellahi Channa |
| Composing & Page Making: | Sangam Publication, Sachal Goth, Karachi |
| Phone: | 0345-2225458 |
| Printer: | |
| First Edition by: Sangam Publication: | April 1982 |
| Second Edition by: Tajal Bewas Academy: | 2023 |

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر پاران ناميار شاعر تاجل بيوس جي شاعريءَ جو پهريون مجموعو ”جڏهن پونءِ ٻٽي“ اوهان اڳيان پيش آهي.

تاجل بيوس جي شاعريءَ ۾ ڪلاسيڪي بنياد آهي، ۽ هن ٻوليءَ، ڪردارن ۽ ماحول جون مڪاني وصفون وڏي اعتماد سان پيش ڪيون آهن. تاجل بيوس جي شاعريءَ ۾ سنڌ سان اڻ ٿڪ پيار جي انيڪ رنگن جو وسيع ڦهلاءُ ملندو آهي. سندس ٻولي، اسلوب، استعمال ڪيل اصطلاح، محاورا ۽ سندس شاعريءَ جا ڪردار سڀ ڪمال جي درجي جا آهن. تاجل بيوس جي شاعريءَ ۾ فطرتي منظرحقيقت جي بلڪل ويجهو آهن، جيڪي سندس شاعريءَ جي سونهن سوپيا ڪي وڌائين ٿا.

هي ڪتاب 1982ع ۾ **انڊس وئلي ڪلچرل ائسوسيئيشن** پاران **سنگم پبليڪيشن، ڪراچي** وٽان ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون تاجل بيوس جي فرزند ۽ تاجل بيوس اڪيڊمي جي سرواڻ سليم تاج جا جنهن هي ڪتاب ڪرم الاهي چنا جي مدد سان نئين سر ڪمپوز ڪرائي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرڻ لاءِ موڪليو.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# تاجل بيوس اڪيڊمي پاران

سنڌ جي مهان عاشق تاجل بيوس جي شاعريءَ جي مجموعي ”جڏهن پونءِ ٻٽي“ جو ٻيون ڇاپو ”تاجل بيوس اڪيڊمي“ جي ڪاوشن جو ثمر پڙهندڙن اڳيان حاضر آهي.

هن شاهڪار ڪتاب جو پهريون ڇاپو جناب ڪرم الاهي جي اداري سنگم پبليڪيشنس پاران اپريل 1982ع ۾ شايع ٿيو هيو.

هن مجموئي جي اهم خصوصيت ۽ سنڌي شاعريءَ ۾ اهم مقام اهو آهي ته هي تاجل بيوس جي شاعريءَ جو پهريون شايع ٿيل ڪتاب آهي، جيڪو ڊجيٽل ايڊيشن جي صورت ۾ سنڌ سلامت ڪتاب گهر تي آندو ويو آهي.

تاجل بيوس اڪيڊمي سنڌ جي هن مهان شاعر جي ادبي ڪاوشن کي ٻيهر پڙهندڙن جي اڳيان پيش ڪرڻ جو سلسلو شروع ڪيو ويو آهي، اميد ته تاجل بيوس جا ٻيا شاهڪار ڪتاب به جلد پڙهندڙن لاءِ شايع ڪري پڌرا ڪيا ويندا. هي ڪتاب ان سسلي جي هڪ ڪڙي آهي. اميد ته پڙهندڙن کي هيءَ ڪاوش پسند ايندي.

**سليم تاج**
**چيئرمين تاجل بيوس اڪيڊمي**
20 مارچ 2023ع

# ناشر طرفان

تاجل بيوس جي شاعري گذريل پندرهن سورنهن سالن کان ڇپبي رهي آهي. مقدار جي لحاظ کان هيل تائين هلڪا ڦلڪا سندس ٻه چار مجموعا آسانيءَ سان ڇپجي پڌرا ٿي سگهن ها. جنهن ۾ مجبوري گهٽ مگر شاعر جي سُستي وڌيڪ شامل رهي آهي. بهرحال، فارسيءَ جي چوڻيءَ جيان ”دير آيد، درست آيد“ گهڻي انتظار ۽ اُڪير کان پوءِ اجهو تاجل جي شعرن جو مجموعو اوهان جي سامهون آهي.

تاجل جو اجا چڱو خاصو ڪلام اسان وٽ محفوظ آهي، جيڪو اسان جي ائسوسيئيشن جي پليٽ فارم تان ضرور ڇپبو.

رتيل سناءَ موجب شاعريءَ جو هيءُ پهريون ڪتاب آهي جيڪو اسان وڏي اُتساهه ۽ اُمنگن سان سنگم پبلڪيشنس جي سهڪار هيٺ ڇپائي پڙهندڙن تائين پهچايو آهي. ان ڏس ۾ اسين مانواري ڪرم الاهي چنا جا وڏ ۾ وڏ ٿورائتا آهيون. اسان اميد ٿا ڪيون ته اڳتي به سنگم پبليڪيشنس جو سهڪار اسان جي جماعت سان برقرار رهندو.

تاجل بيوس جي ٻي خوبي اها به آهي ته سندس سنڌي سليس آهي هو فيض بخشاپوري وانگر فارسي ۽ عربي جا ڏکيا لفظ استعمال نه ڪندو آهي ۽ نه زير – اضافت کان ڪم وٺندو آهي - سنڌي ادب ۾ هڪ دور اهڙو ب اچي گذريو آهي، جڏهن سنڌي شاعر پنهنجي قابليت ميجرائڻ لاءِ پنهنجي شاعري ۾ فارسي – عربي جا ڏکيا لفظ ڪم آڻي ۽ زير اضافت جو استعمال ڪري پنهنجي قابليت ڏيکاريندا هيا

اسان جي پياري دوست شاعر تاجل بيوس اهڙو ڪو به ڪم نه ڪيو- اهو ئي سبب آهي جو اسان جو عظيم شاعر، جيترو سنڌ ۾ مقبول آهي اوترو ئي ڀارت جي سنڌين ۾ مقبول آهي.

**هدايت بلوچ**
جنرل سيڪريٽري
انڊس وئلي ڪلچر ائسوسيئيشن، ڪراچي
23 آگسٽ 1982ع

# ٻه اکر

سنگم پبلڪيشنس کي ان تي ڏاڍو فخر آهي ته، ان جي سهڪار سان، سرواڻ سنڌي شاعر مانواري سائين تاجل بيوس جي شاعريءَ جو پهريون ڪتاب **"جڏهن پونءِ بڻي"** ڇپيو آهي. تاجل بيوس جي شخصيت ۽ سندس فن تي، هن ڪتاب ۾ اوهان کي سڄاڻ ليکڪن جا مضمون پڙهڻ لاءِ ملندا. جن مان سندس فن ۽ شخصيت ڪافي اُڀري اچي ٿي ۽ اوهان ڪيس گهڻو ڪجهه پرکي سگهندا.

مون کي خبر آهي ته تاجل بيوس وٽ، سندس شاعريءَ جا اجا مَٽ پُريا پيا آهن، جن مان اميد ته اوهان جلد ئي اج اجهائي سگهندا.

ساٿ سلامت

**ڪرم الاهي چنا**

سنگم پبليڪيشنس

15 سيپٽمبر 1982ع

# فهرست



| | عنوان | صفحو |
|---|---|---|
| | • تعارف<br>شمشمير الحيدري | 11 |
| | • موضوعن جي قدرت جو شاعر<br>تنوير عباسي | 22 |
| | • سلو انگورئون پلو<br>فقير الهندو جتوئي | 32 |
| | • ڏک سکن جي سونهن<br>تاجل بيوس | 37 |
| | **شاعري** | 44 |
| | • سر هاري<br>ڏنديل ڏاتو هٿ ۾<br>بيت<br>وايون | 45<br>46<br>46<br>51 |
| | • سر سورٺ<br>آءُ ميان! ڪڻ ڪينرو<br>بيت<br>وايون | 56<br>57<br>57<br>61 |

| | | |
|---|---|---|
| | • سر گهاتو<br>الا! مَڇ مرن<br>بيت<br>وايون | 63<br>64<br>64<br>67 |
| | • سر راڻو<br>وڻ ڪٿوريا ڪاڪ جا<br>بيت<br>وايون | 71<br>72<br>72<br>74 |
| | • سر مارئي<br>ڪوڙين ڪِرڙ ڪڪوريا<br>بيت<br>وايون | 80<br>81<br>81<br>85 |
| | • سر سسئي<br>ڇيتيون ڪر ڇپر<br>بيت<br>وايون | 91<br>92<br>92<br>97 |
| | • سر ڪيڏارو<br>ڪانئر منهن تي ڪچ<br>بيت<br>وايون | 99<br>100<br>100<br>103 |
| | • سر سامونڊي<br>ڪاهِ تہ اُڪرين ڪن مان<br>بيت<br>وايون | 105<br>106<br>106<br>108 |

| | | |
|---|---|---|
| 115 | • سر يمن ڪلياڻ | |
| 116 | موڪيءَ مَٿَ چڪائِيا | |
| 116 | بيت | |
| 117 | وايون | |
| 118 | • پٽائيءَ ڏانهن | |
| 118 | بيت | |
| 120 | وايون | |
| 121 | • مشورو | |
| 121 | بيت | |
| 127 | وايون | |
| 129 | • غزل | |
| 173 | • گيت | |
| 187 | • نظم | |
| 207 | • آزاد نظم | |
| 229 | • قطعا | |
| 239 | • ڪافيون | |
| 253 | • ذلفيءَ جي ياد ۾ | |
| 261 | • منهنجو اول منهنجو آخر | |

# تعارف

جاڙا ٻائر، هڪ ئي پيءُ جا پٽ، هڪ ئي ماءُ جي پيٽان ڄمندا آهن. هڪ ئي وقت ڄمندا آهن، تنهنڪري انهن جي عمر بہ ساڳي ٿيندي آهي. هڪ ئي هنڌ ڄمندا آهن، تنهنڪري سندن شهريت بہ ساڳي ٿيندي آهي. ٻنهي جي ذات پات ساڳي، ٻنهي جا چاچا ماما ۽ پڦيون ماسيون ساڳيون هوندو آهن. گهڻو ڪري سندن شڪل، صورت، رنگ روپ، قد بت، عادتون ۽ طبيعتون بہ ميل ڪائينديون آهن، ڇاڪاڻ تہ هڪڙي ئي تخم جي پيدائش، ساڳئي رت ۽ ماس جو جوڙ هوندا آهن.

نسلي بنيادن (Biological Origins) جا ماهر شايد انهن حقيقتن جي ابتڙ ڪنهن بہ ڳالهہ کي قبول نہ ڪن، پر منهنجو خيال آهي تہ جاڙا ٻائر ٻن پيئرن جا پٽ بہ ٿي سگهن ٿا ۽ ٻن مائرن جي پيٽان بہ جنم وٺي سگهن ٿا، اهي هڪ ٻئي کان اڳ ۽ پوءِ پيدا ٿي سگهن ٿا. سندن چاچا ماما، پڦيون ماسيون ڌار ڌار ٿي سگهن ٿيون. ٻنهي جي ذات پات الڳ الڳ ٿي سگهي ٿي، ۽ منجهانئن هڪڙي جي شهريت خيرپور ضلعو ۽ ٻئي جي شهريت بدين ضلعو ٿي سگهي ٿي.

جيڪڏهن ڪنهن کي بہ اختلاف هجي تہ اهو مون، يعني شمشير ال-حيدري ۽ منهنجي جاڙي ڀاءُ يعني تاج-ال-بيوس کي هڪ ٻئي جي پرسان ويٺل اچي ڏسي.

ٻنهي جو پيءُ الڳ، ٻنهي جون مائرون الڳ، ٻنهي جي جاءِ پيدائش الڳ، ٻنهي جي ڄمڻ جا سال الڳ، پوءِ بہ ڏسو تہ هوبهو هڪجهڙا! شڪل صورت، رنگ روپ، ڳالهائڻ ٻولائڻ، قد بت، هرڪو نمونو هڪجهڙو- ايتريقدر جو جيڪڏهن ٻيءَ ملاقات ۾ منجهانئن ڪو بہ اڪيلو ملي

وڃي تہ ملڻ وارن مان گهڻا شمشير سان تاجل جون ڳالهيون ۽ تاجل سان شمشير جون ڳالهيون ڪرڻ لڳندا.

بس، رب پاڪ جي جوڙ آهي. قدر جا ڪم نيارا آهن. سو ٿي سگهي ٿو تہ اسان ٻنهي جا ڪي ٻيا جاڙا پائر ڪٿي آمريڪا، چين ۽ جاپان ۾ بہ هجن. پر في الحال قسمت سنڌ جي ٻن ڇيڙن ڪي ملائڻ پسند ڪيو ۽ اُتر قطب جي خيرپور مان تاجل بيوس ۽ ڏکڻ قطب جي بدين مان شمشير الحيدريءَ کي پهريون ڀيرو سال 1969ع ۾، اڌ ڪروڙ آباديءَ واري ڪراچيءَ جهڙي شهر ۾ هڪ ٻئي سان ملايو. جتي واقفڪار دوست ۽ مائٽ مٽ هڪ ٻئي کان وڇڙي ويندا آهن، وڃائجي ويندا آهن. جيئن ئي ملياسين، ڪلياسين، هڪ ٻئي کي سڃاتوسين. ٻنهي هڪ ٻئي کي پنهنجو آئينو سمجهي، پنهنجو پاڻ کي ڏٺو. ٻنهي کي ڪنهن اڳئين جنم واري ڇڪ محسوس ٿي، ۽ هِن جنم ۾ ان جي تصديق جي ضرورت محسوس ڪئي ۽ اڳتي هلي، ٻئي رت جي رشتي ۾ گڏجي ويا. هاڻي هڪٻئي جا مائٽ آهن. ٻنهي جو گهر هڪڙو آهي. ٻنهي جا چاچا ماما، پڦيون ماسيون ساڳيون آهن. خيرپور ۽ بدين، ٻنهي جو گهر آهي. شمشير الحيدريءَ جي نياڻي، تاجل بيوس جي ننڍي ڀاءُ محمد يعقوب جي گهر واري آهي ۽ شمشير خواجي جو پوٽو سمون آهي. انهيءَ ڏس ۾ جس وري بہ تاجل کي آهي، جنهن مون کي ڏوري ڏٺو (شايد قدرت جو اشارو کيس ئي ٿيو هو يا خواب ۾ ڪا هدايت ٿي هيس). هن ئي پنهنجي جوڙ جي جستجو ڪئي، ملاقات جا موقعا پيدا ڪيا، ۽ هزار عزتون ڏيئي، پنهنجائپ جو احساس ڏياريو. آءٌ سندس گهڻي قدر ٿورائتو آهيان.

انهيءَ پس منظر ۾، مون کي جڏهن تاجل ۽ سندس فن جي باري ۾ لکڻو آهي، تڏهن آءٌ ائين سمجهان ٿو تہ مون کي جڻ پنهنجي ئي باري ۾ لکڻو آهي. تاجل جي بهاني، آءٌ پنهنجي باري ۾ لکان، سو پنهنجي بهاني تاجل جي باري ۾ لکڻ کان وڌيڪ ڏکيو آهي. اهو ئي سبب آهي، جو مون

پنهنجي ۽ تاجل جي گڏيل باري ۾ لکڻ شروع ڪيو آهي. تاجل جي باري ۾ الڳ لکڻ منهنجي لاءِ ممڪن ڪونهي. تنهن هوندي بہ آءٌ ڪوشش ڪندس تہ سندس عمر، وقت، هنڌ ۽ فني تجربن کي الڳ ڪري ڏيکاريان، پوءِ پڻ تہ تاجل سان پائيپيءَ وارو انصاف نہ ڪري سگهان.

جڏهن 'نئين زندگيءَ' جو ايڊيٽر هوس، تہ ٽپال ۾ مون کي 'بيوس حاتن شاهيءَ' جا شعر مليا. مون انهيءَ نالي سان سندس هڪ بہ شعر شايع بہ ڪيا. پوءِ جڏهن روبرو مليو تہ مون کيس 'هاتن شاهي' ڪري ڪوٺيو ۽ چيومانس تہ اسان وٽ 'ناٽن شاهي' اڳي ئي ڪوڙ آهن، ۽ نالي مان شاعر جي سڏريل درجي جو اندازو ماڻهو لڳائيندا آهن، تنهن ڪري انهيءَ شاهيءَ يا شهنشاهيءَ کي ڇڏي ڏين تہ چڱو. پوءِ هن دليل تہ معقول ڏنا، پر اڳتي سو 'تاجل بيوس' بنجي ويو.

تاجل بيوس انهيءَ مهيني ۾ ۽ انهيءَ ستاري هيٺ ڄائو آهي، جنهن مهيني ۾ ۽ جنهن ستاري هيٺ آءٌ بہ ڄائو آهيان— يعني سيپٽمبر ۾.

تاجل سنڌ جي منفرد جاگرافيائي خطي، سنڌوءَ جي ڪڇي واري پاڳي سان بنهہ لاڳو هڪڙي تمام ننڍڙي واهڻ، پير حيات شاهہ جي ڳوٺ ۾ ڄائو. پير صاحب کي مريد پيار وچان حاتن شاهہ چوندا هئا، جنهن جي نسبت تاجل پنهنجي ڳوٺ خاطر پاڻ کي ڏيڻ پسند ڪئي هئي. هن وقت انهيءَ بزرگ جو پوٽو گاديءَ تي آهي، جنهن تي پنهنجي ڏاڏي جو ئي نالو، حيات شاهہ رکيل آهي، ۽ جنهن سان تاجل پرائمري اسڪول ۾ گڏ پڙهيو آهي. انهيءَ تعلق ۽ دوستيءَ جي ڪري، تاجل ڄڻ تہ پير صاحب ڪانپوءِ ڳوٺ جو چڱو مڙس آهي، ۽ راڄوٽي معاملن کان سواءِ، هڪ پڙهيل ڳڙهيل شخصيت هجڻ سبب، ڳوٺ جي سڌاري ۾ سندس دلچسپيون بنيادي آهن.

تاجل جي ذوق ۽ ذهن جي ابتدائي سنوار ڪرڻ واري جيڪا شخصيت آهي، سا خود منهنجي لاءِ بہ ڏاڍي محترم آهي. اها شخصيت

آهي- استاد الهندو خان جتوئي، جيڪو رج چڱو مڙس، وڏو سگهڙ ۽ سياڻو وڏو ادب ۽ سخن شناس، گُن ۽ گفتي جو ڄاڻو ڪچهريءَ جو مور، تڏي جو مڙس ماڻهو سنڌي خُلق ۽ اخلاق جو آئينو خوش مزاج ۽ زنده دل، ۽ شاهه لطيف جو خاص شيدائي ۽ پارکو آهي. تاجل جيڪي ڪجهه ٻڌيو سو استاد الهندي خان جي طفيل، جنهن کيس علم ۽ ادب جو دڳ ڏيکاريو.

تاجل هوندن بہ شهري هوا کان گهڻو پري، هڪڙي ننڍڙي واهڻ ۾ جنم ورتو سنڌوءَ جي ڪناري، پکن ۽ پوکن ۾- تنهن ڪري قدرتي نظارن، سادي سودي فطري ماحول ۽ ان جي وچ ۾ وسندڙن سادن سودن ماڻهن جي رهڻيءَ ڪهڻيءَ، سندن ريتن رسمن، ٻوليءَ ۽ پيڙائن جي مشاهدي ۽ مطالعي جو اهڙو ئي ورثو کيس پلئہ پيو، جهڙو انگريزي شاعريءَ جي رومانوي دور جي عظيم شاعر ورڊسوَرٿ کي ليڪ ڊسٽرڪٽ واري ماحول ۾ مليو هو ۽ جنهن جي اثر هيٺ ورڊسوَ رٿ انگريزيءَ جي ڪلاسيڪي دؤر واري مخصوص ۽ محدود زبان ۽ طبقي جي شاعريءَ کي رد ڪري، عام ماڻهن لاءِ ۽ عام ٻوليءَ ۾ شاعري ڪئي.

’ڪلاسيڪي دؤر‘، ’ڪلاسيڪي شاعري‘ يا ’ڪلاسيڪي شاعر‘ جا اصطلاح انگريزي ۽ سنڌي ادب لاءِ ڌار ڌار مطلب رکن ٿا.

انگريزي ٻوليءَ ۾ ڪلاسيڪي دؤر جي شاعري مٿانهين ۽ اوچي طبقي جي ماڻهن، سندن مخصوص مشغلن ۽ مسئلن، سندن مخصوص ٻوليءَ ۽ مزاج جي عڪاسي ڪري ٿي. ان جو خاص مثال هڪ نظم Rape of Lock آهي، جنهن ۾ اعليٰ طبقي جي هڪ دعوت دوران ڪنهن ڪيچلي همراه پاران هڪ جوان نينگريءَ جي وارن جي چڳ ڪپي وٺڻ ۽ ان کان پوءِ ڌرين جي وچ ۾ ڏاڍيءَ نفاست سان چمچن ۽ ڪانٽن سان لڙائي لڙڻ جو ذڪر آهي.

انگريزي ڪلاسيڪي شاعريءَ جا نہ رڳو موضوع اوچي طبقي جا هئا، بلڪ انهن جي ٻولي بہ انهيءَ طبقي جي هئي. ان جي ڀيٽ ۾، جڏهن اسين سنڌي ٻوليءَ جي ڪلاسيڪي شاعريءَ جي ڳالهہ ڪريون ٿا تہ ان جو مطلب، اها بامقصد ۽ بنيادي شاعري آهي، جيڪا شاهہ، سچل ۽ سامي، ۽ ڪانئن اڳ ۽ پوءِ جي صوفي بزرگن جي شاعري آهي، جنهن جا موضوع، ڪردار، ٻولي ۽ ماحول عوامي آهن، ۽ اها شاعري انگريزي ٻوليءَ جي ڪلاسيڪي شاعريءَ جي محدود ۽ مخصوص طبقي ۽ ٻوليءَ واري شاعريءَ کان بنهہ مختلف آهي. اها شاعري سنڌ جي عام ماڻهن جي قومي ۽ اخلاقي ڪردار ۽ مزاج، ٻوليءَ ۽ لهجي ۽ سموري لوڪ ورثي جي آئينہ دار آهي.

جڏهن مغل دؤر جي اثر هيٺ هتي ايراني روايتن واري شاعري رواج ۾ اچڻ لڳي تہ رفتي رفتي سنڌي شاعريءَ جو ناتو پنهنجين ڪلاسيڪي روايتن کان ۽ سنڌي شاعرن جو ناتو پنهنجن عام ماڻهن کان ڇڄي ويو. ٿورن دورانديش شاعرن ايراني روايتن ۾ پنهنجين ڪلاسيڪي روايتن جو رنگ ڀريو، ۽ وس آهر روايتي شاعريءَ کان بنهہ پري هٽڻ جون ڪوششون بہ ڪيون ۽ انهن ئي ڪوششن جديد شاعرن لاءِ روايتي شاعريءَ کي پار ڪري پنهنجي ڪلاسيڪي ورثي تائين پهچڻ لاءِ پُل جو ڪم ڏنو.

انفرادي ڪوششن کان اڳتي، جديد دؤر ۾، ”سنڌي ادبي سنگت“ سنڌي ادب ۽ زبان جي عمارت کي پنهنجن ڪلاسيڪي بنيادن تي استوار ڪرڻ لاءِ منظم تحريڪ هلائي، جنهن جي طفيل، هر قسم جي تهمتن ۽ تڪليفن جي باوجود، اڄ سنڌي ادب جي سمورن شعبن جا ناتا پنهنجي اصل ورثي سان وابستہ ٿي چڪا آهن.

انهيءَ بنيادي حقيقت کي نظر ۾ رکندي، اسان وٽ ڪنهن بہ تخليقي شيءِ جي ڪٿ ڪرڻ لاءِ سڀ کان وڏو ماپو اهو ئي آهي تہ ان ۾

ڪلاسيڪي وابستگين جي تلاش ڪئي وڃي. ٻولي، ماحول، موضوع، ڪردار، لب لهجو، ترنم، جذبو ۽ احساس- اهي سڀ ڳالهيون جيتريقدر هن ڌرتيءَ جون پنهنجيون هونديون، اوتريقدر ڪا به تخليق بامقصد ۽ مقبول ثابت ٿيندي.

دنيا جا سڀ عظيم شاعر اول پنهنجيءَ پنهنجيءَ ڌرتيءَ جا عظيم شاعر آهن. آمريڪا جي قومي شاعر والٽ وٽمئن جي شاعريءَ ۾ آمريڪا کانسواءِ ڪجهه به ڪونهي، شيڪسپيئر وٽ انگلينڊ ايتريقدر آهي، جو انگريز انگلينڊ کي ڇڏڻ لاءِ تيار ٿي ويندا پر شيڪسپيئر کي نه. اهو ان ڪري جو اهڙن شاعرن پنهنجي شاعريءَ ۾ پنهنجي ملڪ جو سمورو شان سمائي ڇڏيو آهي.

لوممبا جڏهن آفريڪا جي غلام قومن پاران پڪاريو ته اهي سڄيءَ انسان ذات جي صدا سمجهي ويئي. فردوسيءَ جڏهن ايران جا ڳڻ ڳائيندي، عربن کي ڳوهه کائيندڙ ۽ اُٺڙين جو کير پيئندڙ چئي ڌڪاريو، ته به هو وڏو شاعر سمجهيو ويو. ڪاليداس ۽ ميران ٻائيءَ کي طبقاتي شعور ۽ عوامي جدوجهد جي اڻ هوند ۾، مخصوص مذهبي رنگ هوندي به تمام وڏو درجو ڏنو ويو آهي. ٽئگور انگريزي، عربي، اسپيني يا فرينچ ٻولين ۾ لکي نوبل پرائيز حاصل نه ڪيو هو.

ان ڪري، ڪنهن به خاص ملڪ يا ڪنهن به خاص ٻوليءَ جي نمائندگي ڪرڻ به عين انسانيت آهي. ڇاڪاڻ ته ڪنهن به شاعر کي انساني جذبا سڄيءَ طرح پنهنجي آسپاس جي ماحول مان ئي حاصل ٿين ٿا. ذات ۽ ذاهپ جا سرچشما دنيا جي ڪنهن به ڪنڊ مان، ڪنهن به ملڪ، قوم ۽ زبان مان ڦُٽي سگهن ٿا.

ان ڪري، سنڌي ليکڪن کي ڪمتريءَ جي احساس ۾ مبتلا نه ٿيڻ کپي، ۽ مڪاني ماحول، روايتن ۽ ڪردارن کي انتهائي اعتماد سان پيش ڪرڻ کپي.

جڏهن ٻـ اِهي ڪوششون پنهنجي عروج تي پهچنديون، تہ دنيا داد ڏيندي. آءُ انهيءَ ڪري هر اهڙي ڪوشش کي مسلسل عمل ڄاڻي، داد ڏيندس، جنهن جو رخ مٿي ذڪر ڪيل منزل ڏانهن آهي.

تاجل جي شاعري منهنجي نظر ۾ انهيءَ منزل ڏانهن هڪ اهم قدم آهي، ڇاڪاڻ تہ منجهس ڪلاسيڪي بنياد آهي، ۽ هن ٻوليءَ، ڪردارن ۽ ماحول جون مڪاني وصفون وڏي اعتماد سان پيش ڪيون آهن.

اسان وٽ اهڙي شاعري ٻـ ڪافي مقدار ۾ موجود آهي، جنهن ۾ مڪاني حوالا فيشن طور داخل ڪيل آهن. جيڪي وقتي طور تہ عام پڙهندڙن کي متاثر ڪن ٿا، پر پرکڻ وارن کي اُهي صاف طور مصنوعي نظر اچيو وڃن. اسان جي نئين ٽهيءَ جي شاعرن ۾ اهو لاڙو عام فيشن طور داخل ٿي ويو آهي، جيڪو اسان جي پسند مطابق جس جوڳو سجاڳيءَ جو اهڃاڻ ۽ ڏاڍو فرحت ڏيندڙ آهي، انهيءَ اطمينان جي ڪري تہ انهن شاعرن مان ڪافي تعداد اڳتي هلي پختگي حاصل ڪري وٺندو. پر جڏهن ڪي وڏا ۽ پختا شاعر ٻـ وقت جي لهر کي ڏسي ائين ڪن ٿا تہ اها ظاهر ظهور اُها ئي ڳالهہ آهي، جنهن کي مرحوم شيخ حفيظ "سنڌي ماڻهوءَ کي ذهني رشوت ڏيڻ" ڪوٺيندو هو.

انهيءَ سلسلي ۾، ٽي.ايس.ايليٽ هڪڙي ڏاڍي ڪم جي ڳالهہ ڪئي آهي. هن چيو آهي تہ: جيڪڏهن ڪو شاعر ڪا اهڙي ڳالهہ بيان ڪري رهيو آهي، جيڪا ان وقت عام پڙهندڙن جو وڏو حلقو پسند ڪري ٿو، تہ ائين ڄاڻبو تہ اهو شاعر اهڙي ڳالهہ ڪري رهيو آهي جيڪا سندس وقت ۾ عام ۽ چالو آهي، پر اڳتي هلي اها جٽادار ثابت نہ ٿيندي، ڇو تہ وقت گذرڻ سان جڏهن مستقبل جي ماڻهن جا ذهن وڏيڪ اڳيرا هوندا، تڏهن گذريل وقت جا چالو وڙ ڪين مطمئن نہ ڪري سگهندا.

هي اسان لاءِ ايڏو قيمتي نڪتو آهي، جنهن مان اسين عظيم شاعر جي ڪلام ۾ دائمي قدرن وارو معاملو ڏسي سگهون ٿا، ۽ اهو ئي نُڪتو

آهي، جيڪو حفيظ شيخ جي "ذهني رشوت" واري معاملي جي وضاحت بہ ڪري ٿو.

اسان جي ڪافي وڏن شاعرن وٽ سنڌي ماڻهن کي پنهنجيءَ مقبوليت جي مفاد خاطر آچيل رشوتون ملنديون. پر مستقبل ۾ ذهني طور متيرا ماڻهو انهن کي رد ڪري ڇڏيندا.

منهنجن انهن لفظن مان اهو گمان ڪيڻ نہ گهرجي تہ آءٌ ڪو قومي شاعريءَ جي برخلافي ڪري رهيو آهيان. مون فيشن ۽ خلوص جي ڳالهہ ڪئي آهي. ۽ اها بہ خلوص نيتيءَ سان ڪئي آهي. ان جي پيٺ ۾، عالمي قدرن کي نظر ۾ رکڻ وارا وري شايد اهو گمان ڪن تہ آءٌ قومي حدبندين جي پٺڀرائي ڪري رهيو آهيان. آءٌ ٻنهي طرفن آهيان. مون ٻنهي طرفن کي نظر ۾ رکيو آهي. عالمي قدرن جي سلسلي ۾، هيءَ ڳالهہ جيئن پوءِ تيئن واضح ٿي رهي آهي تہ ظالم ۽ مظلوم واري جنگ هاڻي رڳو پورهيت ۽ سرمائيدار جي طبقاتي جنگ نہ رهي آهي، پر هاڻي اها ساڳين اقتصادي بنيادن تي مختلف گروهن ۽ ملڪن جي وچ ۾، قومي جنگ جو روپ اختيار ڪري وئي آهي.

آءٌ ڪا وڏي ڳالهہ نہ ڪري رهيو آهيان، پر اوچتو اهو احساس ٿيو اٿم تہ آءٌ ڪنهن وڏي بحث ڏانهن وڃي رهيو آهيان. آءٌ سمجهان ٿو تہ تاجل کي ايڏو وڏو شاعر نٿو سمجهيو وڃي، جو ان بابت ڳالهائيندي مون لاءِ اهو مناسب سمجهيو وڃي تہ آءٌ قومي ۽ طبقاتي موضوع ڇيڙي، اصل ڳالهہ کي هضم ڪري وڃان، يا پڙهندڙن کي اڻ سڌيءَ طرح اهو ويساهہ ڏيڻ جي ڪوشش ڪريان تہ تاجل ڪو عظيم شاعر آهي.

آءٌ تاجل کي عظيم شاعر نہ ٿو ڪوٺيان، ۽ نہ سمجهان ٿو. مون پنهنجيءَ موج ۾ جيڪڏهن ڪا ڳالهہ ڪئي آهي، تہ اها سنڌي شاعريءَ جي هاڻوڪي عام رخ بابت سوچيندي ڪئي آهي. تاجل بابت انهيءَ ڏس ۾ مون کي اهو چوڻو هو تہ هن جيڪڏهن ڪي بہ مڪاني حوالا يا

انداز اختيار ڪيا آهن تہ اهي مصنوعي نہ ٿا معلوم ٿين. وٽس سنڌي ماڻهن کي رشوت طور آڇڻ لاءِ ڪي بہ ڪينهي. هن جيڪي لفظ، اصطلاح، محاورا، ڪردار ۽ نظارا پيش ڪيا آهن، سي سندس پنهنجي ماحول جي ذات آهن. ٻوليءَ جي سادگيءَ، فطري زندگيءَ مان موضوعن جي چونڊ ۽ شاعراڻي ترنم جي لحاظ کان، تاجل جديد دؤر جي ڪلاسيڪي جاڳرتا واريءَ تحريڪ جو هڪ اهم رڪن آهي.

جيتريقدر سندس عالمي شعور جو تعلق آهي، تہ آءٌ سندس مجموعي مان رڳو هڪڙو شعر پيش ڪندس:

**اُڇلايو پيا ائٽم گولا،**
**ڇا هيءَ ڌرتي ڪاري آهي؟**

انساني تهذيب ۽ تمدن جي تباهيءَ جا انديشا شاعرن عام طرح ظاهر ڪيا آهن، پر ڌرتيءَ جي ٻي قصوريءَ بابت تاجل جيڪو سنڌي لهجي ۽ روايت ۾ سوال ڪيو آهي، سو هڪ ئي وقت سندس عالمي ۽ قومي وابستگين جو انوکو مثال آهي.

تازو هن ئي سال بهار ۾ جڏهن تاجل سان ڪراچيءَ جي تاج محل هوٽل ۾ آڌيءَ رات تائين شام ملهائي وئي، تہ مون اُتي بہ اهي لفظ چيا تہ "آءٌ تاجل کي تيستائين معياري شاعر نہ مڃيندس، جيستائين هو پنهنجي ڪلام جو مجموعو ڇپائي پڌرو نہ ڪندو."

مون پوءِ سڄي هال ۾ ويٺل ماڻهن کي اپيل ڪئي تہ هو تاجل کان سندس ڪلام جي مجموعي ڇپائڻ جي زوردار تقاضا وارو ٺهراءُ پاس ڪن - ۽ تاڙين جي ڦهڪي سان اهو زوردار تقاضا وارو ٺهراءُ يڪراءِ پاس ڪيو ويو.

انهيءَ سلسلي ۾ تاجل جي هڪ خاص سرگرمي عام خاص جي معلومات لاءِ بيان ڪرڻ ضروري آهي. ان جا مختلف پاسا آهن، پر مجموعي طرح اها هڪ سرگرمي آهي، جنهن جو هڪڙو پاسو هي آهي

تہ تاجل کي ڪيمرا، ٽيپ رڪارڊ (ريڊيو نہ). فرج ۽ لائيٽر جو عجيب ذوق ۽ خفت آهي، ايتريقدر جو انهن شين مان ڪا بہ، ڪهڙي بہ چڱي هجي، وٽس گهڻو وقت نہ رهندي. اها وڪجي ويندي، ۽ وري ٻي نئين ايندي، يا اڳين شيءِ ڪنهن دوست يار سان مٽائي ڇڏبي- يا ڪنهن دوست يار کي ڏيئي، پئسا پوءِ پيا وصول ڪبا، ۽ ان جي جڳهہ تي هڙ جا پئسا خرچ ڪري ڪا نئين ماڊل جي شيءِ وٺي اچبي. انهن ڇئن شين ۾، خاص ڪري ٽيپ رڪارڊر جي بدل سدل تڪڙي تڪڙي ٿيندي رهندي.

تاجل جي معياري شاعري تمام گهٽ مقدار ۾ ڪن رسالن ۾ شايع ٿيندي رهي آهي. شاعر سهڻو سريلو معياري، پر سندس مٿيون سرگرميون اهڙيون جو ڪنهن بہ وقت پلا واندو هجي تہ ادب ۾ پنهنجي درجي بابت بہ سوچي. خاص ڪري رڪارڊنگ جو شوق‍ڙو مڙئي وڌيڪ اٿس.

سو مون کيس هر وقت ايڏو تہ پئي ٽوڪيو جو ڪڏهن آءٌ پاڻ ڦڪو ٿيندو هوس، پر هن تي ڪو بہ اثر نہ ٿي ٿيو. پر سمورو وقت انهيءَ جارحيت واري ڪم ۾ هدايت بلوچ مون سان هڪجهڙو شريڪ ٿي بيٺو هو، تنهن ڪري تاجل ڪا داداگيري ڪري نہ سگهيو.

مون کيس سمجهايو تہ اها رڪارڊن واري شاعري بہ بي مقصد ڪانهي، اجائي ڪانهي، پر جيستائين تون ادب ۾ ڪا جڳهہ نہ ٿو حاصل ڪرين تيستائين تنهنجي معياري شاعر هجڻ جي ڪا بہ ضمانت ڪانهي.

مون کيس اهو بہ ٻڌايو تہ تنهنجو ڪلام تمام معياري آهي، ۽ جيڪڏهن هڪڙي معياري شاعر جي حيثيت سان تون ادب جي دنيا ۾ ايندين، تہ رڳو اها ئي ڳالهہ جٽادار ثابت ٿيندي. پر سندس ڏيان ڪيترو وقت خاص اي.ايم. آءِ، ريڊيو ۽ ٽيليويزن جي رڪارڊنگ ۾ لڳو رهيو ۽ جنهن ۾ پوءِ وڌيڪ اضافو گذريل سال کن کان اهو بہ ٿيو جو هن باقاعدي

هڪ استاد آندو ۽ هندستان مان هارمونيم گهرايا. پوءِ استاد محمد حسن کان باقاعدي هارمونيم وڄائڻ ۽ پاڻ ڳائڻ جي تربيت به ورتي.

گذريل ٽن سالن کان تاجل مجموعي ڇپائڻ جي حامي ڀري ۽ پوءِ پنهنجو ڪلام سهيڙڻ به شروع ڪيو- پر ڇپجڻ جي نوبت سندس بي ڌيانيءَ ڪري نه آئي.

هاڻي، ڪنهن به ريت، جڏهن سندس ڪلام جو معياري مجموعو ڇپجي پڌرو ٿي رهيو آهي، ته آءٌ ائين پيو ڀانيان ته ڄڻ آءٌ پاڻ پڌرو ٿي رهيو آهيان. هو منهنجو جاڙو ڀاءُ ٿي ته آهي.

**شمشير الحيدري**

بدين

6 آگسٽ 1982ع

# موضوعن جي ندرت جو شاعر

ڪنهن ٻہ عمل ڪي تيستائين تخليقي نہ ٿو چئي سگهجي، جيستائين ان ۾ ڪا نہ ڪا دريافت (*Discovery*) شامل نہ آهي. سٺي شاعري- نون جذبن، احساسن، عڪسن، لفظن، ترڪيبن ۽ موسيقيت جي دريافت آهي. هر دؤر جي شاعري، ورجاءُ جو شڪار رهي آهي. اهو ورجاءُ يا ڪلاسيڪي شاعرن جي اسلوب ٻولي توڙي موسيقيت جو ورجاءُ هجي، توڙي پنهنجي دؤر جي نالي چڙهيل شاعرن جي اسلوب جو— ورجاءُ (*Repetition*) واري شاعري هميشہ ٻئي درجي جي شاعري ٿيندي آهي.

ازرا پائُونڊ جي لکڻ موجب "هر شاعر، پنهنجي شاعريءَ جي اوائلي دؤر ۾، ڪنهن نہ ڪنهن عظيم شاعر کان متاثر ٿيندو آهي." ڪن شاعرن جي شاعري ان متاثر ٿيڻ واري دؤر کان اڳتي وڌي تخليقي نہ ٿي سگهندي آهي، ۽ انهن تي ان ورجاءَ جو ٺپو سڄي عمر لاءِ لڳل رهندو آهي- پر ڪي شاعر، ان ورجاءَ واري ڪيفيت کان اڳتي وڌي 'تخليق' جي دنيا ۾ پهچندا آهن، ۽ شاعريءَ ۾ نيون دريافتون ڪندا آهن- پوءِ اُهي اسلوب جون هجن، توڙي جذبن، احساسن، عڪسن يا موسيقيت جون.

اسان جو تاجل 'بيوس' پڻ شروعاتي دؤر ۾ عظيم سنڌي ڪلاسيڪي شاعرن، توڙي پنهنجي دؤر جي وڏن شاعرن کان متاثر نظر ٿو اچي، جيئن هن جي ڪجهہ ڪافين ۽ غزلن مان ظاهر آهي- پر پوءِ، هر سٺي شاعر وانگر، ان ڏيڻ مان نڪري، اڳتي هلي تخليق جي دنيا ۾ ٿو پهچي، جتي نوان ردم، نوان عڪس، نئين قسم جي ٻولي ۽ اسلوب ۽ نئين قسم جي موسيقيت دريافت ٿو ڪري:

پَٽِ جهوپا، ڪَڻُ پڪڙا، ڪاچي وڻو مينهن،
ڪاڪيون! ڏاران قوت جي، نبري نٿو نينهن،
ڪيري وڄ وجود تي، ٿو ڏينئين جهڙو ڏينهن،
پاهَڻ هاڻ نہ پينهن- ويا ڏڪاريا ڏيهہ مان.

يا

ڪڻ هٿ ۾ ڪيتڙا، ڪُلهي رک مهار،
وٺا سانوڻ مينهڙا، هُن ٽاٽي، هُن پار،
چَرن چندن ٽاريون، لاڏوُ اُٺَّ ليار،
ارلن مٽان اولڙو، پرهہ ڦٽيءَ جا پار،
پڪا پَٽِ پنوهار- سڪر ٽيو ساٽيهہ ۾.

مٿين بيتن جو موضوع بہ نئون آهي، تہ ٻولي ۾ عڪس پڻ نوان آهن:

’ڪُريا ڪٽي هلڻ‘ ’ڪهاڙين ۾ ڳن وجهڻ‘
“ٻڪ جي ڏينهوءَ جي ڏنگ سان تشبيهہ”
’هٿ ۾ ڪيتڙا ڪٽي، ڪلهي مهار رکڻ‘.

اهي سڀ عڪس سنڌي شاعريءَ لاءِ نيون دريافتون (Discoveries) آهن.

تاجل جي واين ۾ پڻ اهڙيون دريافتون آهن:

وڻڻ ايندا واسڙو
ماٺهو ڇاتيءَ موڪرا،

موڙ نہ مينديءَ ڏار کي.

وَتِ نہ ويهي پَٽَ جا،
ڦاهيءَ ڏاڍگا سُرڪٽا،

پوڙيسر جي پونءِ تي.

انهن ۾ ”ماڻهو ڇاتيءَ موڪرا“ ۽ ”ڦاهيءَ ڏاڍگا سرڪٽا“ تخليقي عمل جا شاهڪار آهن. ساڳيءَ طرح:

”مينديءَ رتا هٿڙا،
ڇهبڪ جهڙي ڇيلهہ،
آئي رت بسنت جي.“

نہ رڳو بيتن ۾، پر غزل جهڙيءَ ڏاريءَ ۽ روايتي صنف ۾ بہ تاجل تخليقي روح ڦوڪيو آهي:

”ڪاهي پيو موت آهي ماڻهن ۾،
پَڪَ سيٽي ڪٽي وڳي هوندي.
تتو آ ڏينهن، تون بہ ترسي پئو،
آٽيان ماني ٿي، جي پڪي هوندي.
جتي ڪٽڪن ۾ لاب پوٽو هو،
اُتي ماڪڙ وري لٿي هوندي.“

تاجل غزل ۾ تغزل ۽ رمزيت جي ڪيفيت برقرار رکي آهي. توڙي جو نہ سندس غزلن جو ماحول روايتي آهي، ۽ نہ ٻولي. نون موضوعن سان غزل جي رمزيت قائم رکي سگهڻ وڏي جاکوڙ آهي.

”پاڻياريءَ جو چولو ميرو،
پارَ تہ ڪيڏي پياري آهي!“

ڪيئن آيون آن؟ ڪرڪي خبرون،
خوش آن، جوڙ بهاري آهي”

---

زندگي ڪيڏي خوبصورت هئي!
ويئي گذري جا ڪنهن جي ٻانهن ۾.”

---

“ويجها ٿيندا ويندا آهن،
منڙا ماٺهو مُرڪڻ وارا.”

---

“مان خود ئي خطائون، ڪٽي آيو آهيان،
گهٽيون ئِي گلائون، ڪٽي آيو آهيان.
وفائون، جفائون، ڪٽي آيو آهيان،
جو مون ڪي ڏنائون، ڪٽي آيو آهيان.
ٻُڪن جون بلائون، ڪٽي آيو آهيان،
اهي پيي تہ آئون، ڪٽي آيو آهيان.
وڏي ڳالهہ آهي، جو دل جي دنيا ۾،
خدا ءِ خدائون، ڪٽي آيو آهيان.
وڳا ويس پهري، وسڻ لاءِ ‘بيوس’،
گهڙي ڪن گهٽائون، ڪٽي آيو آهيان.”

---

“ڪٿي ڪانگ ويهي ڪندو ڳالهڙيون!
ميان! چو وڌيو تو پپر جو هي وڻ.”

غزل ۾ سنڌي ماحول جو رنگ جهڙو تاجل پيش ڪيو آهي، اهڙو ڪنهن ورلي ڪيو هوندو.

“جا ٻيلاٽين ۾ ٻُرندي هئي،
سا ڳُٽَ ڳُٽَ، ناهي ڳيرن ۾.”

---

نٿ ۾ پوتل موتي ناهن،
جواني آ، جا جرڪي پيئي.”

---

**تاجل جي بيتن ۾ موضوعن جي ندرت آهي:**

ڪي تہ ڪلاسيڪي ۽ روايتي موضوع آهن- جيئن سورٺ ۽ ڪاموڏ- پر ڪٿي ڪٿي هن بلڪل ئي نوان موضوع ڪنيا آهن. جيئن: هاري يا پورهيت.

واين ۾ تاجل نہ رڳو ان صنف جو روايتي حسن برقرار رکيو آهي، پر انهن ۾ موسيقيت ۽ موضوعن جي جدت پڻ شامل آهي:

جنگ ڪٿي جهونجهار،
پلي ڪري آيا،
جي ڪري آيا.
ڇاتي ڇيتيون، وار رتاوان،
سورهيہ جو سينگار،
پلي ڪري آيا،
جي ڪري آيا.
وار ڇنڊيندي، ماءُ ٻُڌي ٿر،
گهوڙن جي هڻڪار،

پلي ڪري آيا،
جي ڪري آيا.
وڪَ ڪنيائُون، وَير وتائون،
ڏَڙَ ڪيائُون ڏار،
پلي ڪري آيا،
جي ڪري آيا.
ٻُنگ، ڪٺوري، ٻور وڻن ۾،
هيرَن ۾ هٻڪار،
پلي ڪري آيا،
جي ڪري آيا.

-----

ڪٿي ڪٿي تہ ان ساديءَ صنف ۾ اهڙا اونها خيال ڏنا اٿائين، جو عجب پيو لڳي:

اوجل رات اماس جي،
هئہ، هئہ تنهنجا اولڙا!
مارؤُ پائر پٽ تي.

-----

مَڇَّ مهاندا ماريا،
هئہ، هئہ هَڏُّ هجن!
مَڇَ مهاندا ماريا،
مُنديون مانگر وات ۾،
ڦرٽيءَ جيئن ڦرن،
مَڇَ مهاندا ماريا،

ونجهہ تڪيرا، وانئڻيون،
لُڙهہ ۾ رَڃَ لُڙهن،
مَڇَ مهاندا ماريا،
گهر تڙ گهاتن گهوريا،
ڪَڙَ تي ڪنگ رڙن،
مَڇَ مهاندا ماريا،

هن وائيءَ ۾ ”ماگر جي وات ۾ منديون ڦرٽيءَ جيئن ڦرن“. ”ڪَڙَ تي ڪنگ رڙن“. چٽا، صاف ۽ انوکا عڪس آهن.

تاجل جي اوائلي زندگي، ڪڇي ۾ مال چاريندي گذري آهي. هن لٽ ڪٽي، جهنگن ۾ ماروئڙن جهڙي حياتي گذاري آهي. ان ڪري ئي هن جي شاعريءَ ۾ خالص ۽ چٽا عڪس آهن، جيڪي سنڌ جي ٻهراڙيءَ جي حسن جا شاهڪار آهن.

”ڏاگهن ڏار نوائيا، ميان! ماڪ ڀنل“

-----

”ڪوڙي ڪرڙ ڪڪوريا، لکين لال ليار“

-----

ڪستوري، خوشبوءِ ۾،
چِڪِّ ڀڪلي چولڙي،
ڍوليا مارو ڍٽ ۾،

-----

رات بہ ڏنڙم ننڊ ۾،
مکڙ جو ماڻيون الا!

چوليون چوڙيلين جون،
ڪلهن ڪان ڦاٽيون الا!

-----

اسين مارو پاڻ ۾،
جر تي پڪي جيئن،
اسين مارؤ پاڻ ۾.

-----

گَهَرا گهاوَ وڏا،
گهاگهر گهاگهر تي،
آئي وار ٻُنڏي،
نينگر نيسر تي،
ٻاڙها گل چُنيءَ جا چمڪن سانوڻ ۾،
ڏاڍا مينهن وَٺا،
سَرها گاهہ ڦٽا،
صوفي پير پڪا،
موٽي آءُ مٺا،
ڪونجان ڪيچ وٽن تي ڪرڪن سانوڻ ۾.

-----

گهر تڙ گهاتن گهوريا،
ڪَڙَ تي ڪنگ رڙن،
مَڇَّ مهاندا ماريا.

-----

اهي عڪس صرف اهو ئي شاعر پيش ڪري سگهندو، جيڪو ان ماحول جو حصو ٿي رهيو هوندو.

تاجل جا آزاد نظم، خاص ڪري پيدائشي عمل ڪائنات جي تخليق جي باري ۾ هڪ شاعراڻو تصور آهي. ان ۾ حساس دل ۽ *Imaginative* شاعر جي حيثيت ۾، تاجل هن ڪائنات جي تخليق ۽ ارتقا جي متعلق چٽائيءَ سان عڪسن مٿان عڪس تخليق ڪيا آهن. اهي ڌنهندڙ ڌهندڙ عڪس هڪ بئي پٺيان ايندا وڃن ٿا، ۽ تخليقي عمل جي باري ۾ نشان ڇڏيندا وڃن ٿا. انسان جيڪو مخلوق آهي، اهو خود تخليق جي عمل کي هٿ ۾ ڪٺي ٿو. اهو شاعراڻو ۽ حسياتي اظهار دل ۾ پيهي ٿو وڃي.

زندگي انسان ۾ پيهي وئي،
انسان خود خالق بڻيو،
۽ ذات جي هر ڪيت ۾،
پيا عظمتن جا گل ٽڙي.

تاجل 'بيوس' ڪٿي ڪٿي تمام روايتي ٿيو وڃي- خاص ڪري ڪافين ۾- ٿي سگهي ٿو ته اها سندس اوائلي شاعري هجي- ان شاعريءَ ۾ موسيقيت برقرار رکي اٿائين، پر موضوع، اسلوب ۽ منظر، سڀ اڳئي لتاڙيل آهن ۽ رڳو ورجاءُ ٿو لڳي.

**ڪٿي ڪٿي تاجل عجيب غلطيون ڪيون آهن، جيئن:**

پَٽِ جهوپا، ڪڻ پڪڙا، هُن ٽر مهري موڙ
ڪئِي مٿان ڪَچَ جي، گونگي آهي گوڙ

جتي منڊل مينهن جا، اُتي جايون جوڙ
چڙڪا گل چندن جا، راهه هلي روڙ
ويهه نه، ولرَ ڇوڙِ- ته رسجي هونديءَ رات ۾.

ان بيت ۾ مهري 'ٽر ڏي موڙي' 'چندن جا گل' روڙڻ جي ڳالهه ڪئي اٿائين- ٽر ۾ چندن ٽيندو ئي ناهي- تاجل جهڙي شاعر کان اهڙي قسم جي غلطيءَ جي اميد نه هئي.

مجموعي طور، تاجل جي شعرن جو هيءُ مجموعو، سنڌي شاعريءَ ۾ هڪ خوبصورت اضافو آهي.

**تنوير عباسي**

خيرپور،

4 جولاءِ 1982ع

# سلو انگورئون پلو

واسينگ وانگر وراڪا ڏئي، تيز ڏارا سان وهندڙ سنڌو ساگر جي ڪوٺ چانڊڪي واري پتڻ جي اپرندي ڪناري ڳوٺ "پير حيات شاهه جيلانيءَ" ۾ تاجل هڪ مالوند ماڇيءَ جي گهر ۾ جنم ورتو. هو ننڍي هوندي ئي يتيم ٿي چڪو هو. تنهن ڪري پنهنجي وڳ وراڻ لاءِ لٺ ڪُلهي ڪري، هن ڏناري ڪيءَ جو پيشو اختيار ڪيو. وسڪاري جي موسم ۾ اوڙڪون اٿلي پونديون هيون، ڏينهون ڏورا تارئون تار ٿي ويندا هئا. جهر جهنگ آب اٿل ٿي ويندي هئي، درياءَ جي وسعت اڻکٽ ۽ اٿاهه ٿي ويندي هئي، جنهن کي ڏسڻ سان ڏيل ڏڪي ويندو هو. بيڙائتا پنهنجا سڙهه سنوان ڪري، سڪان سنڀاليو، سنڌوءَ جي سطح تي الغارون ڪندا وتندا هئا. جڏهن واهوندا وري ويندا هئا ته بيٽ ٻيٽاريون نڪري نروار ٿينديون هيون، ۽ اتر اوتڻ شروع ڪندو هو ته انهن ۾ ڇٽن، مٽرن، ڪٺڪ ۽ سرنهه جو ڦولار ۽ ٻين قدرتي گاهن جي گلزاري ائين نظر ايندي هئي، ڄڻ قدرت ڌرتيءَ تي سبز مخملي ميناڪاريءَ جو فرش وڇائي ڇڏيو آهي. ان تي اپريل اُرهه واريون واهڻ جون وهون، ساڳ پلي پٽڻ لاءِ قطارون ڪري پوکن ۾ پکڙجي وينديون هيون، جن جي کجڪار سان کيت کلي اٿندا هئا.

ڪنگو ٿاري جا کهنبي رتا گل، باهڻ جي مکڙي، ڪنڊيءَ جي پونگر ۽ ليڙ، ٻيرين جو ٻُور، ڪرڙن جي پُسي ۽ پڪا، ٻبرن جا پيلا گل، جن جي سڳنڌ ۽ سرهاڻ سان سڄو جهنگل واسيو پيو هوندو هو ۽ وڻن جون لامون ماکيءَ جي لار سان ٽمٽار هونديون هيون. ٻاٻيهن جي ٻولين، تاڙن جي تنوارن، ڪُنڊين جي ڪٺڪن ۽ چڙن جي چونگارن سان ٻيلو

ٻري اٿندو هو. قدرت جي اهڙن انيڪ رنگارنگي نظارن ۽ ايڪانت ۾ رهڻ سبب، 'تاجل' ۾ سوچ ويچار ۽ تجسس ننڍي لاڪون پيدا ٿيو.

هر برگ سبز است در نظر هوشيار،
هر ورق دفتر است معرفت کردگار.

'تاجل' سان منهنجي ڏيٺ 1948ع ۾ ٿي. جڏهن سنڌي شاگردن لاءِ اڙدو پڙهڻ لازمي ٺهرايو ويو هو. تڏهن اسان جي ڀهراڙين جا اڪثر استاد اڙدوءَ کان نا آشنا هئا. ان وقت هو درگاه 'پير حيات شاهه جيلانيءَ' جي موجوده سجاده نشين، سائين حيات شاه سان گڏجي، اڙدو پڙهڻ جي سانگي مون وٽ آيو. بلڪل سنهڙو، سيپڪڙو نبل ۽ ننڍڙو بنهه پتڪڙو معصوم ديوتا ٿي نظر آيو. ڪنن ۾ ڪنڊل پيل سو ڪونه هوس، باقي انهن جي بجاءِ ڪنن ۾ سونيون ڪيوٽيون پاتل هيس ۽ مٿي تي پٽڪي جو سنڌي ور ورايل هوس. هيءُ روازنو صبح جو اسڪول پڙهڻ ويندو هو ۽ واپس اچي شام جو مون وٽ پنهنجو اڙدوءَ وارو سبق پڙهندو هو. اسان جي ڪچهري جيئن ته سيڪولر ۽ صوفي ازم واري هئي، تنهنڪري ان مان جهڙيءَ طرح هر آئي وئي کي اسان جي صحبت ۽ سنگت مان ساءُ ۽ مزو ايندو هو. تهڙيءَ ريت هن ننڍڙي نينگر کي ٻه اسان جي ڪچهريءَ مان لطف ايندو هو.

تاجل اڙدوءَ کان سواءِ پنهنجن درسي ڪتابن ۾ پڙهيل شاهه سائينءَ، سچل سرمست ۽ ساميءَ جا سلوڪ، سنڌيءَ جي ٻين ڏکين اکرن ۽ محاورن جي معنيٰ ۽ شرح ٻه پڇڻ ۽ سکڻ لڳو. ڪيس جيستائين اهو چڱيءَ طرح نه سمجهايو ويندو هو، تيستائين هيءُ پيچ پچا لائي ڏيندو هو ۽ پچر نه ڇڏيندو هو. آخر اسان جي صحبت ۾ ايڏو ته سُڪ ٿي ويو، جو اسڪول کان واپس ورڻ بعد باقي سمورو وقت اسان جي سنگت ۽ صحبت ۾ گذاريندو هو جتي علمي ۽ ادبي ڪچهريءَ سان گڏ، يڪتاري جي تند تنوار ۽ گهڙي جي ٺنؤڪار تي ڪي ڳائڻا فقير عارفاڻو ۽

عاشقاڻو ڪلام بہ ڳائيندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن هيءُ ننڍڙو فرشتو بہ موج ۾ مستيءَ ۾ اچي آلاپيندو ۽ جهونگاريندو هو.

”سلو انگورئون پِلو“. مان هن جي ذهن، شوق ۽ ڪوشش کي ڏسي، پرکي ورتو تہ هيءُ مٽيءَ ۾ ميراٿيل ڪچ جو ڪٽو نہ آهي، پر هڪ املهہ ماڻڪ آهي، جنهن کي فقط اوجر جي ضرورت آهي. جو نيٺ تہ هلي هڪڙي ڏينهن سنڌ جي سينڌ ۾ چمڪي اٿندو. تنهنڪري هن سان پريت جو پيچ ڪٽي پاتم. هن کي منزل مراد تي پهچائڻ لاءِ پنهنجي ڄاڻ هن جي سمجهہ آهر سمجهائڻ شروع ڪيم. ننڍڙي هوندي کان هن جو شاهہ سائينءَ سان ايترو تہ عشق هيو جو جوارين جي جهار هڪلڻ لاءِ پيهي تي چڙهي، ڪانياٺي ڪٽي، ”هور وهيو هور وهيو“ ڪرڻ بدران، شاهہ سائينءَ جا بيت جهونگاري جهار اڏائيندو هو. جهار جهڪي ٿيڻ جي وقت ۾ بوٽيندي مان سنڌي لهرو وجائي، روح ريجهائيندو رهندو هو.

تاجل ننڍڙي هوندي کان ڏاڍو تيز فهم، جذباتي ۽ حساس هوندو هو. ٻهراڙيءَ جي ٻارڙن وانگر، هن بہ هڪڙو ٻگڙو تتر پالي رکيو هو جنهن سان هن جو گهڻو پيار هو. تتر بہ تمام لاڏر ۽ ٻولڻو هو. هو جڏهن نئين ڳوٺ ۾ پرائمري پڙهڻ ويندو هو تہ تتر پنهنجي عزيزن جي گهر ۾ رکي ويندو هو. تتر جي ٽهڪارن کان بيزار ٿي، هن جي هڪڙي عزيز هن جو اهو محبوب تتر پڃري مان ڪڍي ڪهي ڪائي ڇڏيو. جڏهن هيءُ اسڪول کان واپس وريو تہ پڃرو خالي ڏٺائين. تتر کي تلاش ڪندي سندس نظر وڃي ڪڙهہ کان ٻاهر پيل کنڀن تي پئي. پوءِ تتر جي ماجرا معلوم ڪري، ايڏو تہ ڏکوئجي ويو جو ماڻٽن کان منهن موڙي، مون وٽ اچي اوطاقي ٿيو ۽ مئٽرڪ پاس ڪرڻ تائين مون وٽ رهيو. ان دوران هيءُ صوبو ديرو مدل اسڪول ۾ پڙهڻ ويندو هو تہ هن هڪ هم ڪلاسي الله بخش چنو (علڻ)، جيڪو تمام پيارو دوست هوس، ان جي اوچتي ۽ بيوقتي موت جو ٻڌي کيس تمام گهڻو صدمو رسيو ۽ ڪڏهن ڪڏهن

پنهنجي ليکي پيو ٻڙ ٻڙائيندو هو. هڪڙي ڏينهن مان هن کي ٻڙ ٻڙائيندي ٻڌي ورتو. جنهن جا هيٺيان لفظ مون کي اڃا سوڌو ياد آهن:

ايڏا ڏينهن ڇاکؤن وڏا ٿي الڙ،
نہ نياپا سنيها مُڪا ٿي الڙ،
وساري ڏڪاري وڇوڙو ڏئي،
وئين بار جاني جدا ٿي الڙ،
پرهہ جو پيو ڪو تتر ٿو تنواري،
هليو آءُ پيرون پڪا ٿي الڙ.

جنهن ۾ مون کي هن جي طبيعت ۾ شاعريءَ جو رنگ نظر آيو. پر مان نہ شاعر نہ ڪوي:

شعر گفتاً گرچہ در سفتاً بود
ليڪ فهميداً بهہ از بهتر بود

تنهن ڪري، جيڪو وڏڙن کان وکر پلئہ پيو هوم، سو ڪٽي سندس جهول ۾ وڌم ـ ۽ آخر هن مان لڪل شاعر نڪري نروار ٿيو.

انسانيت جا ڪيئي روپ ٿيندا آهن. انهن روپن مان مزاج ٻٽبو آهي. مزاج مان شخصيت پيدا ٿيندي آهي، جا عام ماڻهوءَ کان اعليٰ ۽ اُتم هوندي، سا شخصيت شاعر جي آهي. هن خير ۽ شر جي دنيا ۾، جنهن ۾ حق ۽ باطل جي پاڙ ۾ جنگ لڳل آهي، شاعر خير جو داعي، حق جو حامي ۽ انسانيت جو علمبردار ٿيندو آهي، ۽ هر مسئلي کي هو انسانيت جي نقطہ نگاه سان ڏسندو آهي. شاعر ذهين، حساس ۽ دردمند دل رکندو آهي، جنهن جو ڌرتي ۽ ڌرتيءَ جي ماڻهن سان والهانہ پيار هوندو آهي. هو انسان کي عظيم سمجهندو آهي، جنهن تي ڪنهن بہ قسم جو زور زبردستي ۽ ناانصافي سهي نہ سگهندو آهي. هو انسانيت جو سچو همدرد ۽ هڏڏوکي هوندو آهي.

"شاعري جزويست از پيغمبري"

تاجل عوام کي ڏاڍ ڏمر ۽ پرماريت جي رکوالن جي ڌهڪاءَ کان مايوس، بيوس ۽ محروم ڏسي، شاعريءَ ۾ پنهنجو تخلص ‘بيوس’ رکيو.

هن جي تخليق ۾ سنڌي فڪر ۽ فن، قديم ۽ جديد جو هڪ سنگم آهي، جنهن پنهنجي قديم سنڌي ورثي موجب ڪلاسيڪي انداز ۾ نون ادبي ۽ فني قدرن جو اظهار ڪيو آهي- جڻ ائين پيو سمجهه ۾ اچي ته قديم صراحيءَ ۾ نئين قسم جو شراب ڇلڪي رهيو آهي، جيڪو نج سنڌي ٻوليءَ جو هڪ سهڻو گلدستو آهي. جيئن سندس ٻولي سهڻي سلوڻي، منڙي، ٻاجهاري، سوڊيل ۽ سموهيل آهي، تيئن سندس تخليق به سونهن ۽ سوڀيا جو هڪ وڻندڙ ۽ موهيندڙ انداز ۾ سٽا جي “روپ سروپ” جو سينگار آهي، جنهن کي سنڌي سٻاجها منهين، مارڪين، جهر جهنگ ڳائي ۽ جهونگاري رهيا آهن. جتي ڪٿي تاجل جي تنوار ٻڌڻ ۾ پئي اچي- ڇو جو هو هڪ عوامي شاعر آهي. هن جو ڪلام عوام لاءِ آهي. سندس ڪلام مختلف موضوعن جي کاڻ آهي، جنهن ۾ نينهن جا نعرا، فنا ۽ بقا، حسن ۽ عشق، وصال ۽ فراق، غربت ۽ ناداري، قرباني ۽ ايثار، حب الوطني ۽ اڪير، ٻڌي ۽ ايڪتا، آدم ۽ محنت، سچائي ۽ اخلاص، پورهئي ۽ عظمت جها اهڃاڻ، پنهنجي شاعريءَ جي ڏات سان تمام حسين پيرايي ۾، ڪتابن ۽ اشارن سان بيان ڪيل آهن، جي ٻڌندڙ جي دل ۾ ٻيهي وڃن ٿا، ۽ جنهن جي اندر مان اهڙا اڏما اُٿن ٿا، جو هو “واه واه” ڪرڻ کان سواءِ رهي نه ٿو سگهي.

**فقير اَلهندو جتوئي**

ڳوٺ پير حيات شاهه جيلاني

10 آگسٽ 1982ع

پنهنجي پاران

# ڏکن سکن جي سونهن

**ڏرتيءَ جي سونهن** ننڍپڻ کان وٺي نہ رڳو منهنجي ڪمزوري پئي رهي آهي، پر ان ڪمزوريءَ جو شڪار ستينءَ صديءَ جي مها ڪوي **پرتريءَ** کي پڻ ٿيڻو پيو هو. جنهن سنسار جي سونهن ۽ مجازي عشق جي باري ۾ چيو آهي:

"زندگيءَ جو ٻن قدرن کان سواءِ سڄو سنسار بيڪار آهي. اُهي قدر آن- 'عورت جو جوڀن' ۽ 'جهنگلن جا نظارا'."

آڳر پڪڙي هلڻ کان وٺي ڪڙيءَ رسڻ تائين اجايل اکين الائي تہ ڪيئن ۽ ڪٿان ڪٿان پئي اڄ اجهائي آهي! ڪمزور ۽ بي سهاري انسان جي اُگهاڙي پٺيءَ تي ٻيٺ جي ڇَهن لڳڻ کان وٺي ڪنهن ڪاڄ ۾ هڪ جوان جماڻ غريب هارياڻيءَ يا لاهياريءَ جي جسم تي اوڍيل نئين نڪور وڳي ڏسڻ تائين مون هيل سوڏو پئي نظارا ڪيا آهن. مٿرن جي لوڙهن ۾ وهندڙ ڍنڍ يا واهڙ مٿان ڪرلائيندڙ ڪونجن جون قطارون، سرنهن جي ڦولار ۾ پيلن گلن وچ ۾ بيٺل هڪ ڳوناڻي عورت. شام ويلي ڳڇي کان پکي ڏانهن موٽندڙ مينهن، ڳئن ۽ ٻڪرين جا ڌڻ ۽ ڌنار، سانوڻيءَ ۾ ڪوهن تائين پکڙيل ڇر جي پاڻيءَ تي ترندڙ درياهہ جا پکي ۽ لڙهندڙ ماڻهن، ٻيڙين، ڊونبين، ٻتيلن. ڪنارن ۽ هُڙن جا سنگهڙ ۽ سانباها، ڌرتتيءَ جو ڪنهن پيرن اگهاڙيءَ ساتياڻيءَ يا گندريءَ جي مٿي تي رکيل مٽيءَ جي ڪاري، ٻوڏ جي پاڻيءَ سڪي وڃڻ بعد ڪنهن ڍنڍ يا گٽنگ جي شفاف پاڻيءَ مٿان نازڙي ۽ نيلوفر جي گلن جون اڻ-ڪٽندڙ قطارون، ڪاهہ وڻ يا پکن ۽ ٻُسين سان ٽندريل ٽارين مٿان وهين ۽

ڪٻرين جا ميڙ ۽ وڳر، پڪل جوئر ۽ ٻاجهريءَ جي ڪيتن تان پيهي تي چڙهي ڪنهن نينگريءَ جي ڪانپاٽي ڦيرائڻ وارن ڏيکن ۽ نظارن جا عڪس ۽ اولڙا اڄ بہ منهنجي ذهن جي افق تي چانيل ۽ چٽيل آهن.

داخلي ۽ خارجي امنگن، اڌمن ۽ جذبن جي ڪيفيتن کي احساس جي ڪسوٽيءَ تي پرکيندي مون سوين سچ ۽ ستارا پٽي اُڀاريا ۽ لاٿا آهن. فطرت جي انهن مٿين نظارن ۽ ٻين ڪيترين حقيقتن ماضيءَ ۾ مون ۾ هر وقت اُتساهہ ۽ نئين جاڳرتا جا انيڪ عڪس ۽ اُڏما پٽي پيدا ڪيا آهن، جن منهنجي ذات ۽ ڏانوَ کي خيالن جي وسعت، فڪر کي گهرائي ۽ شاعريءَ کي ارتقا جو عمل بخشيو. منهنجي شاعر بڻجڻ جو خاص سبب ڪي داخلي واردتون چٽي سگهجن ٿيون. پوءِ جڏهن انهن داخلي واردتن  جي ولوڙ خارجي حقيقتن جو اثر قبول ڪيو تڏهن منهنجي لاشعور جي جهوليءَ ۾ شعور، احساس ۽ فڪر جا ڳاڙها ڳٽول گل ڪريا، جن ۾ مجاز کان وڏيڪ پيٽ ۽ روزگار جي مسئلن جا رنگ وڏيڪ گهرا محسوس ڪيم. ڪن اٽڪر ۽ فطري مجبورين ڪري اسين هوند وارن جي ظلم، ڏاڍ ۽ تشدد جو شڪار بڻياسون. ان وقت مان وڏ ۾ وڏ ستن اٺن سالن جو هوس ۽ منهنجي ننڍپڻ هر قسم جي لڳندڙ واءُ جو مقابلو ڪيو. مان اهڙن تہ تلخ پر ڪامياب تجربن ۽ آزمائش مان گذريو آهيان، جو ماضيءَ ۾ پاڻ تي ٿيل ڏاڍ ۽ ستم کي ياد ڪندي فخر محسوس ڪندو آهيان ۽ چوندو آهيان تہ چڱو ٿيو جو دنيا وارا ڏاڍا ۽ اسين هيڻا هئاسون، جنهن ڪري اهڙيءَ طرح انسان جي ڏکن ڏاکڙن، مصيبتن ۽ مسئلن جي پروڙ پئي. ستمگر دوستن، احبابن ۽ مٽن مائٽن کي بد دعا ڏيڻ بدران سندن ٿورا ٿو ڳايان، جن اسان تي ڏاڍ ۽ ڏمر جا هٿيار آسانيءَ ۽ ڪاميابيءَ سان هلائي اچي هتي پهچايو ۽ ڏکن ۽ سکن سان منهنجي گهٽي ۾ گهٽي واقفيت ڪرائي.

آءٌ جڏهن اٽڪل ستن اٺن سالن جي عمر جو هئس تہ منهنجو ابو لاڏاڻو ڪري ويو. ابي سائينءَ جي مري وڃڻ کان پوءِ اسان جو سڄو ۽ سچو پچو سهارو مائي پناهہ خاتون- منهنجي امان سائڻ ٻٽي جيڪا ذات جي سيالڻ آهي ۽ اسان ٻن ڀائرن، هڪ مان ۽ ٻئي مائيٽي ڀاءُ محمد يعقوب سان اڄ بہ پيئي ڳڻ ڏئي.

اسين گهر جا ٻہ فرد- مان ۽ منهنجي ننڍي ڀيڻ بصر خاتون- جيڪي مينهن جي ڦڙن وانگر جتي ڪٿي امڙ جي ڪڏ ڏنا ويندا هئاسون، وڏي ٿيڻ تائين گهڻو ڪري مائٽن مٽن، وڏيرن ننڍيرن ۽ هوند وارن جي عتاب جو شڪار پئي رهيا هئاسون. پر وارن ۽ پاڙيسرين جي عتاب ۽ ڪرڙيءَ نظر هيٺ رهڻ جا خاص سبب امان سائڻ جو ڏاري يعني سمي نہ پر سيالڻ هئڻ، ابي سائينءَ جو نِنديڻ ۾ ئي سر تان پاڇو ڪڇي وڃڻ ۽ سندس حياتيءَ ۾ پرمار قوتن تي ڪي غيرتمنديءَ جا ڪامياب راتاها هڻڻ هئا. نِنديڻ ۾ امان سائڻ ٿڃ پياري تہ وڏو ڪيو پر ان کان پوءِ بہ جيڪا گرم توڙي ٿڌي هوا لڳي ان سان منهن ڏيئي، کير- پٽ ڪارائي پاليندي رهي. آءٌ اکيون بند ڪري گهڙي کن لاءِ جڏهن ماضيءَ ۾ جهاتي پائيندو آهيان تہ پنهنجي ڳوٺ جي گهٽين ۽ گسن جي نظر اچڻ سان گڏ اڄ بہ پنهنجي ۽ پنهنجيءَ ڀيڻ جي روئڻ جا آواز ۽ امان سائڻ جي سڏن، سڏڪن ۽ ڪوڪن جا پڙاڏا ۽ پڙلاوَ ذهن تي بہ-چار مترڪا وهائي ڪڍندا آهن. آءٌ جڏهن بہ گوتم ۽ پٽ ڏٽيءَ وانگر منهن مونن پائي سوچڻ وهندو آهيان تہ ائين لڳندو آهي ڄڻ اسين ٻئي ڀيڻ- ڀاءُ اڃهو امان سائڻ جي لار لڳي اڃا بہ پير ۽ پاڇا ماٽ ۾ پسائيندا، ڪانبا ٻڌي مکڻ جي چاڻن جهڙيون نرم نرم ونڻن جون ڦٽيون پيا چونڊيون. آءُ اڃا بہ سونار مينهن لاءِ جوئر مان پن پيو سويان. مان اڃا بہ ڪلهي تي لٺ رکي شام ويلي پرائين ۽ پنهنجين مينهن جي وڳ ڪي

بيديءَ (ڪڇي ۾ ٻن ڏورن جي وچ ۾ گهاٽو جهنگ) ۾ ٻڪر جي ڏنڊ وٽان تنواريندو، پٽارين ڪي گٽنگ جي پاٽيءَ ۾ ڏاريندو، ڪُمن، لوڙهن ۾ پُوٽين سان جهول پريندو، چڙين ۾ سنگهرن جا آواز جهٽيندو، پڪي تي آڏيل پنهنجن وٽاٽن ڏانهن واپس پيو وران. اهي منظر، اهي عڪس، جيڪي منهنجن تخليق جا سرجڻهار بڻيا. جن منهنجي شاعرءَ کي مالا مال ڪيو، جن پنهنجي ذات جي ڏيهہ ۾ شاعريءَ جا اڇا، پيلا ۽ ڳاڙها گل ڪڙايا، جن منهنجي سوچ دنيا ۾ نون نون موضوعن جا ڳوٺ ۽ شهر آباد ڪيا، مون کي پنهنجين تخليق جهڙا پيارا آهن.

آءُ ذات جو سمون آهيان ۽ منهنجو پاڙو 'ڏماچ' آهي. سڱابندي جي لحاظ کان منهنجا مائٽ ملاح، ڪوري، شيخ، کهڙا سيال، خواجا ۽ سمان آهن، جن ۾ گهڻائي درياهي ملاحن ۽ ڏماچن جي آهي. شايد گهڻ- ذاتيو هئڻ ڪري ئي مون مان ذات پات، رنگ نسل ۽ گوري ڪاري جو فرق مٽجي ويو آهي. ايتريقدر جو سيني ڏرتيءَ ڄاين کي مان پنهنجا مِٽ چوندو آهيان. پوءِ اُهي چو نہ ڪُولهي، ڀيل يا ماڙيچا هجن.

مون کي پنهنجي شاعر هئڻ تي فخر آهي. فخر ان ڪري آهي جو پس منظر، مشاهدو، ماضي، اهڃاڻ، عڪس ۽ زندگيءَ جو سفر هوبهو اهو آهي، جيڪو هن ڌرتيءَ جي هڪ مظلوم پيڙيل ۽ پرماريت جي شڪار ٿيل شاعر جو هئڻ گهرجي.

ان ۾ ڪو بہ شڪ ناهي تہ نوان موضوع تخليقي ۽ تعميري شاعريءَ جي بنيادي پٿر يا کيت کيڙڻ لاءِ 'ٻج' وارو ڪم ڏيندا آهن. نوان موضوع ان سرسبز ۽ شاداب کيت مثل آهن، جن مان ادب جو جيڪو بہ سلو انگوربو يا گوشو اُسرندو، ان مان ڇهج ساوا پن، ڪٽوريل گل ۽ ميويدار ٽاريون نڪرنديون.

مون کي ٽيهاري کن سالن جي ڄمار تائين ڀهراڙين جو ماحول نصيب ٿيو. منهنجي خيال ۾ زرخيز سنڌ جو پيليل ۽ لتاڙيل زمين ۽ سنڌوءَ جي ٻنهي ڪنارن جي ڀرپور مشاهدي لاءِ ٽيهن سالن جو عرصو ڪو گهٽ عرصو ناهي. مون کي شاعر ۽ حساس طبع انسان ٻڻائڻ لاءِ منهنجو ماضي، مشاهدو، آسپاس وارا ڏيک ۽ نظارا ۽ هوند وارن جا اڻ۔ هوند وارن تي حملا ۽ هٿ چراند منهنجي لاءِ ڪافي هئا ۽ آهن.

مون کي اُتساهه ڏياريندڙ يعني منهنجي شاعريءَ جا سرچشما نندي هوندي سڄي سڄي رات درگاهه تي چيڙين ۽ يڪتارن تي ڪلاسيڪي توڙي نون شاعرن جو ڪلام ٻڌڻ، شاهه سائينءَ جي رسالي جو عشق ۽ محبت سان مطالعو ڪرڻ، مظلوم ۽ ستايل مالوند مارو ماڻهن جي روزمره جي ڏکن ڀري زندگيءَ جو ڳوڙهو مشاهدو، ڪلهي تي لٺ ڪٽي ڪڇي ۽ پڪي جو پسار ڪرڻ ۽ استاد مهربان الهندي خان جي صحبت ۾ سندس سبق ٻڌيا. اسين ٻئي شاگرد۔ هڪ آءٌ ٻيو منهنجو همعصر سائين حيات شاه (موجوده گاديءَ ڌڻي) استاد الهندي خان جتوئيءَ وٽ گڏ ويندا هئاسون ۽ استاد مهربان ۽ سائين سڀاجهڙي حيات شاهه سان گڏجي سنڌ جي ندين وڏن ڳوٺن، ڪشمور ۽ ڀاڳ ناڙيءَ کان وٺي لاڙ تائين سير ۽ صحبتون به ڪيم.

اسين ڀاءُ ۽ ڀيڻ سياري جي پارن ۾ امڙ سان گڏجي پنهنجي ڇنائين گهر جا سوراخ ۽ جهروڪ بند ڪري هڪ وڏي ٽٽي تي سمهندا هئاسون، جنهن جي وچ ۾ گاري ۽ ڳچ جي ٽهيل چُلهه مان صبح تائين باهه پئي دکندي هئي. صبح جو چانورن کي کير ۾ رڌي ڪچٽي ناهي، پيٽ کي پُٺيءَ تائين ڀري پنهنجن ڪمن ڪارين ۾ لڳي ويندا هئاسون. مون کي چٽو پٽو ياد آهي ته هڪ دفعي چڱو خاصو ڏڪر پيو هو. ماڻهو چانورن جي

پنڙي پٽ تي گذارو ڪرڻ لڳا. ڪپڙو اڳيئي راشن تي ملندو هو. جيڪو شوقين نئين سج نئون وڳو پهريندو هو ان وٽ ايڪڙ ٻيڪڙ قميص يا سٿڻ وڃي رهي هئي. اهڙن ڏولاون ۾ مون کي ياد آهي ته سائين حيات شاهه مون ڏانهن هڪ ريشي قميص سبرائي موڪلي هئي، جيڪا مون خوشيءَ سان قبول ڪري سندس ٿورا مڃيا هئا.

مان اڃا پهرين درجي ۾ پڙهندو هئس، جو ابو سائين لاڏاڻو ڪري ويو. اسان وٽ ٿورين ڪي گهٽيون مينهون ۽ گوئر ڏاند هوندا هئا. ابي سائينءَ جي لاڏاڻي ڪري امان سانئڻ وڏا وس ۽ جتن ڪيا ته جيئن اسان جون مينهون ڪو ’چاراٽيءَ‘ تي چاري ته جيئن سندس ٻچڙي يعني منهنجو پڙهڻ خراب نه ٿئي. مگر جنهن به ميهار هاڪار تي ڪئي، تنهن کي اسان جا پَٽَ پائي وڃيو جهليو اچن. چي: ان رن ۽ جعفر جي اولاد جو مال چاريندين ته ميهار جا پٽ! توهان جي گهر سان پَٽُ. برادري ختم هوندو. ان ڪري مجبوراً پڙهڻ ڇڏي مون کي مينهن جو ڏنار ٿيڻو پيو ۽ اتڪل تي. چار سال ڱچي ۽ پڪي تي مال چارڻو پيو جنهن منهنجي مشاهدي ۽ فطرت نگاريءَ جي سرخاب کي پَرَ بخشيا. جڏهن فقط هڪ مينهن وڃي بچي تڏهن اسان جي مائٽ رضا محمد جي مشوري سان مون وري پڙهڻ شروع ڪيو ۽ مڊل اسڪول جي تعليم مڪمل ڪرڻ تائين ٽي پروموشن وٺي ٽن سالن جي ڪوٽ جو پورائو ڪيم. ٻه سال بورڊنگ هائوس گمبٽ ۾ رهي ڪري مئٽرڪ جو امتحان سرڪاري پيتي. پاڙي تي پاس ڪيم. 1959ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪري انگريزي ماستر ٿيس. اٺن سالن جي نوڪريءَ ۾ تجل شريف (نارو)، اڳڙا، ٻيلهاڙو، جادو واهڻ، مڏ ۽ هاءِ اسڪول سوبيديري ۾ ٻار پڙهايم. پڙهائڻ دوران بي-اي سال 1965ع ۾ ايم-اي (اقتصاديات) سال 1968ع ۾ خانگي طور پاس

ڪيم. اٺ سال انگريزي ماستر، پنج سال لاهور، سيالڪوٽ ۽ ڪراچيءَ ۾ وزارت تجارت ۾، ۽ هاڻي نائون سال ٿيو آهي جو ڪراچيءَ ۾ پيو رهان. انهيءَ وچ ۾ گڏيل قومن جي جماعت (يو-اين-او) طرفان فيلوشپ منظور ٿيڻ تي ٽوڪيو (جپان) ويٺو پيو. جتان موٽڻ بعد 1973ع ۾ فيڊرل پبلڪ سروس ڪميشن طرفان ٻيهر چونڊجي وڃڻ ڪري وزارت خزانه، ڪراچيءَ ۾ ملازمت پيو ڪريان. انهيءَ سموري ادبي توڙي ملازمت واري سفر ۾ منهنجو محسن استاد الهندو خان جتوئيءَ مون سان گڏ رهيو ۽ منهنجي هر تڪليف ۽ بار کي پنهنجن ڪلهن تي کڻي منهنجي رهنمائي ڪندو رهيو. منهنجي منهن تي مرڪون ڏسي، مون کيس گلاب جي گل وانگر ٽڙندو، ٻهڪندو ۽ واس ڏيندو به ڏٺو. منهنجون تڪليفون ڏک ڏولاوا پسي مون کيس جهڄندو، اکين ۾ ڳوڙها ۽ پيشانيءَ تي پگهر ڦڙا به ڏٺا. اهو ٻاروچاڻو ساٿ نصيب نه ٿئي ها ته پاڻ کي ڄمار ڀر اڌورو ۽ اوڻو سمجهان ها. مطلب ته منهنجي زندگي سڦلي ڪرڻ ۾ منهنجي امان سائڻ، استاد اَلهندي خان جتوئيءَ ۽ سائين بدرالدين زاهديءَ جو وڏ ۾ وڏ هٿ رهيو آهي. جنهن دوران منهنجي فقيراڻي (زيب النساءَ) جو سلوڪ ۽ همدرديون مون سان اهڙيون رهيون جهڙيون هڪ مخلص ساٿيءَ جون هئڻ گهرجن.

**تاجل بيوس**

ڪراچي

18 سيپٽمبر 1982ع

58-ڊي، گورنمينٽ آفيسرس ڪالوني

گارڊن روڊ، ڪراچي- سنڌ

❊ ❊ ❊ ❊ ❊

ڪيئي ڪروڙين سال اڳ،
’تون‘ ۽ ’مان‘ ڪان اڳ،
جڏهن-
ڌرتيءَ تي ڪا چرپر نہ هئي،
سنڌ ۽ گمنام ڌرتي-
ماٺ جي ماحول ۾ تخليق جا در بند ها.
آءُ مٽيءَ جي تهن ۾،
ڪيئي ڪروڙين سال اڳ.......

❊ ❊ ❊ ❊ ❊

تڏهن ’سچ‘
سر عام پرزا ٿئي ٿو.
خلائن ۾ پرزا پکڙجي وڃن ٿا.
فضا ۾ اُجالن جون لاٽون ٻرن ٿيون.
گهٽيءَ گام جڳمڳ جو وهنوار ٿئي ٿو......

❊ ❊ ❊ ❊ ❊

# بيت

## وڏُن ڳن کهاڙئين، جڏهن پونءِ ٻٽي

# سُرهاري

هِتي اُتَّ هُيڃاءِ- هي پڻ ماٺهو ماڳ جا

# ڏنديلُ ڏاٿو هٿ ۾

پَٽِ جُهوپا، ڪَڙُ پڪڙا، رک ڪلهي تي هَرَ،
چڙهي آهي چيٽ ۾، ٻگنڊيرن تي ڳَرُ،
ڪارونجهر جي ڪور تي، وڄن وانگي وَرُ،
ٿيندا ڪيچ ڪٽڻ مان، ٺڪو ناهي ٺَرُ،
ڪَڙّ ٻورا، ڪاهِ ولڙّ_ تہ ڏجن واسَ وجود کي.

◎

پَٽِ جُهوپا، ڪَڙُ پڪڙا، هُن ٺَرِ مهري موڙِ
ڪئي مٿان ڪَڄِّ جي، گونگي آهي گوڙ
جتي منڊل مينهن جا، اُتي جايُون جوڙ
چؤڪا گُلَ چندن جا، راهڪَ هلي روڙِ
ويهہ نہ، ولڙَ چوڙ_ تہ رسجي هونديءَ رات ۾.

◎

پَٽِ جُهوپا، ڪَڙُ پڪڙا، ڪاڇي وٺو مينهُن،
ڪاڪيون! ڏاران قُوت جي، نبري نٿو نينهُن،
ڪيري وڄ وجود تي، ٿو ڏينپن جهڙو ڏينهن،
پاهڙَ هاڙ نہ پينهُن_ ويا ڏڪاريا ڏيهہ مان.

◎

پَٽِ جُهوپا، کَڙُ پکڙا، وک وڏندي پاءِ،
کُلها کارونجهر سان جيئَن گجي تيئَن گساءِ،
هَل تہ اَڏيُون پکڙا، هُن ٽاٽي، هُن جاءِ،
اِهو هُلُ هلاءِ- تہ لٽا پاهڻ پيٽ تان.

◎

ڇاٽين ڏُوڙ ڇتن مان، پوکي پنجَ ڪٽي،
ويا ڏورڻ ڏونگرين، کُريا ساڻ ڪٽي،
وڏئون ڳنّ ڪهاڙئين، جڏهن پونءِ بٽي،
ڄنگهون، پير هٽي- ڏَنُ اُپايئون ڏُوڙ مان.

◎

ڇاٽين ڏُوڙ ڇتن مان، انگين اُگهاڙا،
ڏنديلُ ڏاتو هٿ ۾، کُلهين ڪهاڙا،
وٽي وجهن ولهہ ۾ نِهرن تي ناڙا،
جيئڻ ڪارڻ جيڏيون، توئنس کيا تاڙا،
ويڙهيون ۽ واڙا- مون تي اوتَ عنبير جي.

◎

ڇاٽين ڏُوڙ ڇتن مان، اَڏّ اگهاڙا انگ،
ٻُکون پيٽ وَرن ۾، جڻ ڏينهُن جا ڏنگ،
ريڏا گهمن رب تي، سٽي کُٽي سنگ،
اهڙا مست ملنگ- مون نہ ڏٺا ڪنهن ڏيهہ ۾.

◎

پايان ڪيئن پلاند ۾، پني پنج ڪٺي!
مون تي ڏوريو ڏُٿَ ڪي، جڏهن پُوڻ ۽ بٺي،
مان ٿِي پورهيت پيٽ جو، مان ٿي ڏاج ـ ڏٺي،
جنگهون، پير هٺي ـ ڏنُ اُپايم ڏوڙ مان.

◎

ڪَڻ هٿ ۾ ڪيترا، ڪُلهي رک مهارَ،
وَتا سانوڻ مينهڙا، هُن ٿاٺي، هُن پار،
ارلن مٿان اولڙو، پرهہ ڦُٽيءَ جا پار،
پکا پَٽِ پنوهار ـ سُڪر ٿيو ساٺيهہ ۾.

◎

ڪَڻ هٿ ۾ ڪيترا، اُتي آڏيءَ اوڙِ،
پورهيت! ڪارڻ پيٽ جي، ڏونگر سارا ڏوڙِ،
پُرٺا پاهڻ پوڙِ ـ تہ ڏنُ اُپايئُون ڏُوڙ مان.

◎

گڏي ٻجُ ٻنين ۾، وريا وڇيڻ ۽ وَرّ،
ونين وارا وڇائِيا، هيج منجهان هر هر،
پريل اوهين پُوريون، ڏُهندا ڏهيسر،
گُلَ چني گوهر ـ ڏيندا واسَ وجود کي.

◎

پورهئي ڪارڻ پاڻَ کي، پگهر منجهہ پگهارِ،
جيسين وسن مينهڙا، رت ٻنيءَ ۾ هارِ،
ڪورن هاڻي ڪيٽ جا، ٻاري ٻُوهَہ ٻُهارِ،
ڏيهن کي ڏيکارِ- ڪري ڪيچ ڪٽن مان.

◎

جيءُ بہ جيڏن وچ ۾، مَر بہ مٽيءَ ڪاڻ،
جاڏي اوتَ اتر جي، تاڏي وينو تاڻ،
سَري جي سُرهاڻ- وٺ ولين جي واس مان.

◎

انگ اُگهاڙا ٻارڙا، پيٽن سان پاهڻَ،
اُپا تڪين اُپَ ڏي، ڏرتي تنهنجا ڏڻَ،
ويڙهيون ءِ واهڻ- ٻَڪُ ويا ٽي ٻُڪ جو.

◎

پوڏيسر جي پُون- ڏُٽ ونديٺي ڏيهہ ۾،
آونگ چاڙهين اوپرا، ڪيئَن سُتو آن تون،
وايون ڪن وهُون- تو نہ وڏايو وڪ کي.

◎

تون ڪيئَن سُتين ويسرا! ڳچيءَ ٻانهن ڪري،
ڏُٽَ پراوا ڏيهہ ۾، ڏيندءِ ڪو نہ ڏري،
متان واءُ وري- ٻڏين پاهڻ پيٽ سان.

◎

اڄ پڻ وَڻو ڪينڪي مٿي مارڳ مينهُن،
پورهئي ڪارڻ پيٽ جي پاهڻ، پاهڻ پينهُن،
پَرَ، جي نسريو نينهُن- وسندا مينهن ملير تي.

◎

هتي اُتَّ هُچاءِ- هي پڻ ماڻهو ماڳ جا،
چڱڪا گُلَ چندن جا، اوٺي اڪئين لاءِ،
جنهن اک ڳوڙها رت جا، تنهن سان لنئُون لڳاءِ،
اڪيون، وار، وچاءِ- تہ مهڪي پُونءِ ملير جي.

◎

هتي اُتَّ هُچاءِ- هي پڻ ڏيهہ ڏکن جو،
رکَ وهنديءَ راند ۾، اڳتي وک وڌاءِ،
سا منهُن بيهي سينگ جي، مٿيءَ کي مُرڪاءِ،
اهڙو وڻج وهاءِ- جيئن مهڪي پُونءِ ملير جي.

◎

ڪيڏا جهلي ڪانَ- آيو آهي "آد" ڪان،
لوچي لڏا لوهہ مان، نيراني جنهن نانَ،
وڻ ڪٽوريا ڪاڪ جا، جوڏي پُٺَ جوان،
اڄوڪي انسان- سونهن وڌائي 'سنڌ' جي.

◎

# وايون

(1)

ڏنم ڍهيسر،
ڪارونجهر جي ڪورَ تي،
ڏنم ڍهيسر.
چڙهيل جنهن جي چم تي،
ڳنڍيرن جي ڳر،
ڏنم ڍهيسر.
سينو پيٽ سمونڊ جو،
ڪُلها ڪارونجهر،
ڏنم ڍهيسر.
سين ٻاريو مچ آ،
ڄرڪي ڄرڪي ڄر،
ڏنم ڍهيسر.
تون پڻ تتي ڏينهن ۾،
ٻَرِ ٻَرِ ڪري ٻر.
ڏنم ڍهيسر.

(2)

ڪٿان آئين ڪاڪ ۾!
اوندهہ ويڙهي اوپرا،
موڙنہ مينديءَ ڏار ڪي.

ونڻ ايندا واسڙو،
ماڻهو چاتيءَ موڪرا،
موڙ نہ مينديءَ ڏار کي.
پر جي وجهين واڙِ ۾،
پَرَ هي تانگر توڪرا،
موڙ نہ مينديءَ ڏار کي.

(3)

ڪاچي اُنڙا ڪَچَ ۾،
سوڙِ نہ مينديءَ ڏارڙا،
ماڻهو چاتيءَ موڪرا،
ڪاچي اُنڙا ڪَچّ ۾.
واتِ نہ وياتوءَ ول جا،
ڪرها ڪُنگوءَ تارڙا،
ڪاچي اُنڙا ڪَچّ ۾.
وجهہ پلي هي وات ۾،
ڪامهَہ ول جا ڪارڙا،
ڪاچي اُنڙا ڪَچّ ۾.
واتِ نہ وياتوءَ ول جا،
ڪرها ڪُنگوءَ تارڙا،
ڪاچي اُنڙا ڪَچّ ۾.

(4)

ڪوهي ڪوهي ڪرڪٽا،
موٽي آيا مُرڪٽا،
پوڏيسر جي پوڻ تي.
ڪرها ڪامَهَ لام تي،
چوڙي آيا چرڪٽا،
پوڏيسر جي پوڻ تي.
وَتِ نہ ويهي پَٽَ جا،
ڦاهيءَ ڏاڳا سڙڪٽا،
پوڏيسر جي پوڻ تي.
پٽر سارا پَٻَ جا،
پاڻ نہ هوندا پُرڪٽا،
پوڏيسر جي پوڻ تي.

(5)

آئي ٻُوءِ بسنت جي،
وٺ ميان! ڪو واسڙو،
آئِي ٻُوءِ بسنت جي.
پيچ پتي آ بانورا!
پالهو رک تہ پانڌڙو،
آئِي ٻُوءِ بسنت جي.
پيلي وچ بسنت ۾،
پنيرا ڪي جو باغڙو،
آئِي ٻُوءِ بسنت جي.

واسيو چندن واس ۾،
چنڊ لٿي جو چانگڙو،
آئِي بُوءِ بسنت جي.

(6)

چمپا، چندنَ واسيو،
ونين چوڙيا وارڙا،
چمپا، چندنَ واسيو،
وچين پاندر وات ۾،
ڪرهي ڳُنگو تارڙا،
چمپا، چندنَ واسيو،
ونڊين ويڙهين وچ ۾،
پري پيرَن پارڙا،
چمپا، چندنَ واسيو،
مٿن شالون پَٽَ جون،
جهڙا ڏاڙهونءَ ڏارڙا،
چمپا، چندنَ واسيو.

(7)

ٻيٺاريءَ ڪي ٻيلِهه،
آئِي رُتِ بسنت جي.
چاڙهي چُڪي چپ تي،
پنيراڪي جو پيلِ،
آئِي رُتِ بسنت جي.

مينديءَ رتا هٿڙا،
ڇهبڪ جهڙي ڇيلھ،
آئِي رُتِ بسنت جي.

(8)

ڪيڏي آهي پيڙ،
لوئِي ليڙون ليڙ،
ٿاريلين جي ٿر ۾.
تون ڇا ڄاڻين ڇيڳرا!
پاڻياريءَ جي پيڙ،
ٿاريلين جي ٿر ۾.
قسمت آندا ڪانگڙا،
متان مارين ٻيڙھ،
ٿاريلين جي ٿر ۾.

(9)

جيڏي پيڙا پٻ ۾، تيڏي پيرن تڏ،
اڄ ٻہ ڏوٻن ڏوتڙا، ڪھنبا مٿي ڪڏ،
جتي وسن مينھڙا، اُتي لاھين لڏ،
چڙھندا لڪن سامھان، جي تو پانيان ڏڏ،
پَٽِ نہ ھتان پڪڙا، سھسين ٽيندا سڏ،
جيڏي پيڙا پٻ ۾، تيڏي پيرن تڏ.

# بيت

## مون ۾ اٿئي مگڻا! تاريلين جي تَجُّ

# سُر سورٺ

## توکي سَڏَ سرن جي، چارئي پهر چمّارَ

# آءُ ميان! ڪڻ ڪينرو

جيئن تيئن جهونا ڳڙهه مان مڱڻا، موتي وچ،
ڪلهي لاهي ڪينرو، پورا ڪري پيچ،
مون ۾ اٿئي مڱڻا! ٽاريلين جي ٽيچ،
ميان! منهنجي مچ- نه ته ڏکي ٽيندين داسڙا!

◎

تون ڪيئن منگين مڱڻا! تنبوري تي تاج،
تنهنجو ڪم ڪماچ سان، تون تخت ڪرين تاراج،
چڏي سَڏَ سرن جي، وٺ ڪٽوري ڪاچ،
نه ته سارو هي سماج- ڏکي ٽيندو داسڙا!

◎

ڪلهي پائي ڪينرو، ڪري هٿ ڪٽار،
ڪندين ڏار ڏڙن ڪي، پرڪيم تنهنجا پار،
مُورُ نه چڱا مڱڻا! شاهاٽا شڪار،
تا نِر چڏ تنوار رُوُن رُوُن رتوچاڻ جي.

◎

ميان مڱڻهار! تو ڪيئن رانگو رت جو؟
وجهين ڪرت ڪپار ۾، چڏي پيٽ پچار،
تو ڪي سَڏَ سرن جي، چار ئي پهر چمّار،
مور نه چڱا مڱڻا! شاهاٽا شڪار،
ڪڻ هيرا، وٺ هار- ته اوگهڙ ڍڪيان عام جي.

◎

ريجهن رت ڦڙن تي، ايءُ نہ پانن پاڻ ۾،
جهورين، وجهن جهان ۾ـ ڪري ڏار ڏڙن ڪي.

◎

ويئي سَڏَ سڪڻ جي، ڪهين ٿو ڪنهن لاءِ؟
ميان! اهڙيءَ مات ۾، پنهنجو ڪنڌ ڪپاءِ،
ڪلهي پائي ڪينرو، تندون ڪين تپاءِ،
سارا ساز پيچاءِ ـ تہ موڳا! پرکين مام ڪي.

◎

تون ئي گل گرنار جو، تون سورٺ، تون سينگار،
تون پڻ پنهنجي وس ۾، تون ‘بيوس’ بي اختيار،
مون ڪان موڳا مڱڻا! دم نہ آهين ڏار،
ميان مڱڻهار! ڪور نہ پنهنجي ڪنڌ ڪي.

◎

وجهہ ڪتارو، وڃ ـ ميري پاڻ ۾ مَ مڱڻا!
اسان پڻ اڳهين، ڏاتارن جي ڏيءِ،
اِها پنهنجي اڃ ـ مور نہ مڃين مات ڪي.

◎

آءُ ميان! ڪڻ ڪينرو، مٿي موڙ ٻڌاڻ،
ڳچيءَ ڳانا پٽ جا، وٺي هوند وجهاڻ،
جيسين مڃين مڱڻا! تيسين ترساياڻ،
ڏاها! سِرُ ڏياڻ ـ ڳهڻَ ساڻ ڪماچ جي.

◎

ساٿو وڃڻ سرن ۾، ٻيو سڀ ڏيئي ٻَنِ،
منگڻُ اُهو ئِي منگڻا! جيڪي تنهنجي مَنِ،
تندن جي تاراج ڪان، راجا ڪيئَن رهن،
جڏهن تڏهن جن ـ ڏنا سِرَ ساٽيهه ڪي.

◎

پڪي ڪر پريت ـ جيسين ساهه سرير ۾،
ميري ناهي مگڻا! راجائُن جي ريت،
ڪلهي پائي ڪينرو، جاجڪ وينو جيت،
ڪامل! چڏ ڪريت ـ ڏاتارن جي ڏيهه ۾.

◎

مگڻا! مٿو ڪور ـ ڪاتي وجهه ڪپار ۾،
راجائُن جي رَتّ ڪي، تورڻ بنا تور،
جهونا ڳڙهه نہ جهور ـ آءُ تہ پرچون پاڻ ۾.

◎

مگڻا! تنهنجيءَ مام جي، خبر عام نہ خاص،
راجائُن جي رَتُ جو، ونڻ آئين واس،
وجهه ڪٽارو ڪنڌ ۾، نہ ٿي ميان! نراس،
هي رت، هڏا ۽ ماس ـ گهاءِ تہ توتان گهوريان.

◎

ڏاتارن جي ڏيهه ۾، ڪلهي ڪينرّ پاءِ،
متا گهٽا مگهٽا! تون ٻيجل ٽي ٻاڏاءِ،
جهڙيءَ تهڙيءَ تند ۾، سر جي سئن لڳاءِ،
ڳهٽا ائين ڳاءِ، جيئن وسِي آڳ وجود جي.

◎

چارڻ تنهنجي چنگ مان، بکي پيئي باهه،
ميان! تنهنجيءَ مام جي، سورٺ کي سُڌِ ناهه،
تاٽي تند تُنبير جي، سدا وينو ساهه،
مگهٽا! متو لاهه، وجهه ڪتارو ڪنڌ ۾.

◎

# وايون

(1)

موهيو مڱٺهار ميان!
چوري تنگ ڪماچ جي-
تون ئي گل گرنار جو،
پنهنجا ڪهڙا پار ميان!
مڱٺا! تنهنجيءَ مام جي،
سورٺ ڪهڙي سار ميان!
اجا سوڌي عام ۾،
تنهنجي آهي تار ميان!
’بيوس‘ اڳ امڪان ڪان،
ڏڙ ٿيو هو ڏار ميان!

(2)

جاجڪ ڪارڻ جِهجّ،
پنيراڪي جو پڄّ،
ريٿي رتوچاڻ ۾.
پر جي مٿن مامرا،
چاتيءَ ڪان ئي چڄّ،
ريٿي رتوچاڻ ۾.

جهڙي ڏار ڪٽار جي،
ائين نہ وري وِڄ،
ريٺي رتوچاڻ ۾.
مٿو راءِ ڏياچ جو،
سانجهيءَ رتو سج،
ريٺي رتوچاڻ ۾.

(4)

ڪوري منهنجو ڪنڌ،
جيڪر وجهين جهول ۾،
اڏيءَ سر نہ اچيان،
هيءُ نہ اهڙو هنڌ،
وجهي ڪرٽ ڪپار ۾،
پرک تہ ميان پنڌ،
ڪوري منهنجو ڪنڌ،
جيڪر وجهين جهول ۾.

# بيت

## ڪنڌئين ڪانهن ڪڪوريا، وريا وڻجارا

# سُر گهاتو

## هلو هلو ڪن تي، جتي آب - اُڇل

# الا! مَڇَّ مرن

تنهن تَڙ هلو ناڪَئا! جنهن تَڙِ موريو ميرّ،
ڪڪيءَ- گاڏُڙُ ڪيرُ- ملهايو مهراڻ تي.

◎

تنهن تَڙ هلو ناڪَئا! جنهن تَڙِ ڪاري رات،
مُئيون ڏيئي وات- ماريو هلي مڇ ڪي.

◎

تنهن تَڙ هلو ناڪَئا! جنهن تَڙِ مانگرَ مارّ،
ڪري ٿو جو ڪُنَّ ۾، گهاتوئڙن ڪي گارّ،
ساري هن سماج تي، بورو آهي بارّ،
ڄاڻو! ڪٽي ڄارّ- ڪاهي هلو ڪُنَّ تي.

◎

هلو هلو ڪُنَّ تي، ڄارَ ڪٽي ڄاڻو،
ڪجي مانگر مڇ ڪي، سائِر ۾ ساڻو،
ٺريو جي ٽاڻو- ٻُرو ايندو ٻود ۾.

◎

هلو هلو ڪُنَّ تي، جتي آب اُڇل،
ڪنڌئَين ڪانهن نہ اُپريا، ڪوماڻا ڪنول،
ٻيڙا ٻارِ ٻڏل- ڪيڏانا آن ڪُنَّ مان.

◎

هلو هلو ڪُنَّ تي، ٻَڏي مولهيا ميرَ،
جتي جوڪو جيءَ جو، سا پڙ لنگهو سير،
مٿان واڪو وِڄَ جو، هيٺان چڙهي وير،
ڪالهہ بہ اچي ڪُنَّ تي، باهيو هو بي پير،
ڪِلا ٿوڪي ڪير ـ ڪجن پاڳا پُورَ جا.

◎

ڪارو پاٽي ڪُنِ جو، جتي ڪاري رات،
ڪري مانگر مات ـ ورو سپ وهُن ڏي.

◎

ڪَرَّ نہ آهي ڪُنَّ ڪي، ويا ڪين ورن،
پَسي دؤر درياهہ جو ڏونگر ٿا ڏرن،
گهنگهر گهارين ڪيترو! گهاٽُو منجهہ گهرن،
الا! مَچِّ مرن ـ ساري هن سنسار جا.

◎

ڪنڌَئين ڪانهن اُپريا، هنيُون هيرڻَ ٿاڪ،
ڏٺي مون ڏينهن ٿا، مٿي مولهين ماڪ،
ادن جي اوطاق ـ اونُو آ اوڙاهہَ جو.

◎

ڪنڌَئين ڪانهن ڪڪوريا، وريا وٽجارا،
اونهي آب عميق تي، اچن اويارا،
گهاتو گهڙَ ـ وارا ـ موتي آيا ماڳ تي.

◎

تَريُون، ٽُرها تار ۾، ويا رَڃّ لڙهي،
آيو ڪو نہ مُڙي- ڪيڙائُن جو ڪير مان.

◎

وَنين وار اپوڳڙا، وَهون ڪن وايُون،
وِڏيون مانگر ويڙهہ ۾، نائُڪن ڪي نايُون،
مُونن مُنهن لايُون- رُئن ڳوڙها رت جا.

◎

جي تون ماري مڇ جو نيٽان ننڍ اُکوڙ،
ٻيڙا ڪاهي ٻوڙ- مانگر ڪي مهراڻ ۾.

◎

جا ڏي مارو مڇ جو تاڏي ٻيڙا تارِ،
گردابن ۾ گهارِ- جي تون مارِي مڇ جو.

◎

ڪاهي ٻيڙا ڪُنَّ تي، ماريو مانگر ڪي،
ٻڌي نڪرو ناڪُئا، مولهيا مٿن تي،
سوپيا هوندا سڀ- گهڙندا جي گرداب ۾.

◎

# وايون

(1)

ويهي ساٿين وچ ۾،
ڳولهه نہ مڇيءَ ڳاهہُ،
ويهہ نہ ساٿين وچ ۾.
وراڳ ڪُنڊيءَ وَرِّ ۾،
سينگاريءَ جو ساھہُ،
ويهہ نہ ساٿين وچ ۾.
جي تون مارِي مَڇِّ جو،
اوري لهہ اوڙاهہُ،
ويهہ نہ ساٿين وچ ۾.
ساهِ نہ ڏورا سُٽَ جا،
چِرڪِي پوندو ’شاهہ‘[1]،
ويهہ نہ ساٿين وچ ۾.

(2)

پڳهہ چوڙي پاٽي!
چولين ۾ چاچول،
پڳهہ چوڙي پاٽي!

(1) يٽائي يلارو

سبز رَڃَّ سمونڊ تي،
ڪڪيءَ هاٺا ڪولِ،
پڳهہ چوڙي پاٽٺي!
سامنهن رک سُڪان کي،
جيڏا وچ نہ جهولِ،
پڳهہ چوڙي پاٽٺي!

(3)

موريو پل مرڪي،
ساٿياڻين جي سَٿَّ ۾،
موريو پل مرڪي.
ڪنڌ، ڪرايون، ڪرتڙا،
مانگرَ واتِ وجهي،
موريو پل مرڪي.
ڪيڏي رِپَّ قلاچ جي!
لهرين منجهہ لُڙهي،
موريو پل مرڪي.

(4)

ڪيڏا ها ڪونڌر،
ماريا جي مانگر،
قلاچيءَ جي ڪُنَّ تي.

اونهي آب عميق تي،
هر هر هُئِي هُو ڪرَ،
قلاچيءَ جي ڪُنَّ تي.
رَڇَّ رنگا يا مَڇَّ لئِہ،
ساٽيئڙن سہر،
قلاچيءَ جي ڪُنَّ تي.
جيڏا ونجهہ وڏاندرا،
تيڏا ڪوہن ڳرَ،
قلاچيءَ جي ڪُنَّ تي.

(5)

سَنڌَ سہرڙا ڏارِ
مَڇ متارو مارِ
ڪاهہ قلاچيءَ جي ڪُنَّ تي.
پلئِہ پائَي پوپريون،
تانگهي ناوَ نہ تارِ
ڪاهہ قلاچيءَ جي ڪُنَّ تي.
جي تون رنگين رَڇَّ ڪي،
اونهي سِج اپارِ
ڪاهہ قلاچيءَ جي ڪُنَّ تي.
ويهہ مَ واهڙ آسري،
سنجهي سڙهہ اُڏارِ

ڪاهہ ڦلاڇيءَ جي ڪُنَّ تي.

(6)

مَڇِّ مهانڊا ماريا،
هئِہ هئَہ هَڏَّ هِڄِنِ!
مَڇِّ مهانڊا ماريا،
مُنڊيون مانگرَ وات ۾،
ڦرٽيءَ جيئَن ڦِرِن،
مَڇِّ مهانڊا ماريا،
ونجهَہ تکيرا، وانئِٽيون،
لُڙَهہ ۾ ريڃَ لُڙهِنِ،
مَڇِّ مهانڊا ماريا،
گهر تڙ گهاتن گهوريا،
ڪَڙَ تي ڪنگَ رڙِنِ،
مَڇِّ مهانڊا ماريا،

# بيت

جهڙو اوڳر اُت جو، تهڙي اوتَ عنبير

# سُر راڻو

ڳيا ڳمءِ ڳنڍيرءِ ڪنول ڪڪوريا ڪاڪ جا

# وڻ ڪٿوريا ڪاڪ جا

ڀُنگ، ڪٿوري، ڀُورُ۔ ڪِڙيا گُلَ گلاب جا،
چرندي چندن لام ڪي، پورا ڪري پُورّ،
موٽَ نہ چري مُورّ۔ پَيَس پُورَ پلاڻ جا.

◎

چنگهي، چري، ڪينڪي، رڙي ساري رات،
ڪنجهڻ ڏاران ڪرهو ڪا وَلِّ نہ وجهي وات،
پرهہ ڦٽيءَ پرڀات۔ پَيَس پُورَ نہ پلاڻ جا.

◎

چنگهي، چري ڪيني، سڙي سارو ڏينهن،
توڙي وسي مينهُن۔ تہ بہ پوَنس پُورَ پلاڻ جا.

◎

مون ساريندي مينڌرا! جي پائين اُٿَ پلاڻّ،
وجهان مکڻ، مصري، ڪري ڏاگهي ڏاڻّ،
پارس جهڙو پاڻّ۔ گهوريان تنهنجيءَ گُهورَ تان.

◎

مون ساريندي مينڌرا! جي ڪري ملاقات،
روڙي چندن تاريون، وجهان ڪرهي وات،
پرهہ ڦُٽيءَ پرڀات۔ ڪيان اوتَ عنبير جي.

◎

مون سارينديِ مينڊرا! جي هيڪر اچين هاڻِ،
ملڪ ڪٿوري ڀانئيان، سيو ٿِيي سرهاڻِ،
اُتّ پلاٽي آڻِ- تہ ڪيان اوتَ عنبير جي.

◎

مون سارينديِ مينڊرا! جي اچين اُتَ چڙهي،
وجهان چانگي چاهہ مان، ٻچيءَ لونگ- لڙهي،
عطر اوتيان اُن تي، جي گهارين هڪ گهڙي،
راٽا! آءُ رِڙهي- تہ ٻالھ سٽايانّ ٻُجھ جي.

◎

جيڪر ٿئَي جيڏيون! راٽي ساڻ رهاڻ،
آٽيان آڏيءَ رات جو، چندن چانگي ڪاڻ،
وري وَرّ وٿاڻ- تہ عطر اوتيان اُن تي.

◎

ڪنول سارينديِ ڪاڪ جا ڀُورَ مٿايون پاڻُ،
اج بہ مٿان اُن جي، پيو ڪو نہ پلاڻُ،
ڪا ول چري ڪينڪي، چار ٿي پهر چرياڻُ،
سوڊا ٿيءُ سُجاڻُ- ڪاهِ ڪڪوريل ڪاڪ ڏي.

◎

مينهَن تہ آيا مند تي، پر جي اچين پاڻَ،
مکڻ، ماکي، مصري، وجهان ڏاگهي ڏاڻَ،
چندُ ستارن ساڻ- هر هر هنڌ وڇائِيان.

◎

ڪنجهڻ ڏاران ڪرهو ڪا ول ڪين چريو
وڪرو گهمين وڳ ڪان، اڪئين لُڙڪ ڏريو
واچيندي وٿاڻ ڏي، وري ڪو نہ وريو
وارو وس ڪريو، جيئَن مهريءَ چڙهي مينڌرو.

◎

رات وهامي ڏينهن ٿيو مٿان سِجَّ لٿو
سوڍي ڏاران سرتيون! نبري نينهُن نٿو
پِٽي مُنهن مٿو- ڪنول ٻاريم ڪاڪ جا.

◎

وجهي خاڪ مٿي ۾، حشر ڪجي هينئَن،
ڏُٻڻ لڳن ڏرتيون، رانگا رڙن جيئَن،
اُتُ پلاٽي ايئَن- مون گهر ايندو مينڌرو.

◎

مهريءَ چڙهيو مينڌرو، گُهلِي ڏڪڻ هير،
جهڙو اوڳر اُت جو تهڙي اوتَ عنبير،
وڻ ڪٿوريا ڪاڪ جا، سوڍي جي سرير،
ٻُڪيا ٻُمَّر ٻُنڊير- ڪنول ڪڪوريا ڪاڪ جا.

◎

# وايون

(1)

اُتُ وراڻي آڻِ

وَرَ ڪٿوريا ڪاڪ جا.

آندم آڏيءَ رات جو

چندنُ چانگي ڪاڻِ

وَرَ ڪٿوريا ڪاڪ جا.

اوتي اُتر واءُ ٿو

سيج مٿان سُرهاڻِ

وَرَ ڪٿوريا ڪاڪ جا.

ڪرهي سوڏو ڪاڪ ۾

آءُ جواٽي ماڻِ

وَرَ ڪٿوريا ڪاڪ جا.

(2)

گُهلِـــي ڏڪـــڻ هِـيـــرَ،
اوتـيـنـــدي عـنـبـيـــرَ،
مهريءَ چڙهيو مينڌرو.
وَڙَ ڪـتـوريا ڪاڪ جـا،
سـوڍي جـــي سـريـــرَ،
مهريءَ چڙهيو مينڌرو.
ڪوڙين ڪرڙ ڪڪوريا،
ڪـيسـوڦُـل ڪـريـــرَ،
مهريءَ چڙهيو مينڌرو.

(3)

ڪڪر چانوَ ڪيانءِ،
چوٽيءَ ڦُلّ ڇُمانءِ،
ڏُکي چڙهه نہ ڏاڪَ تي.
ڪري ڇپر چانورو،
ٽانگر جيئَن ٽڙانءِ،
ڏُکي چڙهه نہ ڏاڪَ تي.
گوري! گيت پريت جا،
لوڏي لامَ لڪانءِ،
ڏُکي چڙهه نہ ڏاڪَ تي.
چوريءَ اُپري چنڊ ڪان،
مٿان ڪَٿَ ڪڙانءِ،
ڏُکي چڙهه نہ ڏاڪَ تي.

(4)

ڦُولارن ۾ ڦَرُ
ٿورو ناهي ٿَرُ،
ڏُاهي ٿي، چڙهه نہ ڏاڪَ تي.
هيلَ ڪرين ڇو هُوڪرا؟
پِرُ وڃائي پَرُ،
ڏُاهي ٿي، چڙهه نہ ڏاڪَ تي.
مَيّو توڙي مينڊرو،
ٻوٽي سُتا ڊَرُ
ڏُاهي ٿي، چڙهه نہ ڏاڪَ تي.
ٻٽي ڏينهن ڍاڳ جا،
ڪاريهر جو ڳَرُ،
ڏُاهي ٿي، چڙهه نہ ڏاڪَ تي.

(5)

جوين پڪي ڏاڪَ،
لنگهن چاڙهي لاڪَ،
آءُ مُنِيءَ جا مينڌرا!
ڦُٽِي آ ڦولار ۾،
بيراڳڻ تي باڪَ،
آءُ مُنِيءَ جا مينڌرا!
برهه ڪريٿو بانورا!
سيني ۾ سوراخ،
آءُ مُنِيءَ جا مينڌرا!
تون ئي دراوُن داسڙا،
تون ئي سوڍين ساڪَ،
آءُ مُنِيءَ جا مينڌرا!

# بيت

مِٽي جا ملير جِيءِ، تنهن مِٽيءَ وڏو مانُ

# سُر مارئي

اُٺيو آڏيءَ رات جو، ڏُونهيون ڪن ڏنار

# ڪوڙين ڪرڙ ڪڪوريا

مِٽي جا ملير جي، تنهن مٽيءَ وڏو مان،
جُڙي جنهن مان راس ٿيو منهنجو ديس مهان،
لٿو "ڪن فيڪون" جو 'بيوس' شڪّ گمان،
اڇوڪو انسان- پڙهي ڪلمان پيٽ تي.

◎

مِٽي جا ملير جي، تنهن مٽيءَ وڏو مان،
جُڙي جنهن مان راس ٿيو اڇوڪو انسان،
چيري پيٽ مٽيءَ جو، نوچي لڏئِين نان،
ڏورڻ ڪارڻ ڏُٿَ جي، مليو ديس مهان،
لٿو شڪّ گمان- جڏهن ڪل پئي "ڪن فيڪون" جي.

◎

مِٽي جا ملير جي، تنهن مَٽُ نہ ڪا مِٽي،
'بيوس' اڳ ازل ڪان، جا ڏوري مون ڏٺي،
چوڙي آيس چيلڙا، چاٽي مَڪّ مِٽي،
پَٽيون ڪَڻّ پِٽي، جن ڏنگيو منهنجي ڏيل کي.

◎

مِٽي جا ملير جي، تنهن مِٽيءَ ناهي مَٽَ،
سيئِي منهنجا سيڻ ٿيا، تاجي پيٽي پَٽ،
سانجهيءَ ورن سومرا! لنگين چاڙهي لَٽّ،
سونو رويو ڇَٽّ- توکي سونهين سومرا!

◎

مِٺي جا ملير جي، لنگھين لايان شالَ!
مون تي ماروئڙن جا، ’بيوس‘ لکين پالَ،
سانجهيءَ وجهي سومرا! ڦوڳن هيٺان ڦالَ،
جيڪس جُوءِ مٺي ويا، مارون ڪاهي مالَ،
پانيان ڦرب ڪمالَ- جي مُنجين ماروئڙن ڏي.

◎

مِٺي جا ملير جي، تنهن مٺيءَ ناهه مثالَ،
ولين مٿان واسَ جا، جت اوتي مَٿَ ڪلال،
پسان شال پنوهار کي، ههڙو وٺي حالَ،
ميان! مون محال- ڪاٽڻ آهي ڪوٽ ۾.

◎

جِتِ جهانگي، اُتِ جهوپڙا، جِت پکا، اُت پنوهار،
اُٿيو آڌيءَ رات جو، دوهيون ڪن ڏنار،
ڪرها ڪامَهہ لام تي، ’بيوس‘ بي اختيار،
هِن مند ولين واسيا، ڍوليا ڍنگر ڍار،
پائَي پاند ڳچيءَ ۾، چوندين لال ليار،
اهڙا جني پار- سي ڪيئن وسرن سومرا!

◎

جِتِ جهانگي، اُتِ جهوپڙا، اُتِ ماروُ منجها مير،
پيرين وجهن پيڪڙا، هُتي ڪين حمير،
لاهِہ جُسي تان لوهہ جا، زورا ور زنجير،

تہ عمر چام! اسير پسي پَٽَ پنوهار جا.

◎

جِتِ جهانگي، جِتِ جهوپڙا، اُتِ مارو منجها مَلِّ،
موتيا ڪين ملير ڏي، ڪانگ اُڏاري اَلِّ،
ڏاگهن ڏار نوائِيا، ميان! ماڪَ پئلَ،
مون کي ڏي موڪل- تہ پسان پَٽَ پنوهار جا.

◎

جِتِ جهانگي، اُتِ جهوپڙا، اُتِ ڏاڻي منهنجا ڏول،
ڪالهہ پيا مون ڪن تي، ٻاٻيهن جا ٻول،
ميڙي مَڪِّ ملير ۾، جهانگين پريا جهول،
'بيوس' چڪيا بند ۾، سندا هينئڙي هول،
هِتِ پونِ هَٿِ ڪڙول- هُتِ ڪنڊ ملائين ڪير ۾.

◎

ڪوڙين ڪرڙ ڪڪوريا، لکين لالَ ليار،
مادر! منهنجي ماڳ تي، اُنا مينهن اپار،
هن مند ولين واسيا، پڪا ۽ پنوهار،
مارو ملڪ ملير جا، 'بيوس' بي اختيار،
پَسي مينگهہ ملهار- مارن مالَ اُڏاريا.

◎

وَنا پَٽَ پنوهار جا، مارن ڪاهيا مالَ،
اُتِ اَڏيائُون پکڙا، جِتِ جَرَّ ڏنائون جالَ،
پڪا پيرُون پَٽَ تي، ٿر بر وڄن ٿالَ،
آءُ بہ وڃين شالَ! ميڙيان مَڪِّ ملير ۾.

◎

آيا اُتر پار کان، ڳڳرَ ڪاريءَ رُوءِ،
وَٺا مينهن منداِئِتا، جرڪي پيئي جُوءِ،
ڪاهڙ جي خوشبوءِ- جڙ ڪا اوتَ عنبير جي.
مارُون ملڪ ملير جا، پَهريا ڏيهه پري،
اُتي ويا اُڪِرِي، جتان ويو ڪين وري،
’بيوس‘ باري بند ۾، ڏُکي ڏک ڏري،
دعا ڪيو ڙي جيڏيون، جيئن ويڙهيچن وري،
اکيون پيير ڪري- پسان شال پنوهار کي.

◎

ميان! آهيان ماٺ ۾، پر جي ڪيدان پارَ
لوڏي وجهندا لوهه کي، وانگياڻيءَ جا وارَ
ڏٻي وجن ڏرتيون، جي هُئَن هوند هزارَ
عمر! سپ ڄمار- مون جيئَن ايندين مامري.

◎

سُتي چوندبيم سومرا! مليراڻي مَڪّ،
چوڙي آيس چيلڙا، گهڻا گاهه چرڪ،
مليس رات ملير ۾، پنوهارن سان پڪ،
ٺاريلين سان ٿَڪَ- سانجهيءَ پِڳم سومرا.

◎

# وايون

(1)

پٽولا، پَٽَ چير،
آچِ ۾ عمر مير،
لوئِيَ ڏِکيم لنگڙا.
اسان مارون پارڻ ۾،
کنڊ پوي جيئن کير،
لوئِيَ ڏِکيم لنگڙا.
ست رچيون ميان سومرا!
ڪائي ڪيئن ڪثير،
لوئِيَ ڏِکيم لنگڙا.
ميڙيون مَڪَّ ملير ۾،
ڪانبن ۾ ڪوڏير،
لوئِيَ ڏِکيم لنگڙا.

(2)

ڊوليا مارو ڍٽ ۾،
ٽانگر، ٽانگر، ٽولڙي،
ڊوليا مارو ڍٽ ۾،
پينگهن ڏورا پٽ جا،
لوڏيان ڳايان لولڙي،
ڊوليا مارو ڍٽ ۾،
آئِي رُتِ گلاب جي،
جرڪ تہ منهنجي جهولڙي!
ڊوليا مارو ڍٽ ۾،
ڪستوري، خوشبوءِ ۾،
ڇِڪَّ پڪلي چولڙي،
ڊوليا مارو ڍٽ ۾،

(3)

رات ٻہ ڏنڙم ننڊ ۾،
مکڙ جون ماٽيون، الا!
چوليون چوڙيلين جون،
ڪلھن ڪان ڦاٽيون، الا!
ونڊين، ورچين پاڙ ۾،
پيرن جون پاٽيون، الا!
ونيون ويڙھيچن جون،
لُڪن لوساٽيون، الا!

(4)

اسين مارو پاڙ ۾،
جر تي پڪي جيئن،
اسين مارو پاڙ ۾.
ھٿين، پيرين پيڪڙا،
ھُت نہ ميان ھيئن،
اسين مارو پاڙ ۾.
جھڙي لالي لاک جي،
اکيون ارتيون ايئن،
اسين مارو پاڙ ۾.

(5)

مارو پائِر پٽ تي،
ٿانگر، ٿانگڙ ٿولڙا،
مارو پائِر پٽ تي.
اوجل رات اماس جي!
هئه هئه تنهنجا اولڙا،
مارو پائِر پٽ تي.
تيئن تيئن نسري نينهڙو،
جيئن جيئن جُهڪون، جهولڙا،
مارو پائِر پٽ تي.
آيون سيرون ساهه کي،
رتيون، ماسا، تولڙا،
مارو پائِر پٽ تي.
هيڏي مَڪّ ملير ۾،
پوءِ به راتين رولڙا،
مارو پائِر پٽ تي.

(6)

هئه هئه ٻُورا هَسَ،
ٻچيءَ ٻانا پٽ جا.
وندين، ورچين پاڙ ۾،
سندا توتن تس،
ٻچيءَ ٻانا پٽ جا.
ڪرها ڪامهَہ لام تي،
ڳُڙن ڏيئي گس،
ٻچيءَ ٻانا پٽ جا.
پڪي مَڪّ ملير ۾،
مٺي ڏين ڏس،
ٻچيءَ ٻانا پٽ جا.
چنين چاچر مينهن جي،
لَڳَهَہ ساري لس،
ٻچيءَ ٻانا پٽ جا.

(7)

ڏاڍي لڳڙي لار،
عمر! ماروئڙن جي.
پڪا پيرون پٽ تي،
ڏاگها موڙين ڏار.
پائي پاند ڳچيءَ ۾،
چونڊين لال ليار.
مارُو چامُ ملير ۾،
ساريان ڪيئن نه سنگهار.
واسي مور نه ويڙهيان،
’بيوس‘ پنيا وار.

# بيت

ڏارِي! ڏاڙيلن جاءِ تو نہ سڃاتا پِير

# سُر سسئي

پِنِي! ڪَنُ پُوٽِي – چور نہ چرخو عاجِ جو

# چيتيون ڪر چپر

چڙهندِي ويئي چوٽ- آرياڻيءَ جي آسري،
جڏهن تڏهن جوتَ- ڏُکيءَ ڏونگر پاڙ.

◎

لنگهندي لڪيون، لَڪّ- آرياڻيءَ جي آسري،
توڙي منجهان نڪ- ڪيڏان تان ڪاري ٽيان.

◎

پَرّ وڃائي پيرَ- هيل هٽين ٽي هٿڙا!
ڏاري ڏاڙيلن جا، تو نہ سڃاتا پيرَ،
'بيوس' مِٽَ نہ ڪنهنجا، ڏاگها توڙي ڏير،
سُتينءَ پارَ سوير- حرف رکين ٽي هوت تي.

◎

پيير وڃائي پَرّ- هيل هٽين ٽي هٿڙا!
اصل جاڙ جتن جي، ڪاريهر جو ڪَرّ،
پيون ڪاهين ڪيچ ڏي، تون سُتينءَ ٻوٽي در،
ڏور اُتي ڏونگر- تہ پسين جام پنهونءَ کي.

◎

تاڪڙ ريءَ تَڪَرُ- ڪا بہ نہ رسندي ڪيچ کي،
ڪنهن پر ملي ڪينڪي، وکُن ڏاران وَرّ،
چيتيون ڪر چپرُ- تہ پسين جام پنهونءَ کي.

◎

پِٺي ڪڻ پُوٽي۔ چور نہ چرخو عاج جو
تو ڪي سانگو سُٺَ جو، مون ساجن ساروٽي،
سا ڪيئن چڙهي سيج تي، جا آريءَ ريءَ اوٽي،
ڏارين جا ڏُوٽي۔ شل! پسي ڄام پنهونءَ ڪي.

◎

پِٺي ڪڻ پُوٽيون۔ چور نہ چرخو عاج جو
جني وَرّ وساريون، اصل سي اوٽيون،
هاڻ ويا، هُن جاءِ ڪان، لنگن ڪي لوٽيون،
ڏَڙّ سسي ڏوٽيون۔ ويا ڏونگر اُڪري.

◎

مُئيون! آهيان ماٺ ۾، پر جي ڪيڏان پار،
ڪري راڙو رُڄّ ۾، وجهان ڏونگر ڏار،
ڏٻي وجن ڏرتيون، جي هُئن هوند هزار،
وندر ۾ وڪار۔ ڪڏهن اُپري ڪينڪي.

◎

وجهي خاڪ مٿي ۾، آريءَ پنيان آوِر،
هُو جي پاهڻ پٻ جا، پٽر پائئين پيِرِ،
ڏاهِي ٿِي، اُٿ ڏورِ۔ تہ پسين ڄام پنهونءَ ڪي.

◎

وجهي خاڪ مٿي ۾، اُٿي ويندنِ ووڙ
پوري شهر پنيور ڏي، منهن ميّن جو موڙ
ٻوهن پٺيان ٻوڙ۔ تہ پسين ڄام پنهونءَ ڪي.

◎

پينر شهر پنيور ۾، وهان وَرّ ريءَ ڪيئن،
نينهن نہ نبري جيڏيون! هتي منهنجو هينئن،
ڪيو دعائون، جيئن۔ پسان ڄام پنهونءَ کي.

◎

جهڄان پئي جيڪر۔ ڪيو ياد قريب کي،
وَڄن ساز وجود جا، هوند پيا هر هر،
سندي ڄيرن ڄر۔ جيئن وڏي تيئن ويجهي ٿيان.

◎

مٿان اوتَ اُتر جي، پيرن هيٺ پَٿَرَ،
ڇپن کي ڇيتيون ڪيو، ڄيرن واريءَ ڄَرَّ،
سونهان ٿيا سُڄَّ ۾، پکي ڪولي پَرَّ،
ڏيرن ۽ ڏونگر۔ آيل! عشق اُجاريو.

◎

جتن ڪارڻ جاڳ۔ جيسين ڏينهن نہ اُپري،
تو جي ڇپر ٻوٽيا، مَٿي ويندءِ ماڳُ،
ڏيئي ڏير وهاڳُ، پنهون نيندءِ پاڻ سان.

◎

جيڪر اچو جيڏيون! اوهان عشق اري،
ڪيو راڙو رُڄ ۾، جيسين وَرُّ وري،
اکيون پير ڪري۔ هوند ڪڙون پير پنهونءَ جا.

◎

جيسين جيان جيڏيون! هُئان هوتن ڪاڻ،
پينگهي ۾ پنهونءَ سان، ڪيم روح رهاڻ،
پنيوراڻي پاڻ- نينهُن نہ نبري جيڏيون!

◎

وليون، وڻ ڦولاريا، ڄام جڏهن ڄائو،
وَڻا مينهن مندائتا، ٿيو سَرَ سائو،
لٿو 'بيوس' لوڪ جي روحن تان رائو،
سدا سُهائو جاني آيو جُوءِ ۾.

◎

پلي ڄائو ڄام- واسيو جنهن وجود کي،
پينگهي ۾ پنهونءَ جا، سُتي سڏ سئام،
پيرين پنڌ پيام- ٻنڌڻ ۾ ٻاروچ جا.

◎

پوري ريءَ پتار- تو ڪيئن سهڻ سکيو،
ڪنيي هوت ڪٽي ويا، اُتن تي اونار،
پٿين پاڙي واريون، رون زارو زار،
'بيوس' ڪن پنيور جا، پکي پڻ پچار،
ڪاهہ پنيان ڪوهيار- تہ رسين هونديءَ رات ۾.

◎

سُڌِ منهنجي سور جي، جيڏين هجي جي،
تہ رسن هونديءَ رات ۾، ڪاهي ڪرهن کي،
ٻري هن پنيور ۾، گهڙي نہ گهارين سي،

چڙهندي چوٽين تي_ هوند پَسن ڄام پنهونءَ کي.

◎

سُڌِ اوهان کي سُورَ جِي، جي ڪاڪيون پوي ڪل،
تہ اوتيو رت اکين مان، پسي ڳاڙها ڳل،
ويندي پنيان وَرّ جي، ڪيو جهل نہ پل،
ٻُري هن پنهور ۾، هوند مچايو هُل،
پريو چرڪ پنوائتا، توڙي سيج سُتل،
جهاڳي روهہ جبل — پسو ڄام پنهونءَ کي.

◎

سُڌِ اوهان کي سور جي، جي ڪاڪيون پوي ڪا،
تہ ڏورڻ نڪرو ڏونگرين، جبل جا جها ڪا،
چرخو چندن عاج جو، نہ ڪتڻ ويهي ڪا،
ٻُري هن پنهور ڏي، مُور نہ موٽي ڪا،
ڪري وس واڪا_ هوند پسو ڄام پنهونءَ کي.

◎

# وايون

(1)

پڳون پنهونءَ ڄام جون،
ڏوتمر ڏوٻيءَ گهاٽ،
هيٺان پاٽيءَ۔ پؤنرڙا،
مٿان پوي ماٽ،
اُيا آريءَ آسري،
ڳؤرا، ڳؤرا ڳاٽ،
ولهہ ۾ چوڙي وارڙا،
ونگيمر ساري واٽ،
پڳون پنهونءَ ڄام جون،
ڏوتمر ڏوٻيءَ گهاٽ.

(2)

ڳَتَنَ ڪار چڙيو،
وارو ڙي!
منهنجو وَرُّ وٺي ويا،
پسڻ ريءَ پنهونءَ جي،
نبري نينهن نٿو،
وارو ڙي!
منهنجو وَرُّ وٺي ويا،
جيسين ساهہ سرير ۾،
جَتن ڪاڻ جيو،
وارو ڙي!
منهنجو وَرُّ وٺي ويا،
چڙي شهر ڀنڀور کي،
هونديءَ رات رسو،
وارو ڙي!
منهنجو وَرُّ وٺي ويا،

# بيت

## سرويچن جو ساسُ- جنِ ڪا ٻُوءِ ٻهار جِي

# سُر ڪيڏارو

## بيتيون ڏين آتَ – ڪانئر مٿان ڪيتريون

# ڪانئرِ منهن تي ڪَچُ

سڙيو هيو سچُ، رُڪّ وهنديءَ راند ۾،
لڳا نعرا نينهن جا، جيئن جيئن پريو مچُ،
ڪانئر مُنهن تي ڪچّ، سورهُ چمڪو سچ جو.

◎

چمڪي آچوڏار، تکي نوڪَ ترار جي،
رڻ ۾ ليڪو رت جو پرهه ڦٽيءَ جا پار،
تو ڪيئن سانگو ساهه جو! جهيڙين جِت جهونجهار،
ميان! موڙِ مهار، ته ٿورا لاهيون ٿَج جا.

◎

رت، هڏا ۽ ماُس سستو سودو ساهه جو،
چيرڻ ڪارڻ چم جي، رڙيو هو راڪاس،
ڪنهن ڪنهن مٿان ڪوڙ جو، ڪيڏو هو حراسُ!
سوريءَ اچي سچ جا، ڪيا بندَ خلاص،
سرويچن جو ساسُ، چڙ ڪا ٻُوءِ بهار جي.

◎

ماءُ! پکي سڀ موتيا، موٽيون ڪين ڳجهون،
چايو ٻالڪ چُوڙِ تي، ويٺيون واجهه وجهون،
جيڏن ڪاڻ جهجون، اچو آتڻ واريون.

◎

ماءُ! پڪي سڀ موتيا، ڪِجهون ڪين وريُون،
رانگي رتوڇاڙَ جي، ڪيون هوند چريُون،
ورن ڏاران ولهه ۾، وينيون ڏک ڏوريُون،
ڳالهيون ٻچ ڳريُون- رهجي ويون روح ۾.

◎

ماءُ! ڏنيون مون ڏونگرين، ڪجهون ڳاڙهيءَ روءِ،
ڪلالائيءَ ڪُوءِ- چنو واس چڳير جو.

◎

پائَي ڳل ڳرانٽڙيون، ڪجهن ڳالهايو،
مُيُون! متان ماس کي، چنبن ۾ چايو،
پاڪر سِرِ پايو- لهوءَ رتي لاش کي،

◎

وجهي ڪجهن واتَ- چُٽيون چم هڏن تان،
بيٺيون ڏين آتَ- ڪانئر متان ڪيتريون.

◎

چيري، چچري چم کي، چٽيو ڪجهُن ماسُ،
جهڙو ڳَپَّ ڳنڊير جو، تهڙو سوپين ساسُ،
ويراڳين جو واسُ- جڙ ڪا بُوءِ بهار جي.

◎

چيري چچري چم کي، چُٽيو ڪِجهُن ماهُ،
جيڪس ڏنو جيڏيون! پڙ ۾ تن پساهُ،
رويو تڪيان راهُ- چايو بالڪ چُوڙِ تي.

◎

ويا آرڻ اُڪري، لنگهين چاڙهي لوهہُ،
مٿان مينهن منداڻتا، پيرن هيٺان روهہُ،
امڙ! رات انبوهہُ، مٿان لُٽي موٽيو.

◎

پائي ڪان ڪمان ۾، ڏٽيو اجان تو نہ،
ڪريا ڪُنگرا ڪوٽ جا، چَڙِ چَڙِ ڪري چو نہ!
سنڌي هوندو سو نہ، جنهن نہ وڏايو وڪ ڪي.

◎

# وايون

(1)

پنڌُ پرانهين پار جو
گهوڙا ٻڌ نہ گهاٽ تي.
رنگ لهوءَ جي راند ۾،
ريٽو ڪر ڪٽار جو
گهوڙا ٻڌ نہ گهاٽ تي.
سورهيہ سڪي سوپ ڪي،
ڪانئر سٽڪو هار جو
گهوڙا ٻڌ نہ گهاٽ تي.
ڪنڌيءَ لنوين ڪانگڙو
ڪو ماٽهو آ ولهار جو
گهوڙا ٻڌ نہ گهاٽ تي.

(2)

جنگ کٽي جونجهار،
پلي ڪري آيا،
جي ڪري آيا.
ڇاتي ڇيتيون، وار رتاوان،
سورهيہ جو سينگار،
پلي ڪري آيا،
جي ڪري آيا.
وار ڇنڊيندي، ماءُ ٻُڌي ٿم،
گهوڙن جي هڻڪار،
پلي ڪري آيا،
جي ڪري آيا.
وکّ کنيائُون، وَيرُ وتائُون،
ڏَڏَ ڪيائون ڏار،
پلي ڪري آيا،
جي ڪري آيا.
ٻُنگ، ڪٿوري، ٻور وڻن ۾،
هير ۾ آ هٻڪار،
پلي ڪري آيا،
جي ڪري آيا.

# بيت

جاري رک جهاج تي، ورهين تائين ويڙهه

# سُر سامونڊي

نه سي دؤرَ درياهه جا، نه سي سڙهه سُکانَ

# ڪاهِ تہ اُڪرين ڪُنّ مان

موڙي ويا مڪڙيون، ڪاڏي ڪشتيبان!
نہ سي دؤر درياهہ جا، نہ سي سڙهہَ سُڪان،
لَتيا اُتر واءَ ۾، ناتاريون، نيشان،
ڪنهن تَڙِ ملي ڪا نہ- خبر ڪيڙائُن جي.

◎

پَسي دَم درياهہ ۾، ڪامل! ڪشتي ڪاهِ،
وڻجارا ولات ۾، وجي وڪر لاهِ،
جيڏي ساهہَ سمونڊ جي، سندَ بہ اوڏا ساهِ،
بيڙي ٻارهين ماهِ- ڪاهہ تہ اُڪرين ڪُنّ مان.

◎

آيل ويا اوهري، ٻُڏي ڪڪڙن دس،
ويني پوڄيان وچ تي، غورابن جا گس،
لنگهي لهريون لس- موٽي ايندا مون گهرين.

◎

وڏا بيڙا وڻج جا، ڪاهي ڪالهہ ويامِ،
ڪاري ڪيڙائُن جا، اچي پُورَ پيام،
واڳون ٿي وريامِ- سنجهي سور پرين جا.

◎

اُتي جَرَّ سان جهيڙ- سوگهو ٻڏي سندرو،
اونهي آب عميق مان، ماڻڪ، موتي ميڙ،
جاري رک جهاج تي، ورهين تائين ويڙهه،
مَٿي مُنهن مِٽي ڪان، ڪارو پاڻي ڪيڙ،
سارو سمنڊ سهيڙ- موتين وانگي مُٺِ ۾.

◎

پوڄارا پري- جيڪس ٽيا جيڏيون!
اُتي ويا اُڪري، جتان ويو ڪين وري،
آرا اکين سامهان، جتِ ڪاري رات ڪري،
اَٿ ٿِي پهر اندر ۾، ’بيوس‘ باهه ٻري،
توڙي اک ڦري- ته به وري ورندا ڪينڪي.

◎

# وايون

(1)

ويندي وڻجارن،
آيل! ساموندين،
لنگهي سير سمونڊ جي،
آيل! ساموندين.
پيڙيون ٻاجهارن جون،
تاريون طوفانن،
لنگهي سير سمونڊ جي،
آيل! ساموندين.
بندر ۾ بازار ۾،
کارا شال ڪُلن!
لنگهي سير سمونڊ جي،
آيل! ساموندين.
پوپان ساهه سمونڊ جي،
آڏو ڪُنّ ڪڙڪن،
لنگهي سير سمونڊ جي،
آيل! ساموندين.

(2)

لکين سج لهي ويا،
کيڙينديِ ڪارو،
آيل! انگ نہ ڏکيو.
جوٺي جنڊ فراق جا،
آندم اُڏارو،
آيل! انگ نہ ڏکيو.
آءُ بہ هڪ آسائتي،
سانوڻ سيارو،
آيل! انگ نہ ڏکيو.
سڙهہ ڏٺا مون سامهان،
ڏريندي ڏارو،
آيل! انگ نہ ڏکيو.

(3)

ورندا وڻجارا،
اورانگهي اوڙاهہ کي.
بندر ۽ بازار ۾،
کوليندا کارا،
اورانگهي اوڙاهہ کي.
ايندا اتر سامهان،
هن مند هاڪار،
اورانگهي اوڙاهہ کي.

(4)

ساري هن سمونڊ کي،
ويندا واسيندا،
اورانگهي اوڙاهہ کي.
پري ٻيڙا ٻاجهہ جا،
امڙ! آڻيندا،
اورانگهي اوڙاهہ کي.
ويهي جيڏن وچ ۾،
ليکا لاهيندا،
اورانگهي اوڙاهہ کي.
چِڪون پائي شيخلي،
سٻر ساهيندا،
اورانگهي اوڙاهہ کي.

(5)

وارو ڙي! وڻجار،
پرهه ڦٽي آ، پڳهه ڪٽن ٽا.
واءُ اٽائو ونجهه ڪنيائون،
هڪلون هيبتناڪ ٻڌئُون،
آيل! سِجَّ اپار،
پرهه ڦٽي آ، پڳهه ڪٽن ٽا.
وِيرِ چڙهي آ، ڳالهه ڳري آ،
چاڙهه چڪڻ جي مند چري آ،
ڪارا ڪارونيار،
پرهه ڦٽي آ، پڳهه ڪٽن ٽا.
سائر جن کي سڏُ ڪري ٿو،
ٻيڙِي ٻڄي پير ڪٽي ٿو
شال! پڄن هن پار،
پرهه ڦٽي آ، پڳهه ڪٽن ٽا.

(6)

راتِ جي سانت ۾، لاٽ پنڇي لنون،
لاٽ پنڇي لنون.
چنڊ جهڙا پرين، ساهه ۾ سانڍجن،
لاٽ پنڇي لنون.
سونهن جي سينگ جا، تيرٿا تاڻجن،
لاٽ پنڇي لنون.
ٻانهن جي ٻيڙ تي، ناڪئا ننڊ ڪن،
لاٽ پنڇي لنون.
ڪُنِّ ـ ڪرلاوِمي، اڪ ٻوٽي اُٿن،
لاٽ پنڇي لنون.
ڏنڊ تي ڏار سان، ڏينگ ڏُرڪي لهن،
لاٽ پنڇي لنون.

(7)

ورندا ڪيئن وٽجارا جيڏيون، الا منهنجا،
ورندا ڪيئن وٽجارا
ساريو ساموندين کي،
نيڻ چاڙهيا نار، جيڏيون، الا منهنجا،
ورندا ڪيئن وٽجارا
ساريو ساموندين کي،
ورندا ڪيئن وٽجارا جيڏيون، الا منهنجا،
ورندا ڪيئن وٽجارا
ولين جيئن وجود کي،
وڪوڙيو ويچار، جيڏيون، الا منهنجا،
ورندا ڪيئن وٽجارا
مڙئي مون جيئن ماريون!
وجهو چِتن ۾ چار، جيڏيون، الا منهنجا،
ورندا ڪيئن وٽجارا
ڪڏهن ايندا ڪينڪي،
دوست ٽيا جي ڏار، جيڏيون، الا منهنجا،
ورندا ڪيئن وٽجارا
پينر 'بيوس' آهيان،
پٽيو ڪيان پئي پار، جيڏيون، الا منهنجا،
ورندا ڪيئن وٽجارا

# بيت

چريءَ ڏيئي چٽَّ - مڙس متارا ماريا

# سُر يمن ڪلياڻ

چوڏهينءَ رات چڪائيا، موڪيءَ مَٽَّ پري

# موڪيءَ مٺ چڪائيا

موڪيءَ مَٺَّ چڪائيا، پَري نيلا نانگ،
لنون وينا لاتڙيون، ڪونرن مٿان ڪانگ،
موتي ايندي مند تي، ڇُڳيرن جي ڇانگ،
ٻٽيون هي پڙ پانگ۔ ڪڏهن ٿيندين ڪينڪي.

◎

چوڏهينءَ رات چڪائيا، موڪيءَ پري مٺ،
پسي وٺيون وهڻ جون، ڪاڏي ساهن سٺ،
ناگهہ نچڻ آئيا، مٿي نير نڪٺ،
چريءَ ڏيئي چٺ۔ مڙس متارا ماريا.

◎

چوڏهينءَ رات چڪائيا، موڪيءَ مٺ پري،
مونجهي متارن ڪي ڪارُون سڏ ڪري،
اُتي ويا اُڪري جتان ويو ڪين وري،
ويٺي ڏُکَ ڏري۔ ساريو ساٿيئڙن ڪي.

◎

# وايون

(1)

ڳاڙهن ڳپرن ڪاڻ،
موڪيءَ مَٽَّ چڪائيا.
سپن جهڙي سَٽَ ڪي،
چاٽيءَ منجهه نه چاڻ،
موڪيءَ مَٽَّ چڪائيا.
پڪي آهي پوهه ۾،
ڪيڏي ڪيف ڪڙاڻ،
موڪيءَ مَٽَّ چڪائيا.
جاڏي ڪوءِ ڪلال جي،
تاڏي وينو تاڻ،
موڪيءَ مَٽَّ چڪائيا.

(2)

مَٽَّ چِڪايا مَدُ جا،
موڪيءَ منجهند تاڪَ.
هٿ رنڱائي رت ۾.
سپن واري سَٽَ ڪي،
پيندا زهر پياڪَ.
هٿ رنڱائي رت ۾.
چاڙهي چُڪي چپ تي،
وڙهندا ڏيئي واڪَ.
هٿ رنڱائي رت ۾.

# بيت

ڳاڙها گُلَ گلاب جا، اوڏِڻ- ورنا انگ

# پتائيءَ ڏانهن

مون وٽ ٻُوها ٻار جا، تو وٽ ڪيت، ڪَرا

# پٽائيءَ ڏانهن

ٻاڙها گُلَ گلاب جا، اوڏڙ- ورنا انگ،
تنهنجا بيت بهار ۾، چورين ويٺا چنگ،
پسي سونا سنگ- ٻُوها اُڇليم ٻار ۾.

◎

تو وٽ کيت خماريا، مون وٽ ڪچي ڳڙ،
مِٺي ماڪيءَ پانئيان، جا تو پياري جَهڙ،
اچي تو آسڙ- چٽيم چُوڙا ڪچ جا.

◎

مون وٽ ٻُوها ٻار جا، تو وٽ کيتَ، ڪَرا،
کٽي ويٺس کيپ ۾، چِڪڻ منجهه ڇَرا،
مون وٽ گيت گَرا- تو وٽ گُل گلاب.

◎

# وايون

(1)

الا، چو نيڻ ننڊ نه ڪن!
آتڻ آڏو اُتَّ ڏسي ٿيون،
ٽاريليون ٽڙڪن،
الا، چو نيڻ ننڊ نه ڪن!
وِهتل وڻ جي ماڪ ڦڙن مان،
باهيون ٿيون پڙڪن،
الا، چو نيڻ ننڊ نه ڪن!
ديبل ۽ ڀنڀور مٿان چو؟
ڪانَ پيا ڪڙڪن،
الا، چو نيڻ ننڊ نه ڪن!
جام تماچيءَ جي تَڙَ ڏي ٿا،
ڪنهنجا پير وڌن؟
الا، چو نيڻ ننڊ نه ڪن!
پٽ- ڏٺي! چو تنهنجون وايون،
بَرَ ۾ ٿيون ڀٽڪن،
الا، چو نيڻ ننڊ نه ڪن!
الا، چو نيڻ ننڊ نه ڪن!

# بيت

## چڪن نٽا چاڪ ـ تنهنجا اڄ ’اياز‘ ڇو؟

# مشورو

## اڃان تنهنجا اپ مان، اچن ٽا آواز

ڪو زمانو هو جڏهن شيخ اياز جي قومي گيتن جا هنڌين ماڳين هُلَ هوندا هئا. ڪنهن جي زبان تي "رت آئي ڳاڙهن ٻيرن جي" تہ ڪنهن جي چپن تي "جل جل مشعل جل" باجي جي سُرن وانگر آلاپيا نظر ايندا هئا. بس، "جر ٿر تک تنوار، وڻ ٽڻ وائِي هيڪڙي". وارو مثال هو. شيخ اياز لاءِ جيڪڏهن ڪنهن کي ڪاوڙ يا شڪايت هوندي هئي تہ سندس واتان فقط ايترو ٻڌبو هو تہ ٻيلي شيخ اياز شاعر تہ پلوڙ آهي باقي ماڻهو سٺو ناهي- ۽ بس. ڪجهہ وقت کان ڪو اهڙو واءُ وريو آهي، جو اسٽيج تي لڳل Banners تي شيخ اياز جا شعر تہ لکيا ٿا وڃن، مگر شعرن جي هيٺان مرحوم شيخ اياز لکيو ٿو وڃي.

منهنجي 'مشورو' لکڻ جو خاص مقصد هيءُ آهي تہ بجاءِ جو اسين- جهونڙا ۽ نوان شاعر هڪ ٻئي کان نفرت ڪريون، سٺو ٿيندو جيڪڏهن اسين سڀ شاعر، جهونا توڙي نوان هڪ پليٽ فارم تي ڪٺا ٿي هڪ هنڌ تڪ ٻڌي ٻيهي رهڻ بدران اڳتي وڌڻ لاءِ سوچون ۽ عمل ڪريون- شيخ اياز جي 'انا' ۽ اجوڪي نسل جي 'سوچ' مون کي پنهنجي قلم ۽ تخليق کان وڌ پياريون آهن. شيخ اياز لاءِ مون کي ايڏي عزت آهي جيتري هڪ مها ڪوي لاءِ هئڻ گهرجي. اسين نہ ٿا چاهيون تہ شيخ اياز جي تخليق ۽ سندس واڪاڻ جوڳي Contribution کي ڳنڍ ۾ ٻڌي سکر واري پُل تان مهراڻ جي موجن حوالي ڪيون. اسين شيخ اياز کي پنهنجي وچ ۾ ٻيهاري وڌا ٿهڪ ڏيڻ ٿا چاهيون ۽ شيخ اياز کي بہ گهرجي تہ هو پنهنجي نِرڙ جي گهُنجن کي ڦرهيءَ جي ميٽ وانگر ميٽي ڇڏڻ سان گڏ پنهنجن ضابطن ۾ ايتري ترميم Amendment آڻي، جو هرڪو کيس ائين چئي سگهي تہ شيخ اياز شاعر تہ پلوڙ آهي، پر ماڻهو بہ فرسٽ ڪلاس (لاثاني) آهي.

**(تاجل بيوس)**

# مشورو

(1)

اڪيلو ‘اياز’ تون، ڪنهين ٿو ڪنهن لاءِ؟
سڏي شاعر سنڌ جا، هڪ هڪ ڀاڪر پاءِ،
مُرڪي ميڙاڪن ۾، رُئن کي ريجهاءِ،
اُها ست سٽاءِ، جيئن ماضي موٽائي وجهون.

(2)

اجان چو ‘اياز’ـ تو کي سَڏَ سرير جي،
پائِي وکر وترو جوتي! ڪاھ جهاز
آيو وَڙُ وڻجار جو، جيئن چرچو ٿئي چؤباز،
هٽي ميخ مجاز- واڱ ڪنڊيءَ جي ور ۾.

(3)

اجان تون اياز! رکين سَڏَ سرير جي،
ڪوي سونهين ڪينڪي نفرت مٿي ناز،
نئين ٿهيءَ جي نينڊ جو راڳي! پرک تہ راز،
تو ڪيئن پَرَ پٽائِيا! چونِ ٿا چؤباز،
وٺ وارو ڪڻ ساز- تہ مهڪي پونءِ ملير جي.

(4)

آءُ ميان! ڪڻ ڪينرو وينو ڳاءِ وڄاءِ،
پٽ ڏٽيءَ جي پونءِ ڪي موٽئي جيئن مهڪاءِ،
ساري ڪوتا سنڌ جي سيني ساڻ لڳاءِ،
سارا ڪوّي سنڌ جا، جيئن تانگهن پيا تولاءِ،
ساڪا ست سٽاءِ- جا جيءُ چوائي جڳ ڪي.

(5)

چڪن نٿا چڪا- تنهنجي اڄ ’اياز‘ چو؟
لاهه ته ڪلهي ڪينرو، سمهه نه ٻوٽي طاق،
تو ڪي سارين سپرين! ٿر ۾ جنجا ٿاڪ،
ڏنيي پنهنجيءَ ذات ڪي، ميان! منجهند ٿاڪ،
اُپٽِ مٽ مجاز جا، جيئن پاٽان اچن پياڪ،
پَهَرِ اها پوشاڪ- ته ڪوّي! سپ ڪنا ٿيون.

(6)

اُٿي ڪر ’اياز‘- سڏ پڙاڏو ساڻ ڪي،
اڄان تنهنجا اپ مان، اچن ٿا آواز،
تون ڪيئن ستين ڪاپي! پيچي سارا ساز!
اوٺا ٿيا نه اصلي تنهنجا جُنگ جهاز،
راڳي! پرکي راز- ويهه اسان جي وچ ۾.

(7)

ڪنهن تہ چيو هو ڪاپڙيءَ! تون مها، تون متير،
پوءِ ڪيئن تنهنجو پاٽي! ترڪي پيو پير،
نئين نسل جي نِيتِ ۾ ناهي ڦند نہ ڦير،
جنهن ڪي سُڌ نہ سچ جي، سو ڪوڙي آهي ڪير؟
سڏيين سوا سير- جي وهين ساڻين وچ ۾.

(8)

تنگ ڪيو طعنن- اُٿين ڇو نہ اياز تون؟
تون ٿي ٽُڪرو لوهہ جو، اسان ڪهاڙيءَ ڳن،
رانول! رتوڇاڻ ري، نٿو سرچي من،
سوپيا ٿا سڏجن- جن ڏنا سر ساٽيهہ ڪي.

(9)

وڻ ساڳو پن ساڳيا، ساڳي پپر لام،
اڃان آديسين جي مٿي سَرَ اُڏام،
پيير نہ تنجا پٽ تي، گنجي جنجي گام،
سائو لڪڙ هٿ ۾، ڪلهي مٿي ڪام،
ناڪا! نئين نسل هي، پرک تہ ميان! مام،
وارو ڪر وريام! وري اُٿي وير آ.

(10)

اڪيلو ‘اياز’ تون، ڪنهين ٿو ڪنهن لاءِ؟
گهارڻ ائين گهر۔ ڪنڌ ۾ جُڳتين ڪين جڳاءِ،
ويهي ساٿين وچ ۾، نئين ڪا جوت جلاءِ،
نئين نسل جي نينڊ ڪي، هنئين ساڻ هنڊاءِ،
ميان! هَٿَ ملاءِ۔ آءُ تہ پرچون پاڻ ۾.

(11)

تو چو اج ‘اياز’ ڪو تاڙيو ناهي تير،
اجان ڪنهن امڙ جو، ڪريو ناهي ڪير،
سُٺي سڏ ساٽيهہ جا، ڏي جيري کي جهير،
من چيڪي چيڪي چير۔ مهڪائي ملير کي.

# وايون

(1)

ڳُهٽا! ڳاءِ وڄاءِ،
آڏيءَ گيت اُڏاءِ،
پرکي منهنجي پيار کي.
مک پراٽي مڪڙي،
ساڳا سڙهه ساءِ،
پرکي منهنجي پيار کي.
ڪري اوٽَ عنبير جي،
مِٽيءَ کي مهڪاءِ،
پرکي منهنجي پيار کي.
ڪنهن ڇيو ٽئي ڪاپڙي!
ويٺو پور پچاءِ،
پرکي منهنجي پيار کي.
نئين ٿهيءَ جي نسل کي،
ٻري ٻاڪر ٻاءِ،
پرکي منهنجي پيار کي.
هي پڻ ماٺو ماڳ جا،
هِتي اٿ هُچاءِ،
پرکي منهنجي پيار کي.

آءُ تہ تنهنجو آهيان،
ماروئڙن مڇاءِ!
پر کي منهنجي پيار کي.
اونده منجهہ ’اياز‘ ڙي!
نئون ڪو ديپ جلاءِ،
پر کي منهنجي پيار کي.

(2)

منهن تي پگهر۔ ڦڙا،
منديءَ منجهہ ٻُڙا،
آهن پار ’اياز‘ جا.
گَڏي پيو گيت ۾،
چڙهي ڪي کير۔ پڙا،
آهن پار ’اياز‘ جا.
هِتي اُتَّ هچائِيو،
اڙي، اونيئڙا!
آهن پار ’اياز‘ جا.
لوچي ويٺو لوهہ ۾،
جتي جوڳيئڙا،
آهن پار ’اياز‘ جا.

# غزل

کيئن چوين ٿو، چور نه آهين؟
تنهنجو تازو پيرو آهي.

پاڙياريءَ جو چولو ميرو،
پاڻ ته ڪيڏي پياري آهي!

(1)

چنڊ مٿان چوِياري آهي،
پوءِ به سِرَ تي ڪاري آهي.

جڳ ۾ آهي جوڙو جوڙو،
هيڪل هڪڙو هاري آهي.

پاٽياريءَ جو چولو ميرو،
پاڻ ته ڪيڏي پياري آهي!

ڪيئن آيو آن، ڪر ڪي خبرون،
خوش آن، جوڙ بهاري آهي؟

منهنجون سوچون، مون سان رهنديون،
تو وٽ لٺ اُڌاري آهي.

اڇلايو پيا ايٽم گولا،
ڇا هيءَ ڌرتي ڪاري آهي!

رُئندي رُئندي ڪلي پوي ٿو،
ويچارو ڌوهاري آهي.

منهنجي اکِ نه ڳڪ سهي ٿي،
تو ڪيئن اک اُلاري آهي!

ڪيڏي مون ۾ تابش آهي!
شايد دل ’بخاري‘[1] آهي.

سنڌ سڄيءَ ۾ هڪڙو ’بيوس‘
مارُن وٽ مياري آهي.

(1) پياروءِ پنهنجو شاعر ’اُستاد‘ بخاري

(2)

جيون بن جو ڳيرو آهي،
ٿورو رنگ جو ميرو آهي.

ياڳيو مڙس پليرو آهي،
وبرِي هڪ وڏيرو آهي.

ڪيئن چوين ٿو چور نہ آهين؟
تنهنجو تازو پيرو آهي.

ڪاٺيون سمجي، ٻار نہ تيلي،
ڪانگل جو آکيرو آهي،

هِتِ اُپري ٿو، هُتِ لهي ٿو
چنڊ تہ ڪو چؤپيرو آهي!

گهٻرائين ٿو! پهچي ويجهو
ٿورو پنڌ ڏکيرو آهي.

هٿ ۾ آهي ايٿر گولو
هينان اَٽل وچيرو آهي.

هاڻي ڪاڏي ڀَڄي نہ سگهندين،
گهاتن وارو گهيرو آهي.

تو وٽ آهن ڪيت پٽائي،
منهنجي ڪِوتا ڪيرو آهي.

هاڻي ياڪُر پاءِ پلي تون،
جَرَ ڪان آجو جيرو آهي.

بيوس هو سنگسار ويو ٿي،
ڪيئَن چئَو ٿا؟ جيرو آهي.

(3)

منهنجي چورائَي ويا سِٺَ،
تنهنجي چولي وارا چِٺَ.

ڪا ته اسان جي ناڻ ڪيو،
پُوڻ سڄيءَ مان هڪڙي پِٺَ.

جنت وارا، تنهنجا سيڻ،
ڏرتيءَ ڄايا، منهنجا مِٺَ.

نفرت آهي تنهنجو ڏاج،
پيار ڪرڻ جي مون ڪي پِٺَ.

❑ ❒

(4)

چو دل اُداس آهي؟
چو تا هنيانءُ هاريو
کهڙي هيءَ شام آهي!
کو ديپ ڪنهن نہ ٻاريو.

هر موڙ تي پڪاريو
گونگا نہ ٿي گذاريو
جي سِرَ کپن تہ سائين!
ڪنهن تند کي تنواريو.

کو ٿهڪ ڏئي ڳالهايو
ڀاڪر تہ کهڙو پايو
چپ چاپ چو رهو ٿا،
کلندي کٽي کيڪاريو.

منزل بہ ڏور آهي،
پهچڻو ضرور آهي،
چو وقت ٿا وڃايو
وارو کيو وکاريو.

کيڏو خمارُ آهي!
‘بيوس’ بهار آهي،
شايد وري رڳن ۾،
اچ خون آ خماريو.

(5)

کهڙي هيءَ شام آهي!
هر خالي لام آهي.

ڇانيو مٿان انڌيرو
ڪو ڪانگ آ نہ ڳيرو
شايد ويو وڃي ڪو
وڻ، وڻ تي دام آهي.

ناهي اکين ۾ لالي،
هن جام ۾ جلالي،
اُگرِي، نڪي ڪڙي آ،
مئي ۾ ڪا مام آهي.

جنهن ڪيت تي ڪانياٽي،
ڪنهن پڙچ ۾ نہ پاٽي،
’بيوس‘ نڪو بسيرو
اوڏانهن اُڏام آهي.

❑ ❒

(6)

تون رهين ساڳو اهو ئي اجنبي،
مون ڪئي قربان توتان زندگي.

تون ٿڪل آهين، وڃي آرام ڪر،
منهنجي پيرن هٿ رهندي ڏر تتي.

زندگيءَ ۾، جا نہ ٿي تو کي نصيب،
موت سا، مون کي ڏئي ويو روشني.

ڪا تہ اک ٻوٽي، اُٿي آ ننڊ مان،
ڏوُر، هن گهر ۾ ٿي ٺمڪي باهيڙي.

مون حقن جي ڳالهہ ٿي هُن سان ڪئي،
تون ڪٿان آئين؟ ٿئين ڇو ٿو لڄي.

نا اميديون تو ڏنيون اڻ توريون،
مون مڃيو قبلا! برابر آن سخي.

❑ ❒

(7)

جاڻَ جيِيءَ ۾ جرڪي پيئي،
سون سچي جيان جرڪي پيئي.

سؤلي ناهي سنگتراشي،
پاهڻ، پاهڻ رڙڪي پيئي.

آئي آهي ڏات ڏمرجي،
ڪاهوءَ پاسي، ڪڙڪي پيئي.

نٽ ۾ پوتل موتي ناهن،
جواني آ، جا جرڪي پيئي.

ماس، هڏا ها، مٽي ٿي ويا،
اک تڏهن پي ڦڙڪي پيئي.

ڏَڙُ ويا پوري، ڏوڙ مٽيءَ ۾،
گردن آ، جا لڙڪي پيئي.

پيچ- ينيءَ جو واءُ اُتر جي،
ٽر جي جائي ٽڙڪي پيئي.

❑ ❒

(8)

بُوند بڻجي نتي گهٽائُن ۾،
پياس ئي پياس آ نگاهن ۾.

زندگي ڪيڏي خوبصورت هُئي،
ويئي گذري جا ڪنهن جي ٻانهن ۾.

ڇو نہ منزل ڏي ڊوڙ پائين ٿو؟
ڇا رکيو آهي دوست دانهن ۾.

زندگيءَ بارُ آهي ڌرتيءَ تي،
ڪيڏي پُرڪيف آ فضائن ۾.

ملي منزل اڪين جي ٻوٽڻ سان،
ويئي گم ٿي جا تو ڪان راهن ۾.

ڇوڙيا ٿم زلف، اچ، مسافر! اچ،
گهڙي ڪن ويهُ تون بہ ڇانئُن ۾.

❑ ❒

(9)

اڄو شرمائجي بهارن کي،
چمين رکجي اکين تي خارن کي.

ڇو نہ وک ٽا وڌايو منزل ڏي،
ٻَنِ ڏيو نينهن جي نظارن کي.

زندگي، هڪ اٿاهہ ساگر آ،
اچو ڳولهي وٺون ڪنارن کي.

ويون دلين ۾ نفرتون رهجي،
پيار هو ڏئي ڇڏيوسين پيارن کي.

ڪبي الفت جي ورڪا ’بيوس‘ تي،
سڏيو بيشڪ ڪٺي هزارن کي.

❑ ❒

(10)

زمانا! ڇُيئي ڇا؟ مان ناندان آهيان!
مان انسان آهيان، مان انسان آهيان.

ويو ڏوهہ تي ڪيئن آدم، حوا ڪان،
انهيءَ ڳالهہ تي مان بہ حيران آهيان.

ازل ۽ ابد جا پڇيو راز ڪوليان،
تہ ڇئبو پٿائيءَ جو ديوان آهيان.

مجان ٿو تہ مان پاڻ ئي ڪجهہ نہ آهيان،
اوهان ڇئو، اوهان لاءِ مان ڇا نہ آهيان!

جيئڻ لاءِ آهيان، مرڻ لاءِ ناهيان،
ڇيئي ڪيئن؟ گهڙيءَ جو مان مهمان آهيان.

❑ ❒

(11)

ڪيسين رهندي ڪارا هانوَ
ڏرتيءَ تي هيءَ سرتي ڏار.

ڇاتي آتي، ڪاتيءَ گهاوَ
اڪڙيون آليون، اٽيا وار.

پياسا پانڌي، ڏرتي ڏُوڙ
ڪرڪي بادل! ڪارونيار.

ويراڳي من وياڪل تي،
ڪاريءَ رات وڇايا وار.

آٽي هاٽي تَتَل تيل،
منهنجي من جي بن ۾ هار.

ڏس مون ڪاٽئون آندي آهه!
تنهنجي لاءِ تنبوري تار.

❑ ❒

(12)

راتاهن ۾ رَت وهائي،
پنجهر ڏرتي ڪيڙي وينو.

پنهنجيءَ پَرِ ۾ ڳوڙها ڳاڙي،
موتي سمجهي ميڙي وينو.

شال پکيئڙا ڦڙڪي اُڏرن،
چڙڪ وري ڪو ٽيڙي وينو.

ڊوڙي آئي ڊيل اَرَءُ ۾،
نينگر نغما ڇيڙي وينو.

❑ ❒

(13)

پاڻي ڪين ولهوڙي وينو،
جڳ سان ناتا جوڙي وينو.

لهر لهر تي پاهڻَ تاري،
پَنَّ پبڻ جا ٻوڙي وينو.

چريَّن وانگي، چؤواٽي تي،
ماسُ هڏّن تان روڙي وينو.

اوٺارن ۾، اوسيئڙن ۾،
پِيلا پَنَّ مروڙي وينو.

رت جو ساگر رُڪڻو ناهي،
دل جا ٽاڪا ٽوڙي وينو.

اوندانهين راتين سان اُلجهي،
مارڳ مهري موڙي وينو.

ڀنيراڪي جو ڀُونِءِ مٿان ڪو،
ڳاڙها جهنڊا کوڙي وينو.

❑ ❒

(14)

پٽر روز پگهاري وينو
ريٽي رت کي هاري وينو.

ورهين کان ويچاري وينو
داٽا چار ٻوهاري وينو.

پيلا، پيلا پَنَّ مروڙي،
ساٿي پنهنجا ساري وينو.

ڪوڪو ماٺو ڏينهن ڏني جو،
ديپ وساٽل ٻاري وينو.

ارڏا ماٺو اڇٽا آهن،
نينگر راهه نهاري وينو.

❑ ❒

(15)

ڳاڙها جهنڊا جهولائيندا،
ميدانن ۾ مُرڪڻ وارا.

ههڙيءَ رُتِ ۾ اُٿندا آهن،
اونداهين سان اٽڪڻ وارا.

پاڇولن جيان پيڇو ڪن ٿا،
لوڻ ڦٽن تي ٻُرڪڻ وارا.

رُتِ ڏني ٿئون، رَتُ گهرن ٿا،
پَٽِ جا ڏاڍا سُرڪڻ وارا.

ويجها ٿيندا ويندا آهن،
منڙا ماٺهو مُرڪڻ وارا.

پي نہ سگهيا سي، پُرزا ٿي پيا،
جام هيا جي ڇُلڪڻ وارا.

❑ ❒

(16)

ڪنهن جڳ ۾ جوت جلائي آ،
رت ٽانڊن تي ڇٽڪائي آ.

ٽي لوڏي لال هندوري کي،
جا هير ڏکڙ جي آئي آ.

هن پار مسافر! هلڻو آ،
ڪو ڪُرڙِ گرهڙو ڪائي آ.

آ پوئَين سج جو پاڇولو،
جنهن رانگهي راڙ مچائي آ.

ڪي مانجهي منزل ماڻي ويا،
تو هاڻي وک وڌائي آ.

ڪنهن ونجهه هلايا وانجهيئڙي،
ڪو ٽُرهي ريءَ توائي آ.

هُو ڪوري ويا سر ’بيوس‘ جو،
تو هاڻي سئن لڳائي آ!

❑ ❒

(17)

اڄ ڪارونجهر تي ڪڙڪو آ،
وڄهه واڳون اڙل وڇيرن ۾.

سا ورهين ڪان نہ وساڻي آ،
جا آڳ لڳي آڪيرن ۾.

جا ٻيلاتين ۾ ٻرندي هئي،
سا ’ٻُٺُ ٻُٺُ‘ ناهي ٻيرن ۾.

هُن پار پکيئڙا اُڏري ويا،
ڇا ڳولهين باک بسيرن ۾.

تو ٻيٽاريءَ تي ٻاٺ ڪئي،
مون ٻاري لاٽ انڌيرن ۾.

تون راتاهن سان رَتّ وٺين،
مان ڳولهيان ڳاڙهن ٻيرن ۾.

مون، سورج اُپريو سَڏّ ڪيا،
تون آيو آنهه اوٻرن ۾.

❑ ❒

(18)

ساهہ گھٽجي ٿو ڇو سهارن ۾!
باهہ ئي باهہ آ بهارن ۾.

مان تہ منزل ڏي ڊوڙ پايان ٿو
ڇو ٿي ڏکٽي پوي ستارن ۾.

منهنجي قيمت ڪٿڙ ڪان اڳ ۾ ئي،
لکي ڇڏ ناءُ سونهن وارن ۾.

ملي منزل اکين جي ٻوٽڻ سان،
ويئي گم ٿي جا تو ڪان چارن ۾.

ويو حلقو وڌي هو يارن جو
پيار پورو نہ پيو پيارن ۾.

اچي خوشبوءِ پئي بهارن جي،
ڪو تہ زخمي آ ريگذارن ۾.

ڪبو اظهار جي حقيقت جو
ڪري وجبو فقط اشارن ۾.

مليو ‘بيوس’ وري زماني کي،
هڪ ٿيندو آ جو هزارن ۾.

❑ ❒

(19)

منهنجي دنيا ڪي ڪري برباد ڪيئن!
پنهنجي دنيا ڪي ڪيئي آباد ڪيئن!

بي رخيءَ تنهنجيءَ سمجهائي ڇڏيو
جانِ پٿر ۾ وڏي فرهاد ڪيئن!

جا صبر سان تنهنجي صدمن ڪي سهي،
ڏَسُ، انهيءَ دل ڪي ڪجي ايجاد ڪيئَن!

رات ’بيوس‘ ڪي سڏي ’ساميءَ‘ پڇيو
ڏس ’پٿائِيَ‘ ڪي ڪُيئي استاد ڪيئن!

❑ ❒

(20)

مان خود ئي خطائون، ڪٽي آيو آهيان،
گهٽيون ئي گلائون، ڪٽي آيو آهيان.

وفائُون، جفائُون، ڪٽي آيو آهيان،
جو مون کي ڏنائُون، ڪٽي آيو آهيان.

ٻُڪن جون بلائُون، ڪٽي آيو آهيان،
اِهي پيي ته آئون، ڪٽي آيو آهيان.

گجان پيو، گُڙان پيو، ڪٽي هو ڪسانو!
هلي چو هوائُون، ڪٽي آيو آهيان.

وڏي ڳالهه آهي، جو دل جي دنيا ۾،
خدا ۽ خدائُون، ڪٽي آيو آهيان.

وڳا ويس پهري وسڻ لاءِ 'بيوس'،
گهڙي کن گهٽائون، ڪٽي آيو آهيان.

❑ ❒

(21)

ديس وارا دم ڏين ٿا، ڇا ڪجي!
پيٽ سان پاهڻ ٻڌن ٿا، ڇا ڪجي!

ڪي ويا ڦُرجي، پيا ڪي جيل ۾،
ڪي پيا ڦاهيءَ چڙهن ٿا، ڇا ڪجي!

پنهنجو گهر جڙ ڪو لڳي ٿو ڪوس گهر،
ڪيترا ڪونڌر ڪسن ٿا، ڇا ڪجي!

پيٽ پوڄا جي ڪجي، يا قوم جي،
وڻِل ۾ ويلا لنگهن ٿا، ڇا ڪجي!

اڄ ڪٽي زنجير ڪي شايد اچن،
ڪانگ ڪوٺن تي لنئون ٿا، ڇا ڪجي!

❑ ❒

(22)

آءُ چنبُ ٽيون، چانڊاڻ ٽيون،
آءُ سونهن ٽيون، سُرهاڻ ٽيون.

جو لوهہ متائَي، سون ڪري،
سو آءُ تہ پارس پاڻ ٽيون.

جا ڳُوڙَ ڪپت جو ڪنڊ پڇين،
سا پڙڪو ڪائِي ياڻ ٽيون.

ڇو ٻئي جا موتي چورايون،
ڇو پاڻَ نہ هيرن کاڻ ٽيون.

❑ ❒

(23)

وِجھُه قابو هٿ گهڙوليءَ ۾،
ٿي ڇيهون، ڇيهون چوليءَ ۾.

جي ويڻ ڏئي، تو وَڏِّ وڏا،
سي گهاوَ نہ آهن گوليءَ ۾.

آ جرڪو ڪنهنجي جوانيءَ جو،
يا چِڪِّ لڳل آ چوليءَ ۾!

چا جوڀن هو، چا جلوا ها،
جا عمر ڪِٽي سي کوليءَ ۾!

مان قائِل هان، ڪانڊيرن جو،
جو گُلَ وجهو ٿا جهوليءَ ۾.

هِي سوالي ناهين، سوريءَ جا،
جو ڏَڏَّ ڪنيا ٿَوَ ڏوليءَ ۾.

❑ ❒

(24)

ڦٽن گاهہ، پيا ڦوڳ ڦولارجن،
وڃون ڪن جي وسڪا، تہ پُونگا پِڇن.

وسن مينهن پيا ديسَ، پرديس تي،
ڪيا گُلَ ڪچڙا نہ ٽر ۾ ٽٻن.

نڪي ڏُرت ٽئي ڏيهہ ۾ ڏُتَّ جو،
نڪي ٻِگلَّ مارن جا ميراٿجن.

وسي پٽَو ولهارن مٿان بادلو!
مٿان گُلَ موتئي جا مُرجهائِجن.

ڦُٽي باڪ ٽئي ڦاڪَ ڦولار ۾،
ڏڪڻ جون هوائون گهڙي ڪا گُهلن.

پري ڪِرُ سان ڪيتن منجهان ڪارڙا،
ورن ڏانن واپس وريتيون ورن.

بنا انگ اوچڻ، ڊٻن جي مٿان،
ڪري ٻانهن ٻيٽي، سياڳيون سمهن.

نڪي ٻُڪَّ جو ٻَڪَ ’بيوس‘ ٽئي،
نہ ڏڻ ئي ڏنارن جا اوتاڙجن.

❑ ❒

(25)

سکي! سيرَ تي ٿا ڦُريرا اُڏن،
اُتر پار ٻيڙا، وريو ٿا ورن.

ڦُنِي باکِ ڦاکون تي ڦولار ۾،
گنجي، گام، ڏونگر، چَڙا ٿا چَرن.

ونين وارا واسيا، ڇَپَرَ ڪٿّ تي،
حويلين ۾ هئہ هئہ! ڇپيليُون ڇُلن.

سخي! آڻ سُرڪي، گهُلي ٿو ڏکڻ،
متان انگ اَرتا هي اوٻاٽجن.

وِڏو ٻَيّ آگّم ٻَنڌير ۾،
ڪنيا ڪَرّ تر ۾ وري ٿوهرن.

ڦُٽا گاهہ، ٿيا کيت کُهنبي رتا،
پِريا اوهَہ ڏوها، ڏهاڙي ڏهن.

❑ ❒

(26)

جتي پارن ۾ دل جلي هوندي،
هاءِ! ڪهڙي سا زندگي هوندي.

ڪاهي پيو موت آهي ماڻهن ۾،
پَڪَ سيئي ڪٿي وڃي هوندي!

تتو آ ڏينهن، تون بہ ترسي پئُ
آڻيان ماني ٿِي، جي پڪي هوندي.

زندگي سفر هو انڌيرن جو،
موت ڪان پوءِ تہ روشني هوندي.

جتي ڪڻڪن ۾ لاب پوڻو هو،
اُتي ماڪڙ وري لٿي هوندي.

لِڙي آ رات، باهہ ٿي ٽمڪي،
ٻُوٽي اک، ڪا نہ ڪا اُٿي هوندي.

جيڪي جيون جي لاٽ ٻاري ٿِي،
پڪ سان راند ڪنهن ڪٿي هوندي.

جنهن سان پٿر لڳي ٿي پُرزا ٿيو،
اها دل نيٺ پئِي ٽُٽي هوندي.

ڪٿي ’بيوس‘ جي اک ڦري هوندي،
ڪا تہ روئي سمهي پئي هوندي.

❑ ❒

(27)

ڪِرن ٻير ٻگاڙها، ٻہ-ٽي پير ڪڻ،
گهڙيءَ لاءِ گوري! اسان تي بہ چڻ.

اسان ڪي ڏنئِي ذات سنگيت جي،
ٻہ-ٽي گُلَ ڪاريءَ منجهان تون بہ ڪڻ.

ڪٿي ڪانگ ويهي ڪندو ٻالهڙيون!
ميان! چو وڏيو تو پپر جو هي وڻ.

وسو اڄ تہ واهڻ مٿان بادلو!
اڃايل اڃي پيو دروهيءَ جون ڏَڻُ.

سوين پَکَّ سَرَ تي اڏامن پيا،
پري ڪان ماري! هوا ۾ نہ هَڻ.

❑ ❒

(28)

نينهن وارن کي نئون کو نياءُ ڏيو
ڇا ڏيو دل تي وري ٻيو داءُ ڏيو.

زلف جي پيچن جا پهرا ويا لهي،
نانگ ڪارن سان وري پرچاءُ ڏيو.

سونهن ۽ سچ، جا اُتو پيرا ڪٺو
جهٽ ڪريو جو ڄاڻ ويري واءَ ڏيو.

جن سڏايو قيس، تن پٿر جهليا،
عشق وارن جو هي آڏرياءُ ڏيو.

وقت جا فرهاد ڏيو اڳتي وڏو
هي پهاڙن مان وري پڙلاءُ ڏيو.

اڄ ڀي ڪي منصور ڦاهيءَ تي چڙهيا،
ڪالهه ٻي ڪنهن کي نه هو کهڪاءُ ڏيو.

مان ڏيس گردن، تہ هو جلاد ڏيو
وقت سان 'بيوس' جڏهن سرچاءُ ڏيو.

❑ ❒

(29)

تاڙيءَ تي ڪبوتر کي اُڏاري نہ سگهياسين،
اي دوست! اسان تو کي ٻہ ساري نہ سگهياسين.

ڏرتيءَ جو هي گولو تہ اجان ٻرندو رهي ٿو!
افسوس! جو هڪ ذرڙو ٻہ ٺاري نہ سگهياسين.

مذڪور سڄو پاڻ مان معلوم ٿئي ها،
هردي ۾ مگر پنهنجي نهاري نہ سگهياسين.

جنهن رات، وَٺا مينهن، ڦٽا گاهہ گسن تي،
اُن رات سندي ڏات وساري نہ سگهياسين.

دل ڪولي حسينن تي نوان وارَ ڪجن ها،
اکين جي عقابن کي اُڏاري نہ سگهياسين.

❑ ❒

(30)

زهر جا پيالا، پيڻ آيو آهيان،
انهيءَ خيال سان بس گهمڻ آيو آهيان.

جيئڻ کان اڳي مان، مرڻ آيو آهيان،
مرڻ کان اڳي مان جيئڻ آيو آهيان.

ڪُنا ڪاله جي بي خطا ياءُ تنهنجا،
او ڏرتي! انهن جو ٿيڻ آيو آهيان.

زماني جو آخر ته منصور آهيان،
وري دار تي سر ڏيڻ آيو آهيان.

او مٽي! لڪائي ڇڏيئي پيٽ ۾ ڇو؟
وري جڻ وري مان ڄمڻ آيو آهيان.

❑ ❒

(31)

گهر ۾ گهوري، رات ڏنم،
رت ۾ ريٽو جواڻ جماڻ.

ڪيسين رهندي ڪارا هانوَ!
روح روح جي رتوچاڻ.

اونداها ماروئڙن ماڳ،
تنهنجي در تي ڇو چانڊاڻ؟

سنڌو! تنهنجو هر سرويچ،
دکياري آ داٽي ڪاڻ.

موڳا! ڏيندءِ مانجهي ويڻَ،
چولين ۾ اُجلي چِڏ پاڻ.

ڏُڪڙن مان اڄ ڪين لٿي،
مُنهن تي منڙا ماٿي آڻ.

پاڻَ پنهون آن، پرکي ڏِسُ،
ڪيچ وچين ٿي ڪنهنجي ڪاڻ.

پاپي جَڳَ ڪان پاسو ڇو؟
مُرڪي منڙا منزل ماڻ.

پڙڪي، پڙڪِي 'بيوس' نيٺ،
ڏرتي بٽبي هيرن ڪاڻ.

❑ ❒

(32)

پکيئڙا! ڳالهه ڪر پوري، پرن، پيرن ڪٽائڻ جي،
چندن جي لام تي ويهي، گرم ڳوڙهن وهائِڻ جي.

جتي چوٽي چڳڻ خاطر، وچين ٿو پيار جا پنڇي!
اُتي ماري ٿا ڪن تياري، وري چڙڪن اڏائڻ جي.

چڳي داٽو جتي ويهي ڪَيئِي وڻ، وڻ تي واهيرا،
خبر ڪر تن بسيرن جي جلڻ جي ۽ جلائڻ جي.

زماني جي ستم ’بيوس‘ ڪيو بي پر زمانن کان،
نہ ڪر تڪليف ڪا هاٽي، ستم وارا ستائِڻ جي.

❑ ❒

(33)

رک پير اسان جي ٻيڙيءَ تي،
هُن پار اُڪاري هلڻو آ.
جنهن سيرَ سُڪان کي لوڏيو هو،
تنهن سير سهاري هلڻو آ.

پکَ جاڙُ پرانهون ڪو پيارا،
ٿو جهاتيون پائي جهرڻن مان،
هن رات جي ڪارن ڪرڻن مان،
ٿو پرهه پوڪاري هلڻو آ.

جو چولي ٻڌجي، لولي ڏئي،
يا هير ڏکڙ جي ٻڌجي اچي،
جو سج ٻڌجي، اُپ تي اُپري،
سو گيت جهونگاري هلڻو آ.

جنهن وقت اسان وڻجارن جي،
جي واڳون ٻڌجي واڻ جهلي،
تنهن وقتَ مٿان زنجير وجهي،
هڪ جاءِ ٻيهاري هلڻو آ.

اسان مانجهاندي جا مانجهيئڙا،
هُو پارُ تہ ڏس چا پيارو آ!
هن سمنڊ کي جو ڪنارو آ،
سو نيٺ اُڪاري هلڻو آ.

او 'بيوس' رڻ جي راهُن مان،
هن مؤج پيرئي مهراڻ منجهان،
هر ڇوليءَ مان ڇڪتاڻ منجهان،
ڪنهن طرح قطاري هلڻو آ.

❑ ❒

(34)

جي سَيڻ اسان جو ساٿ ڏئين،
سڀ ويڙ ڀُلائي ويندا سين.
جا واٽ وجي ٿي مارڳ ڏي،
توکي بہ وٺائي ويندا سين.

ڇو سامهون ايندي ڇرڪين ٿو!
ڇو پنهنجي مُنهن پيو مُرڪين ٿو،
ڀلي ڪر پيو اسان تي وار لِڪي،
توسان بہ نڀائي ويندا سين.

هر تونگر آڏو هام هڻي،
اسان ڳالهہ ڪيون ٿا ڳاٺُ ڪڻي،
پر حسن وارن جي محفل ۾،
هي ڪنڌ جهڪائي ويندا سين.

مخمور مگن ٿي مستيءَ ۾،
سچ، سونهن وارن جي بستيءَ ۾،
’شمشير‘(1) سڏائي شوق منجهان،
’بيوس‘ نہ سڏائي ويندا سين.

❑ ❒

(1) ’شمشير الحيدري‘ جيڪو الائي ڇو محبت جي ميدان ۾ منهنجي پهرين ۽ آخري ڪمزوري آهي.

(35)

اهڙا سهڻا، جهڙا گُلِّ،
منهنجا دوها، گيت، غزلَّ.

پڪا، پيرون، لال ليار،
ميڙي آندم ماڪ ـ پنلِّ.

هاءِ! پرهه جا پوبان پَلِّ،
هاءِ! اُرَههَ جي آب ـ اُڇلَّ.

ڪڙندا آهن ڪيتن ۾،
ڪنهن ڪنهن ويلي ڪيسُو ڦل.

❑ ❒

(36)

ٿيو ڏَڙُ سِرَ ڪان ڏار، ڇا ڇئجي!
ٽُٽي پئِي دل جي تار، ڇا ڇئجي!

اُڙهو رت، گل ٽڙي پيا صحرا ۾،
اِها رڻ جي بهار، ڇا ڇئجي!

الا! اُجڙي وڃن نه آباديون،
ٿهن پيا ريگذار، ڇا ڇئجي!

ٻُڪن جي باھ! بند پاڻي !،
رُئَن معصوم ٻار، ڇا ڇئجي!

لڳي مالها ٿي ڇڻ ته موتين جي،
اِها لُڙڪن جي لار، ڇا ڇئجي!

ٽٽو آ ڏينهن، وَڻُ نه واهيرو،
نه تاڙي ڪئي تنوار، ڇا ڇئجي!

ڪري زخمي ڇڏي ٿي ذهنن کي،
پرھ واري پوڪار، ڇا ڇئجي!

نه ٿَئي ڪو مُنهن، ٽنگون، نه ٻانهون ٿئي،
توکي او انتظار! ڇا ڇئجي!

اڃا 'بيوس' نه يار! جيئرو آ،
ٺهي ڪنهن لئي مزار! ڇا ڇئجي!

❑ ❒

(37)

عشق جي[1] دربار مان فرمان ڪو ٻڌندا هلو،
وڪ ڪٽو، وارو ڪيو، ڪنهن وِيرِ جيان وڌندا هلو.

ڪلهه هتان انسان جي عظمت جو ٿيو اعلان هو،
هيءَ ادب جي جاءِ آ، هن جاءِ تان جُهڪندا هلو.

ورڻ اُهي، وانگي اُهي، مِٽِي اُها، ماڻهو آهي،
هي به پنهنجو ماڳ آ، هي ماڳ پيي گهمندا هلو.

ڦوڙ، پَٿّر ۽ گليلا، گرز، گڙّ جيڪي لڳن،
ڪي جهليو ٻانهن تي، ڪن ڪي جهول ۾ وجهندا هلو.

جي ڏسو، بندوق جي گوليءَ ڪي شرمائي ڇڏيو،
جي هلو، پنهنجا ڪُلها هالار سان ڇهندا هلو.

ڪيڏي گرمي آهي، پوءِ پيي پرف ٻڄي تا اچو؟
نئين نسل جا نوجوان! باهه ٿيو، ٻکندا هلو.

هُو اسان ماڻهن جي جسمن جا ٿا ڏسجن رت ڦُڙا،
قافلا روڪي انهيءَ رت ڇاڻ ڪي چُمندا هلو.

(1) سچل سرمست جي نگري۔ شهر درازا.

ڪيتريون راهون ڦُٽن ٿيون، هر نئين چؤسول تان،
کهڙي پنهنجي واٽ هوندي، پاڻ کي پڇندا هلو.

يا ٿيو ڪينجهر جو سينو يا تہ ٿي بادل اُٿو،
ٿو سڄو ويو سوڪ ٿي، ٿر جي مٿان وسندا هلو.

هُو ڏسو، مَسند جي ويجهو، ويو پُڄي مزدور آ،
هي جشن جمهور جو، ڏسندا هلو، هلندا هلو.

❑ ❒

(38)

فرمان ڪنهن شهنشاهہ جو جاري نہ ٿي پوي،
هيءَ ڪائنات صحرا جي واري نہ ٿي پوي.

تعريف ڪر نہ ايڏي، ستارن جي سونهن جي،
هلڪي آ پُونءِ، ڪنهن تي سا ڀاري نہ ٿي پوي.

روڪيو گلن جي ورڪا ڪي طبيعت اُداس آ،
ڪا پنکڙي گلاب جي آري نہ ٿي پوي.

ليڪو ڪڍي مٿيءَ تي، نہ مٿيءَ ڪان ٿي جدا،
مٿي مٿن ڪان ڏار ٿي، ڏاري نہ ٿي پوي.

گُلڙن جا هار مون ڪي تون پائين ٿو مگر،
پَٽَ جي ڪچين تندن مان ڪا ڳاري نہ ٿي پوي.

مينديءَ جو تنهنجي هٿ تي آهر نقش لاجواب،
هٿ مان ڦِري ڪا ليار جِي ٿاري نہ ٿي پوي.

منهنجي هٿان تون ايڏي نہ زلفن جي ڇانو ڪر،
زلفن منجهان ڪو ڄار يا ڄاري نہ ٿي پوي.

منهنجي غزل يا گيت ڪي چوندو نہ ڪر گلاب،
’بيوس‘ منجهان ڪو ٻڻجي ’بخاري‘[1] نہ ٿي پوي.

❑ ❒

(1) استاد بخاري، جنهن جي شاعريءَ مان مون ڪي ڪنهن زماني ۾ پنهنجي ساٽيهہ جي سڃاڻ ملندي هئي.

(39)

ٻيڙيءَ وارا هل هُن پار،
مُرڪيا آهن مينديءَ ڏار.

هاءِ! تتيءَ ۾ هيٺا هَڏَّ،
هاءِ! پهاڙن ۾ هي پيار.

انڌيءَ ٻوڙيءَ ڌرتيءَ تي،
ٻيجل آئَين ڪيئَن ٻيهار.

ٻولِ تہ منڙا جهول پريانءِ،
موٽ نہ ميان مگڻهارا!

سِسّي ڌڙ ڪان ڌار ڪئي،
ڪالهہ ڪويّ جي تندے تنوار.

واهہ مچيري تنهنجا منڊِّ،
هئَہ هئَہ تنهنجي هنجے اُڏار!

ويٺي ويٺي جهيڻا راڳ،
پاچل تي پايل جهنڪار،

منهنجا دوها، گيت، غزل،
اهڙا، جهڙا ڏاڙهونءَ ڏار.

❑ ❒

(40)

هن چير کي ٻڌ پير ۾،
جيئن شام کو چمڪو ٿئي.
بيمارَ دل جي درد جو،
دارون دوا من کو ٿئي.

تنهنجي مٺيءَ گفتار تي،
هن سونهن تي، سينگار تي.
اقرار تي، انڪار تي،
حيران ٿو هرکو ٿئي.

گهُوري ڏسڻ، گهائي وجهڻ،
اک جي گليليءَ سان چُٽڻ.
ايڏو نہ وڻ، اکيون نہ کڻ،
وڄ جو متان ڪڙکو ٿئي!

جيون کي جهوري ٿيون چڏين،
مايوهيون ماريو وجهن.
سپ رند راضي ٿي اُٿن،
اظهار جي اج کو ٿئي.

جڏهن پير ٿا تنهنجا ڪڇن،
تڏهن مور ٿا جهومڻ لڳن.
جڏهن زلف ٿا رخ تان هٽن،
مس ٿو تڏهن تڙڪو ٿئي.

آيو شوق تي ’شمشير‘ آ،
جنهنجو پلنگ تي پير آ.
’بيوس‘ ڪمهلو ڪير آ!
ٿو ڪڙهه تي ڪڙڪو ٿئي.

❑ ❒

# گيت

مان ٿو توسان پيار ڪيان، تون اڃلين مون تي ڇار!

هاءِ! اُنهن ڪان حال پڇي ڪو، تر ۾ جنجا تاڪ الا!

گهڙيءَ گهڙيءَ من گهائَي ويئي،
ڪويل بن ۾ ڳائي ويئي.

وسريل ڳالهيون، ياد ڏياري،
ماضيءَ کي موٽائَي ويئي،
ڪويل بن ۾ ڳائي ويئي.

ٽاريءَ ٽاريءَ ٽيڪيُون ڏيئي،
پنهنجي عمر گهٽائي ويئي،
ڪويل بن ۾ ڳائي ويئي.

شرميليءَ ڪنهن ڇوريءَ وانگر،
مون کان پاڻ لڪائي ويئي،
ڪويل بن ۾ ڳائي ويئي.

’ڪُوڪُو‘ جو ڪو سارنگ ڇيڙي،
’بيوس‘ باهہ وسائي ويئِي،

گهڙيءَ گهڙيءَ من گهائَي ويئِي،
ڪويل بن ۾ ڳائي ويئي.

❖

چَمِ، چَمِ، چَمِ، چمڪار،
سانوڻ رُتِ جا بادل آيا،

پيچ پنيءَ جو اوتَ، اُتر جي، واهڙ ويرو تار،
جهڙا ڪجلا نيڻ ڪڪوريلَ، تهڙا مينگهه ملهار،
چَمِ، چَمِ، چَمِ، چمڪار،

موتيو مُرڪي، جهانجهر جرڪي، واسيا پنڙا وار،
مور ڊڀن تي جهولن جُهومن، ڪويل ڪئي ڪوڪار،
چَمِ، چَمِ، چَمِ، چمڪار،

ڪيٽ خماريا، ڦوڳ ڦُلاريا، هئَ هئَ هي هبڪار،
واهه وڻن تا، گوئنچ ڪيُن تا، ڪرڙ ڪنڊا، ڪچنار،
چَمِ، چَمِ، چَمِ، چمڪار،

ميندا ڍوليا، مينهن پُسايا، ڪيئَن ڳُنڊايان وار،
ههڙيءَ رُتِ ۾ رُوح رڙي ٿو ساجن لهه ڪا سار،
چَمِ، چَمِ، چَمِ، چمڪار،

❖

مُرڪي محب پياري سُرڪي سانوڻ ۾،
سرڪي سانوڻ ۾،
لا، مُرڪي سانوڻ ۾.

ڪَرِ ڪَرِ مينهن پونِ،
چَرِ چَرِ پن چٽن،
طوطا باغن ۾،
منڙي لات لنئون،
گهاگهر گهاوَ وجهي ٿي، ڇلڪي سانوڻ ۾.

ٿڏڙي هير گُهلي،
ڪونجان روهه وريون،
ڳاڙهن پيرن سان،
تون مان جهول پريون،
مکڙين مست بڻايو مهڪي سانوڻ ۾.

جيئن ٿا ڪانگ لنونِ،
تيئَن ٿا پُورَ پون،
موٽي آءُ مِٺا،
تو لئي نيڻ ٽمن،
وڻ وڻ حال وندبيو مون سُڏڪي سانوڻ ۾.

ٿهه ٿهه ٿهڪ اچن،
ڳاڙها گُلَ ٽڙن،
اک ٿي اک سان ملي،
جڻ ٿا جام ڇُلن،
چَم چَم چير چپر ۾ چمڪي سانوڻ ۾.

نيٺ نہ موٽي ناءَ،
سانوڻ آيو سيڻ نہ موٽيا،
او وڻجاري ماءَ!

پيچ پني آ، رات رُني آ،
گهَرو ٿيو آ گهاءُ،
او وڻجاري ماءَ!

ساجن ڏاران سُکُ نہ ڏيندو،
هاءِ! اُتر جو واءُ،
او وڻجاري ماءَ!

رات گلن جو پرهہ پرين جو،
آندو هير لڳاءُ،
او وڻجاري ماءَ!

❖

هاءِ! اُنهن ڪان حال پڇي ڪو، ٿر ۾ جن جا ٿاڪ، الا!
ڇا جي ڇانو، اڪيلو آدم، ٿانڊا اڇلي ٿاڪ، الا!
ٿر ۾ جن جا ٿاڪ، الا!

ڏيهہ ڏڪايل، گهايل، گهايل، ڇيٺن ويٺا ڇاڪ، الا!
ٿر ۾ جن جا ٿاڪ، الا!

ور ور تي واسينگ وسيهر، تاڙي بيٺا تاڪ، الا!
ٿر ۾ جن جا ٿاڪ، الا!

پانڌيئڙن جو پنڌ ڪُٺي، شل ڪامل ماڻين ڪاڪ، الا!
ٿر ۾ جن جا ٿاڪ، الا!

باڪ ڦٽيءَ ۾ بيگانن جو، منهڙو ڏوتو ماڪ، الا!
ٿر ۾ جن جا ٿاڪ، الا!

نيٺ تہ نانگا مارڳ ماڻين، هاڙهي پوندي هاڪ، الا!
ٿر ۾ جن جا ٿاڪ، الا!
ٿر ۾ جن جا ٿاڪ، الا!

❖

سمجهي پيرِ وڏاءِ، او يار!
سمجهي پير وڏاءِ.

هن ڌرتيءَ جي دودن سان تون،
ڳؤرو ڪين ڳالهاءِ، او يار!
سمجهي پير وڏاءِ.

پونگا ڊاهي، لاهي ٻاهي، پل پيو ڪوٽ اڏاءِ،
منهنجون ڳالهيون، انب ۾ تالهيون مون کان ڪين کساءِ،
سمجهي پير وڏاءِ.

هرڪا چولي، لولي ٻٽبي، وارو ونجهه هلاءِ،
او وٽجارا! ٻيڙيءَ وارا، هڪڙو گيت تہ ڳاءِ،
سمجهي پير وڏاءِ.

ٻاھہ ٻري آ، مند چري آ، ٻيجل تد تپاءِ،
سر جي سٽن هٽڻ کان اڳ ۾، پنهنجو ڪنڌ ڪپاءِ.
سمجهي پير وڏاءِ.

جهمريون پائي، پيرَ ملائي، ڇير وري ڇمڪاءِ،
ٿر جي جائِي، باگهل ٻائي، ’بيوس‘ ڪين ٻٽاءِ.
سمجهي پير وڏاءِ.

❖

مُرڪي مست بڻايو محبن سانوڻ ۾،
محبن سانوڻ ۾،
سهڻن سانوڻ ۾.

گهَرا گهاوَ وڏا،
گهاگهر گهاگهر تي-
آئِي وارَ ٻُنڌي،
نينگر نيسر تي،
ٻاڙها گُلَ چُنيءَ جا چمڪن سانوڻ ۾.

ڏاڍا مينهن وَٺا،
سُرها گاهہَ ڦُٽا-
صوفي ٻيرَ پڪا،
موٽي آءُ مٺا-
ڪونجان ڪيچ وڻن تي ڪرڪن سانوڻ ۾.

مٺڙي لاتِ لنونِ،
طوطا باغن ۾-
من تو مست ٿئي،
ٿَرَ جي ٽاڪن ۾-
جيئَن ٽا جام اکين جا ڇلڪن سانوڻ ۾.

❖

ٻيڙي پار اُڪاريو ساٿي،
ونجهه ولوڙي، جَرَ سان جهيڙي،
اڳتي سجّ اُڀاريو ساٿي.......

لهر لهر پئي لُڇندي رهندي، مڇندو پيو مجهدار،
هَڏُ نہ پنهنجو هيٺو آهي۔ پختو آ پتوار،
اونهيءَ سڙهَہ اڏاريو ساٿي.......

باک ڦٽي ٿي، رات ڪُٽي ٿي، ننڊ ڦِٽي ٿي يار،
هي تہ اسان جو مارڳ آهي، ديسن جو دلدار،
ويٺو تيز ورايو ساٿي.......

لوچي لهبو نيٺ تہ چڙهبو چاڙهہ چِڪڻ مان پار،
ٻَلُ اسان جو ٻيڙو آ، ٻل موج ڪري مجهدار،
پنتي ڪين نهاريو ساٿي.......

❖

هَلُ تہ هلئون هُنَ پار، او ساٿي،
هَلُ تہ هلئُون هُنَ پار.
هُنَ پِرِ کيٿ خُماريا، هُنَ پِرِ مُرڪن ميندي ءَ ڏار،
هُنَ پِرِ ويسَ وسڻ جا ڪيڙا اڄ پڻ منهنجي يارَ،
هُنَ پِرِ حسن حقيقي، هُنَ پِرِ جانب جا جنسار،
هُنَ پِرِ عشق عجب اثباتي آدمَ تي اظهار،
هُنَ پِرِ ساڌو سنت، سناسي، وحدت جو واپار،
هُنَ پِرِ نادَ نفيلون، هُنَ پِرِ بيجل جا ٻاڪارَ
هُنَ پِرِ مست موالي، هُنَ پِرِ اڪثريون مينگهہ ملهار.

❖

مان توسان پيار ڪيان، تون اُچلين مون تي ڄارَ!
الا، تون اُچلين مون تي ڄارَ!

تون جو مون کي ڇاتيءَ لائين، گيت ڪيان ٻلهار،
الا، تون اُچلين مون تي ڄارَ!

مان ڏيان تو تي ساهہ او سائين، تون لَهہُ منهنجي سار،
الا، تون اُچلين مون تي ڄارَ!

ڇرڪُ نہ مون کان، مُرڪ تہ مون سان، ويهہ نہ مون کان ڏار،
الا، تون اُچلين مون تي ڄارَ!

تڙپي منهنجو روحُ تتيءَ ۾، برسي شال بهارَ
الا، تون اُچلين مون تي ڄارَ!
الا، تون اُچلين مون تي ڄارَ!

❖

رَهہُ ڪا هڪڙي رات، مُسافر،
واٽَ اٽانگي، واهہَ نہ وانگي،
مٿان پوي برسات، مُسافر.......

هيڪل جيئَڙو منُ تاسارو،
تنهنجو منهنجو ساهہُ اڌارو،
تو بن ساجن جوين سارو،
ڏنگي چڏيو آ ڏات، مُسافر.......

تارا ڪتيون ساٿُ نہ ڏيندا،
ڏسندي ڏسندي گم ٿي ويندا،
جوڳيئڙا هيءُ جُوءِ ڇڏيندا،
جڏهين ڦُٽي پرڀات، مُسافر.......

چار ڏهاڙا حسن جواني،
تون ٻي فاني، مان ٻي فاني،
توکان مون ڪان پوءِ او جاني،
ڪو بہ نہ لنوندو لات، مُسافر.......

❖

ناوَ هلائي آءُ نہ ڄاڻان، ڪيئن پُڄان هُن پارا

واڳون ڦاڙي وات ورن ٿا، ساهہ ڪڍن سيسار،
ڪيئن پڄان هن پارا

پتڻ وارا پار پُڄي ويا، ريءَ پتڻ ٿيان پار،
ڪيئن پڄان هن پارا

سُندَ، سيٽا هيون ساڻ نہ مونکي، ڪيئن تران تک تار،
ڪيئن پڄان هن پارا

ڇوهہَ ڇمر جا، ڇرڪائين ٿا ڇولين جا ڇڪار،
ڪيئن پڄان هن پارا

انت بحر ڪان آءُ لسونهين، 'بيوس' بي اختيار،
ڪيئن پڄان هن پارا

❖

رم[1] جهم مينگهہ ملهار نہ ها،
ڦُنا لال ليار نہ ها.

مينهن وسن ها، گاهہ ڦُٽن ها، پر ڪنهن چوڙيا وار نہ ها،
پن ڪنول جا ڪوماٽل ها، مُرڪيا مينديءَ ڏار نہ ها.

نازڪ نازڪ هٿڙن سان ڪنهن ٺاهيان گلن جا هار نہ ها،
چندُ ڳتيون شرمائين ها، پر اهڙا ڪنهن جا پار نہ ها.

سانوڻ جي رُتِ آئِي هِئي، پر ڪارا ڪارونڀار نہ ها،
ڊيل ٽلي ها، مور نچن ها، اهڙا باغ بهار نہ ها.

❖

(1) ٽوڪيو (جپان) کان واپس ورڻ بعد هيءَ گيت جڙي راس ٿيو.

# نظم

## موهيڙن جا منهن تي ٻہ – ٽي لالِ داڻا

ڏينهن ٽپي ٽيو ڏينين جهڙو،
پوءِ ٻيِ پاڻ ڏنگائين ڇوري!

# ڏٺيون ڪنهن نہ هونديون

اکيون لال ڪنواريون۔ ڏٺيون ڪنهن نہ هونديون،
اوهان جي اولاريون۔ ڏٺيون ڪنهن نہ هونديون.

ڪٿي چيلهہ سنهڙيءَ تي گهاگهر جو ڇُلڪڻ،
لبن جي مٿان لال بئنسر جو لٽڪڻ،
ڪنهن معصوم جوانيءَ جو معصوم مُرڪڻ،
مکڻ ڪير واريون۔ ڏٺيون ڪنهن نہ هونديون.

موهيڙن جا منهن تي بہ۔ تي لالَ داٽا،
ڪٿان ڪونجڙين جا ولر جي اُڏاٽا،
ترِيلين جا ٿَرَ ۾ تڏا ٿاڪ ٿاٽا،
ٻُٺن تي ٻهاريون۔ ڏٺيون ڪنهن نہ هونديون.

ڪٿي راج راٽيون هندورن ۾ لُڏنديون،
ڪڪوريل ڳلن جي مٿان باک ڦٽنديون،
ڏکڻ هير ۾ پاند پوتيءَ جو اُڏنديون،
سنهيءَ چيلهہ واريون۔ ڏٺيون ڪنهن نہ هونديون.

پرهہ جي بندر تي حسينن جون ٽوليون،
منا جهڙا ماٽهو منيون تهڙيون ٻوليون،
گلابي بدن تي سنهيون صاف چوليون،
اُڏاريون سڏاريون۔ ڏٺيون ڪنهن نہ هونديون.

ڪٿيرين ڪي ڪوهن مان پاٽي پريندي،
جتي عمر گذري تي ڏارا ڏريندي،
جتي عمر گذري تي واٻهيون وريندي،
پکن ۾ پنوهاريون۔ ڏٺيون ڪنهن نہ هونديون.

ڪٿان ڪيچ ويندي اُٺن جون قطارون،
چڙن ءِ چنگن ۾ تنبورن جون تارون،
جتن جي ڳُلهن تي مين جون مهارون،
تتي ڏينهن تياريون۔ ڏٺيون ڪنهن نہ هونديون.

متارن جون خبرون متن ڪان پڇي ڏس،
اسان ڪان پڇو تي، ٻين ڪان پڇي ڏس،
اگڻ، باغ، آچر، خدن ڪان پڇي ڏس،
ٻچين منجهہ ٻاريون۔ ڏٺيون ڪنهن نہ هونديون.

چُنيون، پريل چولا گلابي بدن تي،
پنيا وار پنڙا ڪاريهر ڪلهن تي،

چلا، ويڙهہ، ڪنمال، سرخي لبن تي،
دليون جن ڏتاريون۔ ڏنيون ڪنهن نہ هونديون.

پري اوهَہ پوريون وريون مينهن وسندي،
سنگُر، انب، تپڪا، صوفي پير چٽندي،
ڪنڊن ڪرڙ ڦوڳن مٿان چيٽ ڦٽندي،
جمون، چار ڄاريون۔ ڏنيون ڪنهن نہ هونديون.

سُتي لوڪ ويٺن، ونجهن ساڻ وڙهندي،
تتي ڏينهن توڙي، مٿان مينهن پوندي،
گنجيءَ گوڏ وارا چڪڻ چاڙهہ چڙهندي،
مٿي جن جي ڪاريون۔ ڏنيون ڪنهن نہ هونديون،
اکيون لال ڪنواريون۔ ڏنيون ڪنهن نہ هونديون،
اوهان جي اولاريون۔ ڏنيون ڪنهن نہ هونديون.

□

# روپي راڻي

نيل۔ ڪنول مان لياڪا پائي،
چنڊ۔ ڪتين کي پئي شرمائي.

چيلهه۔ ڳُلهن تي وار وڇائي،
نانگڙ ويٺي نانگ بچائي.

ڇاتيءَ مان تي جواني ڦاٽي،
آهي ڪو جو پاڙ بچائي.

روپ۔ نگر جي روپي راڻي،
’بيوس‘ ڪان پئي گيت لکائي.

□

# آئي مند ملهار

ڪينجهر ۽ ڪارونجهر تائين هيرون ۽ هبڪار
ٿانگر ٿهڪن، ٻهه ٻهه ٻهڪن، مُرڪن مينديءَ ڏار
ڪيتن ۾ خوشبوءِ گلن جي، ڄڻ ڪنهن چوريءَ چوڙيا وار
ٽڏڙيءَ چانوَ نمن ٽالهين جي نرمل نيٽن نار
ڇِيهن چوريا چنگ چمن ۾ ڳيرن جي ڳٽڪار
گل ڦل ميوا گاهه گسن تي ڦوڳ ڦريون ڦولار
ڪنهن ڪنهن ويلي ڦَٿَ اُڪيلي ڪويل جي ڪوڪار
نگريءَ نگريءَ نندِ ڦٽائي لهرين جي ललڪار
ڪاهوءَ پاسي ڪالهه ڏٺاسين ڪنوٽين جا ڪلڪار
پُڄُ ٻچائي، پِٽ وسائي، تيز ويون تلهار
رڻ ۾ ويا راڪاس رڙي يا گنيرن ڪئي گجڪار
رم جهم رم جهم راڳ رسيلا، ٽر ٻر باغ بهار
گجرين پاتا گج گلابي سرس ڪري سينگار
ڏاڙهونءَ داڻا ڏند جني جا، رابيلي رخسار
ڏرتيءَ منهنجي سرتي، جنهنجا ماڻهو منهنجا يار
همت وارا هوشوءَ پارا، جوڌا ۽ جهونجهار
وانجهي مانجهي ونجهه هلائَي، پهتا پورب پار
آئي مند ملهار
آئي مند ملهار.

# وڄون ۽ وسڪار

وڄون وارَ ڇوڙيي اُتر ڪان اچن ٿيون،
وڳا ويس پهري ولهارن وسن ٿيون،

ڏئي ورِّ وراڪا پٽن ڏي پَڄن ٿيون،
پنوهارن جا پڪڙا پري ڪان پڇن ٿيون.

انهيءَ وقت ڪيڏو نہ سهٽيون لڳن ٿيون،
جڏهن جوڙَ جوڙيي ٻين ڏي ٻُڪن ٿيون.

ڪري گوڙِ گجڪار ٻاڪار ٻاتيون،
اسان کي الائي تہ ڇا ڇا چون ٿيون.

لنگهي لاڙڪاڻو خدا آباد آيون،
ڪي منڇر، ڪي مياڻي، ڪي هالين هلن ٿيون.

وڻي ٻوڙ پائي هوائن ڪان اڳ ۾،
سڄڻ جا سنيها سنياري ڏين ٿيون.

ٻڏي شوق ڇيريون عجب ناز نٽ سان،
گهڙي ٿالَ تي چڙهه تہ ناريون نچن ٿيون.

پري تر تراريون لنگهي لامڪاني،
ڪيو گوڙ گرنار پاسي گُڙن ٿيون.

سڄي سنڌڙيءَ جي لهڻ سارَ آيون،
ڪٽي ڏس تہ ڪپري ڪان اڳتي ڪُتن ٿيون.

ادب عاجزيءَ ۽ عقيدت سان ’بيوس‘،
پٽائي پلاري جي چائُٽ چمن ٿيون.

□

# چوليون

اکڙين مان کي اڻ کٽ چوليون،
اٽُليون ڏيندي من کي لوليون.

جن ۾ سورٺ وارا سپنا،
جن ۾ ٻيجل واريون ٻوليون.

لياڪا پائِين لالَ ڪنواريون،
اکڙين جا دروازا کوليون.

ڪوبي سمجهائي نہ سگهيو آ،
ويچاريون ڪهڙيءَ شيءِ روليون.

□

# ساز سرندي ساڻ گڏ ياٻگي پلاري لک لهي

ٿَرَ ڏٺيءَ جي ٿَرَ مٿي نوريءَ نهارون لک لهن،
پرهه جو پکڙن ۾ ڪي ڪي اوڇنگارون لک لهن،
مارئي مون ڏي مُڪيون جيڪي ميارون لک لهن،
مَي مهاٽي مانگرين، ڪوجهي ۽ ڪاري لک لهي،
سازَ سُرندي ساڻ گڏ ياٻگي پلاري لک لهي.

ڪونجڙيون جون ڪيچ ڏي آڏيءَ اُڏارون لک لهن،
ٿَرَ مٿي ٿڏڪار ۾ بوندون بهارون لک لهن،
منهنجي منڙي ملڪ جا سپ ڊول مارون لک لهن،
پارَ هُرتين پوبرين جا ڪوهه تي ڪجڪا وڻن،
دهل جي ڏوڪي تي ڇم ڇم ڇير جا ڇمڪا وڻن.

ڪاريون، ڪنديون ڪڪيون، مڪٽيل موچاريون وڻن،
ونگَ بنا واڙن اڳيان سُرميلَ سينگاريون وڻن،
ڪِرَ پريل ڪارا وڻن، لوڙن ۾ لاهياريون وڻن،
سانوڻيءَ ۾ ساڏ ٻيلو، بندر بازاريون وڻن،
ڪرپَ پريون ڪاٺيون، ڪوجهيون وڻن ڪاريون وڻن.

نينهن وارن جي نگر ۾ فَقَرَ جا ڦيرا تہ ڏس،
صاف سينن جي مٿان ڪي مکڻ جا ٿيرا تہ ڏس،
ڪيتَ گايو ٿا وجن ڙيٖ! ڪانوُ ۽ ٻيرا تہ ڏس،
وارَ واسيل، هارَ پوتل، ائٿ تي اُجريون وٽن،
گهاڙَ پرتي گلبندن، گلفام ۽ گجريون وٽن.

ٿَرَ وَٿو ٿڏڪار ٿيا، سانگي مڙڙِيٖ سنرا تہ ڏس،
ڪير جا لوٿا پريل، چاڏين مٿان منرا تہ ڏس،
پَلَرَ جي پالوٿ تي ڪي بود ۾ بنرا تہ ڏس،
لاڙَ پاسي هاڙَهہ ۾ ڏُٿَ سان پريل ڏيرا وٽن،
چنڊ جي چانڊاڻ جهڙا چقمقي چهرا وٽن.

هارَ هَس، پنڙا ڪنن ۾ ڪيوٽيون ٻُنڌڙا وٽن،
رنگ پريا رمجهول روپيا، گج مٿي گلڙا وٽن،
وِڳهہ جون ونڙيون وٽن، نڪڙا سندن ڪنيڙا وٽن،
لالَ لوئِين ۾ لڪاٽي لوڏ تن جي لک لهي،
ويڙهِ ويڙهيچن جي هوڏ تن جي لک لهي.

“حسن واهڻ” ڪان هلي ڏس معجزا مهراڻ جا،
ڪيتَ خوشبوءَ سان پريل ۽ ڇهڇٽا چانڊاڻ جا،
پالَ پاٻين تي پٽائي جي پلاري پاڻ جا،
ڊينگ جت ڊرڪن ڊنڊن تي سي ڊنڊون ڊورا وٽن،
واهہ جي ڪپ تي ولر، چانگُن سان گڏ چورا وٽن.

# وڄن وارا چوڙيا تہ وسڪار ڪيئن ها

وطن، ويڙهہ، واڙيون ۽ ولهار ڪيئن ها،
وڄن وارَ چوڙيا تہ وسڪار ڪيئن ها.

انبن ۾ پلا ڏس تہ ٽپڪا پيا ها،
گليلن ۽ ڳوڙهن جا وسڪا ٿيا ها،
ڪڏهين مينهن مارن تي ڇڇڪا ڪيا ها،
ڇپر هيٺ ڇيرين جا ڇمڪا ٿيا ها،
ڪٽيرين جا ڪوهن تي ڪجڪار ڪيئن ها.

ڪٿي ڇيلهہ سنهڙيءَ تي گهاگهر ڏنئي ڪا،
ڇلا، ويڙَهہ، ٻُولا ۽ جهالر ڏنئِي ڪا،
ڪٿي جرڪندي جيءَ جي جهانجهر ڏنئي ڪا،
لڳل حسن وارن جي بازر ڏنئي ڪا،
سهيلين ۽ سرتين جا سينگار ڪيئَن ها.

ٽڪن جا ڪٿي ٽاڪَ، ٽاٽا ڏنئِي ڪي،
پنوهارن جا پڪڙا پُراٽا ڏنئِي ڪا،
رتولن ۾ راٽيون ۽ راٽا ڏنئِي ڪي،
ولر ڪونجڙين جا اڏاٽا ڏنئِي ڪي،
سنڌوءَ جا ڪنارا اڪين نار ڪيئَن ها.

پيلا ڏس پٽن تي بهاريون ڏنئي ڪي،
مٿن تي مهاڻين جي ڪاريون ڏنئي ڪي،
هندورن ۾ لُڏندي ڪماريون ڏنئي ڪي،
عجيبن جون اکڙيون خماريون ڏنئي ڪي،
هنڌن تي وڇايل پنيا وار ڪيئَن ها.

پون ياد پلپل وطن ۽ ولهاريون،
مڪئي ٻير منڙا، ڪٻڙ، ڄار، ڄاريون،
رتن جوت، رابيل، ٽانگر ۽ ٽاريون،
مکڻ، ڪير ماهيا، ڪنڊيون، چال، ڪاريون،
وَڇون، ڇيلڙا، ٻوڪ، ٻڪرار ڪيئن ها.

تتي ڏينهن ڏلهڙين، ڏلهن جي خبر ڏي،
پگهر ۾ مليل رت ڦُڙن جي خبر ڏي،
ڏَمر، ڏاڍ، اڄ جي امن جي خبر ڏي،
بهرحال، ويندڙ وطن جي خبر ڏي،
اباڻن تي عمرن جا آزار ڪيئن ها.

اُتر وارا ڪيئن ها، ڏکڻ وارا ڪيئن ها،
گنجيءَ گوڏ وارا سُٿڻ وارا ڪيئن ها،
سڄي رات سيءَ ۾ سُڪڻ وارا ڪيئن ها،
رُئڻ وارا ڪيئن ها، کلڻ وارا ڪيئن ها،
پيلا ڏس تہ ويڙهيون ۽ ولهار ڪيئن ها.

خدن جي خبر ڏي، گُلڻ جي خبر ڏي،
اگڻ، باغ، آچر، علڻ جي خبر ڏي،
پريل جي پُٽن ۽ ولڻ جي خبر ڏي،
ادي، عرس، سارنگ سجڻ جي خبر ڏي،
لنگها، ليل، لوڏي ۽ لوهار ڪيئن ها.

ڪمن، ڪوڏ، پريوءَ، پمن جي خبر ڏي،
چمنداس، چوهڙ، چَتن جي خبر ڏي،
جيئن شال جوڳي! جتن جي خبر ڏي،
ادا! مون ڪي منهنجي وطن جي خبر ڏي،
وطن ۾ هليا وڄ واپار ڪيئن ها.

پرهہ جو پٽن تي لاهيارن جون لولوين،
ڇَپَرِ ڇيجَ، چلڙا ۽ گهر گهر گهڙوليون،
گهڙا ـ ٿال، گهنگهرو ۽ پڳ پڳ پروليون،
سُرن جي صدائن ۾ ٻيجل جون ٻوليون،
ڪچهرين جا ڪوڏيا ڍنگر ڍار ڪيئن ها.

□

# مون چا نہ ڏٺو، مون چا نہ ڏٺو

مون رڻ ۾ ننگو رام ڏٺو
مون ’شاهہ‘ ڏٺو مون ’شيام‘ ڏٺو
مون هٿ ۾ خالي جام ڏٺو
مون داڻي داڻي دام ڏٺو
مون چا نہ ڏٺو مون چا نہ ڏٺو!

مون ڌرتيءَ تي دجّال ڏٺو
مون ڪينجهر پر تي ڪال ڏٺو
مون ’سنڌ‘ ڏٺي، سڪپال ڏٺو
۽ ماڻهوءَ کي ڪنگال ڏٺو
مون چا نہ ڏٺو مون چا نہ ڏٺو!

مون آڌيءَ رات ’اياز‘ ڏٺو
مون سئن ٻڌي، مون ساز ڏٺو
مون رئندي يار ’نياز‘[(1)] ڏٺو
مون ڳيري پويان باز ڏٺو
مون چا نہ ڏٺو مون چا نہ ڏٺو!

---

(1) نياز همايوني

مون مڪليءَ کي مسرور ڏٺو
مون مڪليءَ کي مخمور ڏٺو
مون مڪليءَ کي مجبور ڏٺو
مون مڪليءَ کي ’منصور‘ ڏٺو
مون ڇا نہ ڏٺو، مون ڇا نہ ڏٺو!

مون دولهہ دريا خان ڏٺو
مون اُڏندي هو انسان ڏٺو
مون رت ۾ ٻوڙيل نان ڏٺو
مون ڪُڪِ جي ويجهو ڪان ڏٺو
مون ڇا نہ ڏٺو، مون ڇا نہ ڏٺو!

□

# اجرڪ واري

چو تي ننڊ ڦٽائين ڇوري،
ڇَم ڇَم ڇير وڄائين ڇوري!

ڪير اڳڻ تي اچڻو آهي؟
ڪنهن لئي وار وڇائين ڇوري.

ڪنهن ڪنهن ويلي گيت گلابي،
ڳاٹُ ڪٽي تي ڳائين ڇوري.

گيسو ڄڻ گهنگهور گهٽائون،
وک وک وار وڇيائين ڇوري.

ڪينجهر پر تان ڪانگ، ڪبوتر،
آڏيءَ روز اُڏائين ڇوري.

سيني تي ڄڻ سانوڻ آيو!
اهڙي مؤج مچائين ڇوري.

ويڙهي ويندا وڃّـ وراڪا،
چو ٽي باھہ لڳائين ڇوري.

ڪاف جبل جون ڪومل پريون،
شَھہ ڏئي ٽي شرمائين ڇوري.

ڏينهن تپي ٽيو ڏينين جهڙو،
پوءِ پيي پاڻ ڏنگائين ڇوري.

روپـ نگر جي روپي راڻي!
مرڪي مست ٻڌائين ڇوري.

وهوا اوڍڻ ’اجرڪ واري‘،
مٿيءَ ڪي مُرڪائين ڇوري.

ڀهراڙيءَ جي ٻولي ٻالي،
’بيوس‘ روز ٻڌائين ڇوري.

□

# جڏهن تون نہ هوندين

نہ چوڙا نہ ٻيڙا، نہ ميندي هٿن تي،
نہ چوٽا، ڦٽوٽا، نہ مٽڪا مٿن تي.

نہ سينا سفينا، نہ اکڙيون عنابي،
نہ چلڙا، نہ ڇمڪا، نہ ڳلڙا گلابي.

نہ هستيون، نہ مستيون، نہ هوشيار هوندا،
نہ موکي، نہ مٽڪا، نہ مئخوار هوندا.

نہ هيرون اُکيريون، نہ بر ۾ بهاريون،
نہ رابيل رڻ جا، نہ ٽانگر نہ ٽاريون.

نہ ڇيريون، نہ ڇَم ڇَم، نہ ڇمڪار هوندا،
نہ ديدون دوناليون، نہ ديدار هوندا.

نہ سينڌيون، نہ سرما، نہ سينگار هوندا،
نہ ڪانِيون، ڪمانُون نہ وسڪار هوندا.

نہ مانجهي، نہ وانجهي، نہ ويٽي- وروٽا،
نہ سامي، سلامي، نہ پانڌي پروڪا.

نہ منڇر، نہ اَنچر، نہ مولها مٿن تي،
نہ ڄاريون، نہ كاريون، نہ ليڙون لڱن تي.

نہ باهيون، نہ پاهيون، صليبون كلهن تي،
نہ ٻولي، نہ گولي، نہ لولي لبن تي.

نہ ڳارا ڳچين ۾، نكي دام هوندا،
نكي عشق وارن تي الزام هوندا.

نہ مانيءَ ڳڀي لاءِ مظلوم مرندا،
نكي روز رستن تي معصوم مرندا.

نہ ڏاڍا ڏمربا، نہ ڏهكار هوندا،
نكو زور زر جو، نہ زردار هوندا.

نہ جهمريون، جمالا، نہ لاڏا، نہ لوليون،
نہ اجرڪ كلهن تي نہ گهر گهر گهڙوليون.

‘جڏهن تون نہ هوندين’ نہ جذبات هوندي،
نہ ‘بيوس’ كي تخليق جي ذات هوندي.

□

# آزاد نظم

خطري جو گهڙيالِ وڄي ٿو،
تون به ٻُڌين ٿو،
مان به ٻُڌان ٿو.

ڪارونجهر جي اک روز ڏسندي رهيتي.

# پيدائشي عمل
# (Process of Creation)

ڪيئن ڪروڙين سال اڳ،
'تون' ۽ 'مان' ڪان اڳ،
جڏهن-
ذرتيءَ تي ڪا چرپر نہ هئي.
سنڌ ۽ گمنام ذرتي-
ماٺ جي ماحول ۾ تخليق جا در بند ها.
آءُ مٽيءَ جي تهن ۾،
ڪيئي ڪروڙين سال اڳ،
فطرت جي جهوليءَ ۾ ستل-
۽ بي خبر.
اوچتو ذرتي ڏڏي.
چپ چاپ جي ماحول ۾،
خاموشين جي سمنڊ ۾ امڪان جا پٽر ڪريا.
لهريون اُٿيون،
۽ شور ٿيو:
پونچال! ڙي، پونچال!!
منهنجي اک کلي.
ننڊ گهَريءَ تي سجاڳي سوار ٿي.

ذهن تي عڪسن جي وڙهي پالوٽ تي.
سوچ جي دنيا ۾ تشبيهون وٺي آيون جنم.
منهنجي اڳيان:
خوبصورت بانوري،
هڪ پد مٺي،
ڪوهه ڪاف جي جڻ ڪا پري.
چپ ائين جڻ صوف جي قارن تي ـ
مالهڻ جو گمان.
وار ڇهري تي ڪريل،
جڻ چنڊ ڪڪرن جو هيو چاڙهيو نقاب.
مست جوڀن.
بئي اکيون:
سنڌوءَ ۾ ڪينجهر جو سنگم.
منهنجي پهرين نظر جا بئي تير ها ـ
هن کي لڳا.
هوءَ بہ گهايل،
مان بہ گهايل،
اوچتو مون رڙ ڪئي:
زندگي! ڙي، زندگي!!
بئي يگانا،
لڪ ـ لڪوٽي راند رهندي پونءِ ـ
جي پاتال مان،

هوءَ اڳيا، مان پوئتان.
مان ڏُڪ تہ هوءَ ڄڻ ڏنڊ هئي،
مان سُرڪ، هوءَ ڄڻ سمنڊ هئي.
منزل بہ منزل،
هڪ اسونهين موڙ تي-
ٻئي پير منهنجا ڄڻ ويا ڌرتيءَ جي سيني ۾ کُپي.
جسم زنجيرن سان ڄڻ جڙجي ويو.
مان اڪيلو،
تن- تنها.
احساس ۽ مايوسين جي رڻ ۾-
ڪو زخمي هرڻ.

خوبصورت پدمڻي،
منهنجو من صحرا-
تہ هوءَ امرت ڦڙا.
جسم منهنجي ۾ ويا جي جذب ٿي.
۽ اوچتو تخليق جا پيا در کُلي.
زندگي انسان ۾ پيهي وئي،
انسان خود خالق بڻيو-
۽ ذات جي هر ڪيت ۾ پيا عظمتن
جا گل ٽڙي

مون ڪان ٿڌڙو ساهہ هو نڪري ويو.

گول ڏرتي، باهه جو گولو پيو هو-
ڪوري ڪينگر جيان ٿري.
منهنجي نيڻن مان ٻٽي ها نير جا
ڳوڙها ڳڙيا.
اٿاهه ساگر،
ڦاٽ ۾ نالا، نديون، درياهه ها تخليق ٿيا.
هلڪي هلڪي گرم هڪڙي آه-
منهنجي دل منجهان نڪتي هئي.
ڪيترا بادل خلا جي خول ۾ ڊوڙيا هئا
وڄ- وراڪن ساڻ جي برسيا هئا.
چيڪي مٽيءَ جا پنوڙا ها ٺهيا.
مون مٽيءَ چاڻن تي پنهنجو عڪس-
اُڇلايو هيو.
اڪ- چنپ ۾ چيڪيءَ مٽيءَ جي ٺهيل ٻن
چاڻن مان انسانن جي جوڙي هئي جُڙي.
مون ڪان رڙ نڪتي هئي.
زندگي! او زندگي!!
او خوبصورت پدمڻي!
منهنجي ڪوڪن ۾ رڙين تي گونگي ۾
ٻي جان انسانن ڳالهايو هيو.
گول ڏرتي باهه جو گولو پيو هو-
ڪوري ڪينگر جيان ٿري.

اٿاهه ساگر،

ڦاٽ ۾ نالا، نديون، درياهه ها تخليق ٿيا.

ڪيترا بادل خلا جي خول ۾ ڊوڙيا هئا _

برسيا هئا.

چيڪي مٽيءَ جا پنوڙا ها جڙيا.

اڪ _ چنب ۾ چيڪي مٽيءَ جي ٿهيل

ٻن چاٽن مان انسانن جو جوڙو هو جڙيو.

بي جان ۾ گونگن انسانن ڳالهيو هيو.

# اونده جا اسرار

مجين چو نہ ٿو ٻاٽ اونده جي عظمت کي ساڻي!
ازل کان وٺي روشنين جي سفر ۾۔
اجالن جي بارش،
ستار جي جهومر،
نگاهن جا جلوا.
ڪڏهن ڪوهسارن تي پُر نور جلون جي جڳمڳ۔
۾ فطرت جي هر چيز ٻهڪي پوي ٿي.
بظاهر ڪي مکڙا بہ جرڪڻ لڳن ٿا.
مگر پوءِ بہ هر ذهن تي ٻاٽ اونده جا پاڇا ـ
اکين جي پٽيان:
ساڳي ويران، سنسان دنيا.
اندر ئي اندر ۾،
مضارن جا منظر.
نہ جهرمر نہ جڳمڳ.
ٻُکون پيٽ خاليءَ جي وڪڙن ورن ۾۔
صبح شام،
ڪنهن چوڙ وانگر گرم رت جون سُرڪيون
پرينديون رهن ٿيون.
تڏهن پيي ڪي چهرا،
عقابن جي دنيا ۾ اُجرا ڪبوتر لڳن ٿا.

اکين جي پٽيان:
ساڳي ويران سنسان دنيا.
مگر پوءِ بہ صدين جي روشن ۽ اٽڪڻ سفر ۾،
ڪڏهن ڪا نہ ڪا رات ڪاري انڌاري۔
اُجالن جي دنيا ۾ ڪاهي پوي ٿي.
تکي تيز چؤطرف وڏندي رهي ٿي،
تڏهن اڄ جو انسان بدمست هاٿيءَ۔
جيان مجبور ڪن بي سهارن تي ڪڙڪي پوي ٿو.
انهيءَ وقت فطرت جي خاموش ساگر ۾۔
لهريون اُٿن ٿيون.
انهيءَ وقت فطرت جي نيرين عقابي
اکين تان اونداهيءَ جا پردا کڄن ٿا.
انهيءَ وقت احساس آرس ڀڃي ٿو.
مگر پوءِ بہ فطرت جا راڪا ۽ رکوالا مفرور۔
’سچ‘ کي زنجيرن ۾ جڪڙي،
ڏکو ڏئي،
اونداهين جي دنيا ۾ اُلي وڃن ٿا.
اوجاڳن جو ماريل،
صدين جو ستايل،
زمانن ڪا مفرور سقراط، منصور،
سرمد جو ساٿي،
وڏا ٺهڪ ڏئي ٿو.
اونداهين جا راڪاس آرس ڀڃن ٿا.

صليبن جي ساٿيءَ مٿان وارَ ڪن ٿا.
تڏهن ’سچ‘
سرِ عام پرزا ٿئي ٿو.
خلائُن ۾ پرزا پکڙجي وڃن ٿا.
فضا ۾ اجالن جون لاٽون ٻرن ٿيون.
گهٽيءَ گام جڳڳ جو وهنوار ٿئي ٿو.
تڏهن پنهنجي ڌرتي بہ ٻهڪڻ لڳي ٿي.
صدين جي انڌيرن تي مُرڪڻ لڳي ٿي.
اونداهين جا راڪاس گم ٿي وڃن ٿا.
اکين جي پٽيان:
روشنين جا منارا.
سِر عام انسان ٻهڪڻ لڳي ٿو.
پريل پيٽ تي هَٿُ گهمائي،
وڏا ٽهڪ ڏئي ٿو.
تڏهن رات ڪاري،
هزارن صدين جي صفر ڪي ڪٽائي،
نئين وات جوڙي،
نئين لاٽ ٻاري،
فضائن ۾ اُجرا ڪبوتر اُڏائي،
وڏي شان شوڪت سان گم ٿي وڃي ٿي.
انڌيرا، اُجالن کي تخليق ڪن ٿا.

# جيون ساگر

جيون جو ساگر موجزن،
هر بوند ۾،
طوفان، واچوڙا کڻي،
ڪنهن ڏور منزل جي طرف،
پڇندو وڃي،
وڌندو وڃي.
جيون جا اٽڪ سلسلا،
صدين جا ڪاٿي فاصلا،
ڪنهن ڏور منزل جي طرف،
پڇندو وڃي،
وڌندو وڃي.
تاريخ جي هر دؤر ۾،
جيڏو اجهل، تيڏو اٿل.
چؤطرف پاڻيءَ جو سفر –
جيون بہ پاڻيءَ مان جُڙيل،
پر پوءِ بہ هر هڪ ساهہ ٿو –
سڙندو رهي،
هر جيءُ ٿو جلندو رهي.
هر بوند ۾ ڪيڏي ازل جي اُڃَ آ.

هر بوند ۾ ڪا باهه آ.
ڪيڏن زمانن کان وٺي
جيون جو ساگر مؤجزن
سڙندو ءِ ساڙيندو وتي،
منزل بہ منزل،
حال ماضيءَ کي گهٽو پنتي ڇڏي
وڌندو وڃي.
پڄندو وڃي،
سچ، سونهن جا ٻيڙا وٺي،
تک تار مان ترندو ءِ
تاريندو وڃي.
جيون جو ساگر موجزن:
ڪنهن وقت ڀي سُڪٺو نہ آ،
ڪنهن موڙ تي رُڪٺو نہ آ.

# تخليق

سڪل زرد چهرا،
جڳن کان بکن جا ستايل،
اجايل،
نبل ٻار معصوم مانيءَ ڳپين تي،
ڪٿي ڪنهن،
هچاري ڏڪار ئي تونگر جي در تي وڪاڻل.
ڪارونجهر جي اک روز ڏسندي رهي ٿي.

ضميرن تي جبر و تشدد جا زنجير جڪڙيل،
ڪٿي شاهراهن مٿان لاش چچريل،
ڪي مجبور، محتاج، ڪمزور،
فٽ ڦاٽ تي ڄڻ تہ پيچرا هڏن جا.
ڪارونجهر جي اک روز ڏسندي رهي ٿي.

گرم دوڳ رت جا،
ٻوٽاريل ڪڙهائين ۾ ديڳين ۾ انسان
جو گوشت رجهندي،
ڪا زوريءَ مٿان کوهہ کڄندي،
ائين ڄڻ تہ:

ور جي ڪلهن کان جدا ٻانهن ٽيندي
ڪارونجهر جي اک روز ڏسندي رهي ٿي.

ڪٿي ديس واسي،
ڪو ٻي پهچ،
ڪنهن ميڙ ۾ پيي،
اڪيلو اڪيلو
ائين ڄڻ ته
بربٽ ۾ ڪنڊن جي پهري ۾ ڪو گل گلابي.
ڪارونجهر جي اک روز ڏسندي رهي ٿي.

مٽيءَ، لوڻ، گندرف،
۽ گئسن مان جوڙيل سندس دل،
صدين کان وٺي روز دڪندي رهي ٿي،
ڇون ٿا:
ڏماڪو ڪري نيٺ ڪنهن ڏينهن،
ڦاٽي سا پوندي،
'ابد' جي ٻوساٽيل ۽ ويران ڪنڊن منجهان،
خاڪ اڏندي.
ايامن جا مينار پوندا ڇٽي،
تڏهن حال ماضيءَ جي سيني ۾ بندوق لڳندي
خلائن ۾ ٻرندڙ ڇپون گرم ڪنڪر،

صدين جي سفر ۾ نري ڳنگ ڏيندا،
خدائن جي اک ڇنڀ ۾ تخليق ڏيندي.
سوين چنڊ سورج ستارا ٻه جڙندا.
خلا جي ورن ۾ ڪٿي پنهنجي ڌرتي ٻه هوندي-
اتي تون ٻه هوندين،
اتي مان ٻه هوندس.

# منظر

بنا واڳ، بدمست هاٿين کان سڪما،
ڳڳر ظلمتن جا،
سڄي رات سانوڻ ۾ ڪيمن مٿان،
مون به وسندي ڏٺا ها.
تبر،
تيَر،
ڀالن ۽ ڪانن جي ڳڙ ڳڙ
گهٽيءَ گامَ،
ڪچڙن ڪڪوريل ڳلن تي،
صبح شامَ،
رت جي ڇنڊران جي رم جهم.
هوا کان به هلڪا،
ڪنول کان به ڪُنئَرا،
ٽُڪرَ گوشت جا مون به اُڏندي ڏٺا ها،
ڪٿي لاش گهوڙن جي سُنبن جي هيٺان
ائين چڙ:
تتي ڏينهن ڏاندن جي پيرن ۾ ڪٽڪن جا ڦيڙها.
ڪٿي جيئرو انسان مٽيءَ ۾ پوريل.
ڪٿي ٻارَ معصوم مائرن اڳيان،
چڙ:

ڪُسَڻَ وقت گگدام ڪنهن ڪوس گهر ۾.
جبر ۽ تشدد،
ظلم، بربريت جي ستايل، ڏکايل ڏاڍا ڳڻ،
ڪا ويران وادين جي سنسان بستين ۾ سُڏڪا ڀريندي،
هٿن کي ٻڌگهيري،
ڪي احساس جا گل چونڊڻ هلي آ،
ائين جڻ تہ ڪا ڪونج وڇڙي ولر کان،
فضائُن ۾ ڦٿڪي،
ٻچن ڪاڻ تڙپي،
ڪٿان ڪوهسارن ڏي واپس وري آ.
بنا سُوارَ گهوڙن جِي هٽڪار اُڀ کي اُڏيڙڻ هلي آ.
هو آڪاس منڊل،
صدين کان پراڻو،
ستارن سان جڙيل،
ڪتين جون قناطون،
رسا، ٿنڀ، ٽوٽيون نہ اُکڙي پون!
اجايل، بکايل، صدين جي ستايلَ،
ٿلهي، ٿوٿ ڌرتيءَ تي هاريل لهوءَ مان،
نوان گُلَ ٽڙندا،
ٻٽي ٿهڪَ ٻڌبا،
نئِين واٽ جُڙندي،
نئين لاٽ ٻرندي.

# آرزو

هڪڙي سٽ لکڻ ٿو چاهيان،
ترس گهڙي جلاد!
سُيان جي نسلن خاطر، اُبتي سُبتي سٽ لکان،
اعلان ڪيان،
پوءِ ساهه ڏيان.
لفظ پٽين تي لکجي ويندا،
لفظ دلين تي چپجي ويندا.
سُرڪڻ ـ ڦاهيءَ سُرڪڻ ڪان اڳ،
تنهنجن ڪوڙن ٺهڪن ڪان اڳ،
هڪڙي سٽ لکڻ ٿو چاهيان ـ

خطري جو گهڙيال وڄي ٿو.
تون به ٻُڌين ٿو،
مان به ٻڌان ٿو ـ
سچ اولهه ڏي ڊوڙ پري ٿو،
وقت سُسي ٿو،
لُڇي پُڇي ٿو ـ
گرهه نڙيءَ ۾ اٽڪي پيو آ،
ٻاهر ٻُوسٽ،
اُڄَ ازل جي،

وقت چوي ٿو:
سرد ٿيان،
ٿي برف پوان،
چپ چاپ رهان،
پر گونگو ٿي ڪا سِٽَ لکان.

پرڀاتين ۾،
ماڪ ڀنل رابيلن جهڙي ٽر جي سونهن،
ڪڪوريل ٻيرن جهڙي سٽ لکڻ ٿو چاهيان.
نم جي ڇانوَ
سرنهن جي خوشبوءَ جهڙي سٽ لکڻ ٿو چاهيان.
جنهن جي لفظَ لفظَ ۾ ويڙهيل،
واچوڙا، طوفان نه هوندا،
اکر ڪٿي انسان نه هوندا.
سندرين جي شام نه هوندي،
بر ڪا رُتِ ۾ باک ڦُٽيءَ جو،
بندر جي وٽڪار ۾ ويٺل،
ڏيهه ڏکايل،
ڪويل جون ڪوڪارون هونديون.
پَٽَ جون ڏوريون هندورن ۾،
شام سويري،
لاهيارين جون لوليون هونديون،

اهڙي سٽ لکڻ ٿو چاهيان ـ
جنهن مان سهسين سانوڻ رُتِ جا،
اجرڪ ورنا،
کهنبي رتڙا،
بادل ٿهندا،
ڊهندا، ٿهندا،
وسندا رهندا.

ڪيڏي ٻاهر نِتهڻ آهي!
سج ٽانڊن جون سينگهون تاڻي،
ڏرتيءَ وارن ڏي اُچلي ٿو،
پوءِ بہ ٽڏ ڪان لنگ ٽڙڪن ٿا ـ
پرُ پي ڏاڍا ڪَتيءَ لٽي جا پارا پيا ها،
پوءِ بہ پنهنجا پير سڙيا ها،
پيشانيءَ تي،
پگهر ڦُڙن جي ليڪ نهي هُئي،
من جي بن ۾ باهہ لڳي هُئي.

روز ازل کان انگ اگهاڙا،
گدلا ماڻهو،
ٽَرَ ڄاوا ـ جڻ ڏاريا ماڻهو.
صدين جي بي انت سفر ۾،

ٽِڪي، ٽِڪي،
ڪارا ڪارونڀارَ اُڪاري،
آد جڳاد جون حدون لتاڙي،
هٿ پهتا هن.
ويڙهَ ڏين ٿا.
هيئَن چون ٿا:
واريا سي تي پيا سا روح رڙن ٿا
من جي بن جا مورَ اُجايلَ،
ڪنڌ ڍرڪائي،
صحرائُن ۾ ساهُه ڏين ٿا.
پاڻ اڪيلو،
ميڙاڪن ۾ تنها تنها،
واريا سي جو هرڻ اُجايل.
بس،
پريت جا ڳانا،
پيار جي مالها،
ڪاري، گوري، ڪي مان پائڻ چاهيان ٿو.
بس ست لکڻ مان چاهيان ٿو.
سالن جي بي سود پراڻين،
تخليقين کي تيلي ڏيئي.
ڪوڙا ڪاڳر–
ڪوڙين ڪوتائن کي ساڙي،

هڪڙي اهڙي ست لکان-

جيئن:

سرمد، سامي، پٺ- ڏٺي،

سرمست سچوءَ جي چپڙن تي ڪا مُرڪ اچي.

۽ مڪلي، مياڻي، ڪرڙيءَ جي خاموش فضا ۾،

ڪينجهر ڪان ڪارونجهر تائين،

ڪارين ڪارين راتين ۾،

طوفانن ۾،

آزاديءَ جا اعلان ٿين،

ڪا جڳ مڳ جڳ مڳ لاٽ ٻري.

جيئن ڌرتيءَ ڄاوا،

اُجرا ماڻهو

سندربن جون سندر ناريون،

ديس آديس جون سون سريکيون،

پيٽ ورن جي پياس اُجهائين،

اَنَّ اُپائين،

چلڙا ڳائين،

اهڙي ست لکڻ ٿو چاهيان،

هڪڙي بس-

هڪڙي ست لکڻ ٿو چاهيان.

ترس گهڙي، جلاد!

سپان جي نسلن خاطر،

اُبتي سبتي ستٿ لکان.

اعلان ڪيان،

پوءِ ساهہ ڏيان.

# قطعا

جنهن وقت به انصاف جو زنجير لڏي ٿو،
ڌرتيءَ کي نئون روپ، نوان ڇام ملن ٿا.

اڄوڪي نسل جا سائين! پڇين اهڃاڻ کهڙا ٿو،
آهي جڪڙيل صليبن ۾، نظر پوءِ پيي خلائن ۾.

(1)

چپن تي زهر جو پيالو اٿس شعلا نگاهُن ۾،
مرڻ کان پوءِ جيئڻ خاطر، وجهي ٿو هَٿَ بلائُن ۾،
اچوکي نسل جا پيارا، پڇين اُهڃاڻَ کهڙا ٿو،
آهي جڪڙيل صليبن ۾، نظر پوءِ پيي خلائُن ۾.

(2)

زندگيءَ تي جي لڪان، ڇا نانگ جي ڪر تي لڪان،
باز تي لڪٽو اٿم، جي ٿو ڪبوتر تي لڪان،
ڪن ۾ ساڳي ڪلڪ آ، پر گهر ڪکن جو آ ٿهيل،
ڪيئن ڪيان، ڪاڏي وڃان، ڪيئن باهه جي ڇر تي لڪان.

(3)

هر آدمي خوشحال آ، تون ٿو چوين، مان ڪيئن مڃان،
رُپيو پيو ٿي ريال آ، تون ٿو چوين، مان ڪيئن مڃان،
پيا ٻُڏن وهوا ٻه ڪن، پر مان لنوائي ٿو ڇڏيان،
مطلب ته تنهنجي ڳالهه آ، تون ٿو چوين، مان ڪيئن مڃان.

(4)

جنهن پيري آ ٻاٺ اونده چؤطرف چؤگان ۾،
سا جهلڪ آئي ڪٿان، ابليس جي انسان ۾،
ڪالهه پاٽي ڪير هو، هر چيز هُئِي مصريءَ ڳڙي،
ڪو ته آ جو اڄ ملائَي زهر وينو نان ۾.

(5)

سپ چڙهي ڳالهيون پُراڻيون، هڪ نئين ڪا ڳالهه ڪر،
پل پيو ڏي آسرا، توبهه ته پيو هر سال ڪر،
ڪيئن ويو 'لالڻ' لِڪي، ڪيئن پاڻ 'پيرل' پيش پيو،
مون کي ساري آ خبر، مون سان ته هي احوال ڪر.

(6)

هر وڻ جي لُڏندڙ لامن تان، کهڙا نه ڪبوتر اُڏرن ٿا،
سي مانجهي مارڳ رَسٽا هن، جي ڪارونجهر تان اُڪرن ٿا،
ڪيڏو نه پيارو منظر آ، ڪيڏي نه فضا ۾ خوشبوءِ آ،
هُت اوير ڪان ٿو نُور ڦُٽي، هِت ڪٽڪن جا سنگ نسرن ٿا.

(7)

ڪا ڪونج ڪٿان ڪرڪي، جڏهن دانهن ڪري ٿي،
هر ذهن تي يادن جا سوين رنگ پري ٿي،
جي وسري سگهيا ڪين، يقيناً اُهي ايندا،
تو وٽ ٿو لنوين ڪانگ، ته اک منهنجي ڦري ٿي.

(8)

گونگا ٿي ٿا وقت گذاريو،
هي ب ڏوراپو آيو آهي،
'بيوس' ۽ 'شمشير' کي ڳوليو،
"سچوءَ" ڪين سڏايو آهي.

(9)

هٿ ۾ ڏنڊو، نِنڊو، وڏو پورو ڪارو آيو آ،
لوڙهه ڪُلهي تي، لوڏ سجاتم هيموءَ ٻارو آيو آ،
ڏهن ٻري ٿو، هاڻ نري ٿورت ۾ ڪيڏي گرمي آ،
منصورن جي ملڪ ۾ شايد سوريءَ وارو آيو آ.

(10)

اسان وقت جا وير منصور ميان،
ڪيئي بار مرندا ۽ جيئندا رهون ٿا،
رڳو هڪ پيالو هو سقراط پيتو،
اسان جامَ تي جامَ پيئندا رهون ٿا.

(11)

اسان وقت جا ويرَ منصور ميان،
جو چوٽو پوي ٿو سو چوندا رهون ٿا،
مرڻ جو مزو ڪو اسان کان پُڇي،
مرڻ سان ئي منزل ڏي وڌندا رهون ٿا.

(12)

جنهن وقت گهرايو تہ هليا ايندا سي،
محفل ڪي مچايو تہ هليا ايندا سين،
هِي ميڙَ خوشين جا تہ سوين بار ڏسون پيا،
سُوريءَ تي سڏايو تہ هليا ايندا سين.

(13)

اوهان جون اسان تي عجب تهمتون،
اسان هر مصيبت کي سهندا رهون ٿا،
اسان هن جرم جا سزا وار آهيون،
جو ظالم کي ظالم ئي چوندا رهون ٿا.

(14)

وڃي توڙ پهتا، صبح جا سلامي،
ڪارونڀار اُڪري، سويرو سناسي،
اِهي ڏار ناهن، اِهي دؤر ناهن،
ڪُلها تن ڪلهن سان، آهن ديسَ واسي.

(15)

نئون صبح وني آيو نئين شام غضب جي،
ڇيرين جي ڇَم ڇَم تي ڪڇي ڳامَ غضب جي،
جنهن وقت ڪِڏي سينڌ تون باغن ۾ اچين ٿي،
والله! ٿي هر ڳُلَ جي لڳي لامَ غضب جي.

(16)

جي لڪپالَ ناهيون ته لڇپال آهيون،
متان سمجهين ’بيوس‘ ۽ بيحال آهيون،
اسان جي هٿن ۾ اُيا ونجهه رهندا،
اسان ئي قلاچيءَ جا رکوال آهيون.

(17)

زندگي، منڇر جي پاڻيءَ جا ڪنول،
زندگي، سانوڻ ۾ سنڌوءَ جي اُٿل،
زندگي، مالهڻ جي هٿڙن ۾ گلاب،
زندگي، ڇڻ ڪنوار پينگهي ۾ سُتل.

(18)

زندگي، هٿ ڪنوار جو مينديءَ رتلُ،
زندگي، ’تنوير‘ جو تازو غزلُ،
زندگي، سنڌوءَ جي پاڻيءَ جيان شفاف،
زندگي، محبوب جي سيني مثل.

(19)

زندگي، پيرن ۾ چيپاٽيل گلاب،
زندگي، ڇڻ بند شيشي ۾ شراب،
زندگي، ڦٽ پاٽ تي پينو فقير،
زندگي، ’بيوس‘ جي غزلن جو ڪتاب.

(20)

زندگي، محنت ڪشن جي آرزو،
زندگي، مانيءَ ڀِيي جي جستجو،
زندگي، منصور جي گردن مثل،
زندگي، سقراط جي دل جو لهو.

(21)

ڪو تہ سمجهائي حقيقت زندگيءَ ۽ موت جي،
زندگي آهي امر يا موت ٿيندو ڪامران،
ڪالهہ اورانگهي ’ابد‘ جو هِتِ پُڳو انسان هو،
اڄ ويو ٿي عرش آ، تنهن لامڪانيءَ جو مڪانُ.

(22)

ابن آدم جي حقيقت ذهن مان نڪري نٿي،
چئن ڏينهن جي حياتي، ڇو ڀلا گذري نٿي،
ڪيترو اڳتي ’ابد‘ کان ويو پُڄي انسان آ،
زندگي ۽ موت جي پر ماجرا نبري نٿي.

(23)

زندگي ۽ موت جو ڇيڙي غزل،
ڪا تہ شيءِ آهي، جنهن کي ڳولهي ٿو ازل،
سؤ صديون گذريون، اڃا پيي گذرنديون،
ڪين سُڪندو زندگانيءَ جو ڪنول.

(24)

اکين ۾ باهہ جا شعلا، ڳُلها ڇڙ ڪوهسارُ آهي،
تڏهين ٿِي پانهنجو ٿيو شاهڪارن ۾ شمار آهي،
اِها هستي، اها مستي، اها انسان جي عظمت،
مِٽي مان ٿي ميسر آ، مِٽيءَ جو ٿِي خمارُ آهي.

(25)

هِن مٿيءَ جي مرتبي کان ڪيرَ هوندو بي خبر،
هِن مِٿيءَ ۾ لاش پوريل پڻ ڪندا آهن سفر،
هِن مٿيءَ مان جُڙيل ماڻهو مرڻ کان پوءِ پيي حيات،
هِن مٿيءَ ۾ ساهُ آهي، هيءَ مِٽي آهي امر.

(26)

پيغام پيارن جا سر عام ملن ٿا،
هڪ بارُ ڪٿي روز صبح شام ملن ٿا،
جنهن وقت بہ انصاف جو زنجير لُڏي ٿو،
ڏرتيءَ کي نئون روپ، نوان ڄام ملن ٿا.

(27)

ازل کان ابد تائين آزاد آهيون،
سنڌوءَ جي ڪناري تي آباد آهيون،
ٻڌلَ پيٽ خاليءَ سان پاهڻ ٿِيي رهندا،
ڏسين ڇا ٿو؟ آدم جو اولاد آهيون.

(28)

ڏئي جي لاٽ تان صدقي، لهر جي لوچ تان صدقي،
اڄوڪي نسل جي هر هڪ وچان مان سوچ تان صدقي،
ڇڳل ڪٽ، ڇانوَ ٽالهين جي، اڄا مون کان نہ وسري آ،
وچان ڪهڙيءَ طرح تنهن جي ڪي ۾ ڪوچ تان صدقي.

(29)

ڏئي جي لاٽ تان صدقي، ڏکايل ڏيهہ تان صدقي،
ڏنو جنهن جنم جوڏن کي، انهيءَ ساٽيهہ تان صدقي،
مڇي مهراڻ جي موجن، رهڻُ آزاد سيکاريو،
انهن جي شان تان صدقي، انهن جي ڇيهہ تان صدقي.

(30)

وطن جو نظارو اکين ٺارُ آهي،
جتي "کير-ماکيءَ" جو خمارُ آهي،
اِهو ئي تہ جنت جو آهي نمونو،
انهيءَ کان مٿي ڪهڙو شهڪار آهي.

(31)

پٽ ڏٽيءَ ۽ لال جا سڏڙا سُڻين،
ڪارڙا ۽ ڪوجهڙا جاڳي پيا،
جاڻ ٿو مانگر مڇن جو اَنت ٿئي،
ماءُ تنهنجا مورڙا جاڳي پيا.

(32)

ڍنڍين تي جڏهن ڍينگ ڍرڪي لَهن ٿا،
اسان کي پرين ياد تنهن دم اچن ٿا.
جڏهن پيي جتان کو تتر ٿو تنواري،
تڏهين سُورَ سيني ۾ جاڳي پون ٿا.

(33)

ڪچي جون جوانيون، ڪچي جون کهاٽيون،
وساريان نہ وسرن مڏيون ۽ مهاٽيون،
بنا اوٺَ، اوچَڻ سڄي رات ٽڙڪِي،
اسر جو اُٺي ڪن رچن سان رهاٽيون.

# ڪافيون

هُتِ ٻاھِ پٽنِ مان پڙڪي ٿيِ،
هِتِ وِچ ڪوٽن تي ڪڙڪي ٿيِ.

وِڏي ڪنهن نہ جنڊِ ۾ ڪا اَن جِي ٻُڪي آ

منهنجي نٽ اباڻن نہ ڪنهن کي وِڪي آ،
اِها منهنجي مارُن امانت رکي آ.

عمر مير مارون جُهريا ڪين جَهَر ۾،
پوبان تنهنجي پوندي ٽڪا ڪين ٽَرَ ۾،
پاتي ڪنهن پيرن ۾ نہ جهانگيءَ جُتي آ.

اسان ٿَرَ جا ماڻهو تو کي سڀ سڃاڻو،
دغا، ڏوڏُ ڪنهن سان ڪري ڪين ڄاڻو،
اِها ريت اسان جي، پاڙي مان پُڄي آ.

صبح جو سويلو، ڇوڙيون ڪنهن ڇيليون،
پاڻيءَ تي پٽن ڏي نہ سنبريون سهيليون،
وِڏي ڪنهن نہ جنڊ ۾ ڪا اَن جي ٻُڪي آ.

پڪي مَڪّ پٽن تي، لٽا ليارَ پيرُون،
پاتيون ڪنهن نہ هونديون جُسي تي زنجيرون،
هتِي بند ۾ ’بيوس‘ ڏنارڻ ڏُکي آ.

✵

ڏاڍا عشق وڏا تنهنجي دام سڄڻ،
ڦِٽي ننڊ، ويو آرام سڄڻ.

تنهنجو نينهن لڳو نروار ٿيس،
تنهنجي پرت سندو پينار ٿيس،
ڇڏي ملڪ عدم اظهار ٿيس،
ٻَڌي عشق سندو احرام سڄڻ.

ڪي عاجز ٿيا، ڪي اسير ٿيا،
ڪي فرقت منجهه فقير ٿيا،
ڪي رانجها ماهَه مُنير ٿيا،
ڪي برهه ڪيا بدنام سڄڻ.

تنهنجي مستيءَ مست ملنگ ڪيو،
جڏهن دردن دل ۾ دنگ ڪيو،
اڇي ’بيوس‘ ڪي بي رنگ ڪيو،
ڪري مست و مست مدام سڄڻ.

جتي ليار، پيرون پٽن تي پچن ٿا،
اُتان منهنجا مارون ميارون مُنجن ٿا.

پڪا، پير چوندين پٽن تي پنوهاريون،
چندن لام لوڏي سڏين ٿيون سنگهاريون،
جتي وڳَ وٿاڻن ۾ ڏوٿي ڏُهن ٿا.

ڪٿان ڪانگ آيا، ڪٿي سي ڪهي ويا،
واهيرن ڏي واپس ولر سڀ وهي ويا،
مگر چاڪَ ڪوٽن ۾ منهنجا چڪن ٿا.

جتي سنگهُ نہ ساٿي، اُتي ويا اُڪاري،
تڏهن وينا ’بيوس‘ کي شايد وساري،
نڪي پارَ آيا، نڪي سَڏَ ٻڌن ٿا.

✵

ڏاڍو عشق لڳو اڻچاڻن ساڻ،
موهي مست ڪري ويا ماڻن ساڻ.

شوق شغل جا ڇوڙي باشا،
روز ڏنائُون تال تماشا،
لائَي نرمل نينهن نماڻن ساڻ.

نينهن بچايا نانگ اويڙا،
هر هر حملا جوڙون جهيڙا،
ڪيڏا ورهہ ڪيا ويڳاڻن ساڻ.

درد دُکايا دُودَ دکن جا،
’بيوس‘ بيحد ڏاڙَ ڏُکن جا،
آڻي عشق ڏنا اولاڻن ساڻ.

✵

چڳرڻ چار داٽا پکيئڙا وچن ٿا،
وجهي بک کنيِن ۾ اسر ڏئي اُٿن ٿا.

ڪري لات منڙي پڌيون ڪن قطارُون،
اجا ڪنهن نہ سمجهيون، پکن جون پڪارون،
گونگا گهر چڏيندي الائي چا ٿا چون.

نہ ڪن ڪنهن تي ڪاوڙ نڪي ٿين دانهين،
جتي گز گليلا، اُڏن ٿا اوڏانهين،
ڳچيءَ دام ڳاريون ويچارا وجهن ٿا.

اچن ماڳ موتي اويرا سويرا،
ڪنڪ ڪونجڙين جا، تتر، باز، ڳيرا،
بکن ۾ بہ ’بيوس‘ سدا خوش رهن ٿا.

✲

سمان سامَ تنهنجي مچيري مهاڻي،
وهان ڪيئَن وچ ۾، ناهيان راجَ ـ راڻي.

لائَي ليَّ لنگَن ڪي، پري ڇَجَ ڇڇيءَ جا،
وڪيا مون واٽن تي، ڪٽي مڙَ ککيءَ جا،
تڳان توهہَ تنهنجي، نڏر آءُ نماڻي.

نہ مون روءِ راڻين، نہ مون ڄامَ ڄائي،
سونهان ڪيئَن سَٿَ ۾، ککيءَ ڪاجَ ڪائِي،
گندي آءُ گندري، اڀوجهي اياڻي.

مڇي مالَ جن جو، سمين سي سيباڻيون،
تڪيا، تَڙَ تماچيءَ، مڏيون ۽ مياڻيون،
ڪيا يالَ ‘بيوس’ اڇي ڄامَ ڄاڻي.

اِها آس اٿم، ڏسان وطن وري
جنهن تَيِّ پياريو، اُها ماءُ ٺري.

ڇيليون ڇُڙن اَٿيون، تہ بہ ٻُک ٿيون مرن،
منهنجو سُور اٿن، ڪيئَن ٻُور چرن،
پيتو ڪين پرهہ جو ڪير ڦرن،
هُتِ مَڪّ نہ ڦَرِي، هِتِ اک آ ڦرِي.

هُتِ باهہ پٽن مان پڙڪي ٿي،
هِتِ وڄ ڪوٺن تي ڪڙڪي ٿي،
تنهنجي قيد مٿان پئي ڪرڪي ٿي،
هوءَ ڪونج تہ ڏس جيڪا وطن وري.

وسي ملڪ تہ پيرون، ليارَ ڦرن،
مارون مالَ ڪاهي شل وَس تي ورن،
هُتِ گهر اڏجن، هِتِ ڪوٽ ڪرن،
اچي ڪاهُڙَ مان ڪا خبر ڪري.

نڪي ڏٽ چوندين، نڪي ڏارو ڏرين،
نڪي 'بيوس' وينيون واڙُ ورين،
ڪو اُٺ ٿيون ڏسن، ڏاڍا ڇرڪ پرين،
اِها ڳالهہ تہ ڳَرِ، ڪيڏي آهي ڳري.

✵

ڪري سُرما تيل ڦليليءَ سان،
آيو گهائڻ اک جي گليليءُ سان.

اِها نظرن جي جنگ جاري آ،
اجا تائين ڪنهن بہ نہ هاري آ،
هيءَ ويڙهہ نہ بازن واري آ،
اکِ اٽڪي اکِ البيليءَ سان.

هن حسن جو ڪوئي جواب نہ آ،
ڏٺو اهڙو ڪڏهن مون خواب نہ آ،
مٿ رخسارن جي گلاب نہ آ،
چڳ پيٽي ڪير چنبيليءَ سان.

ڪا مست تہ ڪا مخمور بہ آ،
ڪا 'بيوس' ڪا مجبور بہ آ،
هن اک ۾ نُور سرور بہ آ،
لڳو لاشڪ نينهن نشيليءَ سان.

✵

سنڌڙي منهنجي سانئڻ تو سان ناتو شالَ نڀايان،
ناتو شال نڀايان، الا، جهوليءَ چنڊ جُهلايان.

ساهه به تو ۾ شاهه به تو ۾، تو ۾ سڀ ڪجهه پايان،
تنهنجي مٽيءَ منجهه ملان جي، ڀاڳ ڀليرا ڀايان.

ڪينجهر ۾ ڪارونجهري جا ’سنڌوءَ‘ ڪي سور سڻايان،
منڙي تنهنجو ڪير پيار يل مُرڪي شال ملهايان.

انڊ نگر ۾ آهُون پريان، ٿر ٻر ٻاهه لڳايان،
وائن جا ورلاپ اٿاري، ڏاڍن کي ڏهڪايان.

دار ڏسان، ديوانو ٻڻجان، ”اَناالحق“ الايان،
مون ۾ تون موجود ازل کان ’بيوس‘ ڪيئن سڏايان.

✵

پڪي ماڳ پنهنجي اُڏاڻا وڃن ٿا،
ڇڏي گهر پراڻا، نماڻا وڃن ٿا.

ويا هنج اُڏِري سوير و سرن تان،
ڪيا ڏار قسمت ڪٽا اڄ ڪٽن ڪان،
ڏئِي سِرَ ڏيئين ڪي اباڻا وڃن ٿا.

ڇُڳي چار داڻا، ٻچن ڏي اُڏاڻا،
ڇڏي ياد پنهنجي وڃن ٿا ويڳاڻا،
واهيرن ڏي واپس وراڻا وڃن ٿا.

گزن سان گازين ڪيا وارَ ڪاري،
پکين پَرَ ڪتايا، مُڙيا ڪو نہ ماري،
پري جهولَ 'بيوس' سياڻا وڃن ٿا.

✵

آيو عشق عجب اعلانن ساڻ،
چاڙهي فوج ڪٽڪ فرمانن ساڻ.

شوق شغل جا شينهن بچائَي،
ماسَ هڏن تان ڪَلَ ڪَلائَي،
ڏاڍي موج ڪيئن مستانن ساڻ.

آئي عقل جو انت ڪيائين،
محبت جو ميدان کٽيائين،
ڏاڍي جوش، جهُد، جولانن ساڻ.

شاهہَ حسن جا شوق نرالا،
خوب وسائين ٻڙچون پالا،
تاڻي ’بيوس‘ تيرَ ڪمانن ساڻ.

✵

ڪولي در پاڪ پچري جو،
اچي ڪر سير سبحاني،
اندر پَسُ يار جو جلوا،
مٿي ڪر پوش انساني.

نہ مسجد ۾ نہ مندر ۾،
نڪي وٹڪار وندر ۾،
ازل کان يار اندر ۾،
رچايو رنگ رحماني.

محو ٿي موج مستيءَ ۾،
ازل جي دم الستيءَ ۾،
حسن هن هوڏَ هستيءَ ۾،
پسائَي پاڪ پيشاني.

مزو مخفي نہ ميريءَ ۾،
هئڻ ’بيوس‘ حميريءَ ۾،
فنا ٿي پيءُ فقيريءَ ۾،
بقا جو جام مئخاني.

ڪالهه ڪتايم سُٽَ جو ڦورو،
تنهن مان جوڙايم، تنهنجو جورو،
تنهنجو جورو،
ٻئي ڪي ڪيئن پارايان.

## ذلفيءَ جي ياد ۾

منجهه وارو آٽي پاٽي،
اڙي، پينر! باھ وسايان ٿي.

# ڏُلفيءَ جي ياد ۾

(ذولفي (ذوالفقار)- چوڏهن مهينن جي عمر جو منهنجو معصوم پٽ، جيڪو ڊاڪٽرن ۽ سندن عملي جي غفلت ڪري 14 نومبر 1980ع تي لاڏاڻو ڪري ويو.)

## لولي

سهڻي يار جي لولي ڳايان ٿي،
معصوم جي لولي ڳايان ٿي،
گُلڙن جا هارَ بڻايان،
گلڙن جا هار بڻايان ٿي.

جام نظام جي آهيان نياڻي،
ڳوٺ چيڏيو ٿم جاڻي واڻي،
منڇر وارو آڻي پاڻي،
اڙي پينر! باھ وسايان،
اڙي پينر! باھ وسايان ٿي.

سورٺ آهيان، سنڌڻ آهيان،
پنهنجن جا ڪيئن ڪنڌ ڪپايان،
ويس ڏسو مان ننڍڙي ناهيان،
مان تہ متيءَ کي مُرڪايان،

مان تہ متيءَ کي مُرڪايان ٿي.

ٻيرن جهڙا ڪنول ڪڪوريا،
تو ڪيئَن آهن مڪڙا موڙيا،
چام تماچيءَ خيما ڪوڙيا،
تڏهن ڪينجهر ڪنڌ جهڪايان،
تڏهن ڪينجهر ڪنڌ جهڪايان ٿي.

لَٿبا ناهن ڪنهنجا پيرا،
ٻاهر اُجرا، من جا ميرا،
ٿيندا آهن ٻيرا، ٻيرا،
اِها سڀ کي ڳالهہ سڻايان،
اِها سڀ کي ڳالهہ سڻايان ٿي.

ڪالهہ ڪتايم سٽ جو ڦورو،
اجرڪ وارو جوڙيم جورو،
لوڏيان ويٺي لال هندورو،
ائين 'بيوس' دل وندرايان،
ائين 'بيوس' دل وندرايان ٿي.

# گيت

آءُ تہ منڙا تو کي کير پياريان،
آءُ تہ پٽڙا تو کي کير پياريان،
کير پياريان،
توسان دل وندرايان.

پير اُگهاڙا چِڪَ ٿيو چولو،
صبح پچايم تنهنجو لولو،
تنهنجو لولو،
ٻئي کي ڪيئن ڪارايان.

سُٺ جون واڳيون، پَٽ جو ڏورو،
لوڏيان ويٺي لالَ هندورو،
لوڏيان هندورو،
پر مان ڪنهن کي سمهاريان.

ڪانءَ بہ آيان اَلَّ اُٺاري،
هر ڪو ٻچن جا گيت جهونگاري،
گيت جهونگاري،
آءُ پٽي روز اوساريان.

ڪالهه ڪتايم سُٽَ جو ڦورو،
تنهن مان جوڙايم، تنهنجو جورو،
تنهنجو جورو،
ٻئي ڪي ڪيئَن پارايان.

گرهُ پريندي، هڏڪي آئِي،
وڻ تي ڪويل سُڏڪي آئِي،
سڏڪي ڪويل،
آءُ ڪيئَن اڱڻ اُجاريان.

جَڳَ جا ٻالڪ جُهمريون پائين،
تنهنجي ويڻا ياد ڏيارن،
ياد ڏيارن،
آءُ ڪيئن تو کي وساريان.

انب جي لامن ٻُورَ جهليو آ،
هاڻي تہ ’بيوس‘ يار هليو آ،
يار هليو آ،
توکي هنج ۾ وهاريان.

# گيت

زلفي موتي ايندو، الا، منهنجو
زلفي موتي ايندو.
سنڌوءَ[1] ۾ سهٽيءَ[1] سان گڏجي،
منهنجي واٽ جهليندو.

ٻانهن لڳڻ تي، ساهه کڄڻ تي،
ننڊ مان ڇرڪ پريندو.
جڏهن ٻه منڙيءَ ماءُ سان رسندو،
مون وٽ ايندو ويندو.

جنهن جو پيار ڪنول[1] کان ڪنئرو،
سو ڪيئن پاڻ پليندو.
سورٺ[1] سورٺ سڏ ڪري پيو،
سهڻل يار سڏيندو.

جيتر پينر، پائر ورندا،
تيتر واٽ تڪيندو.
پئسو، ٽڪو، آڌي، روپيو،
خرچڻ لاءِ ڪسيندو.

---

(1) زلفيءَ جون پينرون.

سرمد[2] ۽ منصور[2] کان منڙو
منهڙو ڪين مڻيندو.
زيبوءَ[3] آڏو 'بيوس' بڻجي،
ويٺو حال ونڊيندو.
زلفي موٽي ايندو، الا منهنجو
زلفي موٽي ايندو.

(1) زلفيءَ جون پينرون، (2) ذلفيءَ جا پائر، (3) ذولفيءَ جي ماءُ.

# غزل

دوست اسان وٽ ڪنهن تہ ڀاني آءُ،
يار اسان وٽ ڪنهن تہ نموني آءُ.
ڪنهن تہ ڀاني آءُ،
او مٺي تنهنجي ماءُ.
ويٺي واٽ نهاري،

ننڊ ڪيان، ننڊ ڪرڻ نہ ڏئي ٿو،
پن پن مان جو روز اچي ٿو،
او پيرن جو پڙلاءُ، ويٺي واٽ.....

سانوڻ آيو تون نہ اچين ٿو،
ليئڙو پائي، چو نہ ڏسين ٿو،
او گهرو اندر وارو گهاءُ، ويٺي واٽ.....

چوڏهينءَ جهڙو چهرو آهي،
گلن ڦلن کان ڪنئَرو آهي،
او تنهنجي هٿن جو ڇهاءُ، ويٺي واٽ.....

ڪونج ڪٿي جڻ ڪُرلائَي وئي،
تنهنجي جسم مان چورائي وئي،
او هير گلن لئي هڳاءُ، ويٺي واٽ.....

مهل اٿئي هيءَ ڪير پيڙ جي،
ٿهڪَ ڏيڻ جي، مور ٿلڻ جي،
او مس وريو آهي واءُ، ويٺي واٽ.....

گرهه ڪري پيو اڪ تي ڦڙڪي،
’بيوس‘ شايد در تو ڪڙڪي،
او آهي اڱڻ تي شعاع، ويٺي واٽ.....

# منهنجو اول، منهنجو آخر

- ڏرتي، ڏرتيءَ ـ ڄايا ۽ ڏرتيءَ جا نظارا منهنجي لاءِ ائين آهن جيئن اک لاءِ روشني، مڇيءَ لاءِ پاڻي يا ساٿيهہ لاءِ سنڌو.
- ‘شاهہ جو رسالو’ منهنجي لاءِ اهو ڪتاب آهي جنهن ۾ مون کي زندگيءَ جي هر رخ جا چرندڙ پرندڙ عڪس ۽ ڪردار پئي ڏسڻ ۾ آيا آهن.
- ڳوناڻو ماحول، ڳوناڻي بدحالي، پنهنجي اندر جي پيڙا ۽ اُن پيڙا جي ردِ عمل مان جنم وٺندڙ وسوسن، ويچارن ۽ نا اميدين. منهنجي لاءِ اميد ڀريا گس ۽ چارا جوڙي ڏکن کي سکن جي سونهن ۾ سرمايو ثابت ڪيو آهي. منهنجو ماضي، منهنجو سرمايو آهي، پوءِ ڇو نہ اهو ڳئون چاريندي يا يا ڀڳڙن لپ تي گذر ڪندي گذريو هجي.
- مون شيخ اياز کي شاعريءَ جي اُن وڻ ويجهو بيٺل پاتو آ، جنهن وڻ تي چڙهي، واس وٺڻ لاءِ پٽائي پلاري ويندي، ويندي، اشارا ڪيا هئا. آءُ پڻ پيٽ ڏٽيءَ جي ان واسيندڙ وڻ جي ٿڌڙيءَ ڇانوَ ۾ ويهي ڪا گهڙي واس وٺڻ لاءِ آتو ۽ آسائتو آهيان. اياز جي تخليق ۾ ٻوليءَ جي سونهن مون کي ائين لڳندي آهي جيئن ڪنهن ٽرياٽيءَ جي گج تي ڪاوا. انهن ڪاوَن مٿان جو هلڪڙو ۽ ميرانجهڙو ڏنڌ چڙهي ويو آهي، اياز ۾ شل اُن ڏنڌ کي اگهي، صاف ڪرڻ جي سگهہ پيدا ٿئي.
- شمشير الحيدريءَ جي تخليق ۾ مون کي چرڪ پرائيندڙ فڪر ۽ فڪر جي گهرائيءَ جون ڪاٽيون نظر ايندڀون آهن.

- سچل کان پوءِ انسان جي عظمت ۽ مٿاهين مقام جون وڏي واکي جيڪڏهن ڪنهن شاعر ڳالهيون ڪيون آهن ته اهو شمشير علي خواجا ئي ٿي سگهي ٿو.
- آءُ هڪ ٿرڙ پکيءَ وانگر هئس. مون ۾ پر ۽ کنڀ پيدا ڪرڻ واري شخصيت منهنجي امان سائين آهي، جنهن ٿيج، ماتا سان گڏ ان ماتا ٻڄي، منهنجو نيپاج ڪري مون کي وڻ وڻ جو واس وٺڻ جي لائق بڻايو.

**تاجل بيوس**

20 سيپٽمبر 1982ع

# تاثر

تاجل جيڪي لفظ، اصطلاح، محاورا، ڪردار ۽ نظارا پيش ڪيا آهن سي سندس پنهنجي ماحول جي ڏات آهن. ٻوليءَ جي سادگي، فطري زندگيءَ مان موضوعن جي چونڊ ۽ شاعراڻي ترنم جي لحاظ کان تاجل جديد دؤر جي ڪلاسيڪي احياءَ واريءَ تحريڪ جو هڪ اهم رڪن آهي.

(شمشير الحيدري)

تاجل جي بيتن ۾ موضوعن جي ندرت آهي. غزل ۾ سنڌي ماحول جو رنگ جهڙو تاجل پيش ڪيو آهي، اهڙو ڪنهن ورلي ڪيو هوندو. واين ۾ تاجل نه رڳو ان صنف جو روايتي حسن برقرار رکيو آهي، پر انهن ۾ موسيقيت ۽ موضوعن جي جدت پڻ شامل آهن. ڪٿي ڪٿي ته ان ساديءَ صنف ۾ اهڙا اونها خيال ڏنا اٿائين جو عجب پيو لڳي.

(تنوير عباسي)

تاجل جو شاعرن جي صف ۾ ايترو تيزيءَ سان اڳتي اچڻ هڪ چرڪائيندڙ حقيقت آهي. ‘شاهه’ ۽ خليفي کان پوءِ اياز، تنوير، امداد ۽ شمشير (چؤنڪو) سان ڪلهو ملائي هلڻ لاءِ ترِ جيتري وٿي به ڪا نه هئي، پر ان ترِ وٿيءَ کي “جڏهن پونءِ بٽي” لکي، ڏرتيءَ جي گولي جيڏي جاءِ بڻائي، تاجل وڏي انفراديت سان مٽس ٽيلار پيو ڪري. انهيءَ چؤنڪي ۾ چوليءَ جي چِچڪار جيان زوريءَ گُهتَ هٽي ‘پنجڪار’ ناهڻ

۾ سوپوان ٿو لڳي. تاجل جي شعر مان هڪ لفظ بہ متاثر ائين آهي جيئن تاجل جي ڇهري تي بليڊ سان ڇهڪ ڏيڻ.

(**علي بابا**)

سنڌيءَ جي ڪلاسيڪي شاعريءَ سان ناتو ڳنڍڻ ۽ ان جي اصطلاحن ۽ علامتن کي وڌ ۾ وڌ استعمال ڪرڻ ۽ انهن کي نيون معنائون پهرائڻ ۾ اياز کان پوءِ جنهن شاعر وڌ ۾ وڌ ڪاميابي حاصل ڪئي آهي سو تاجل ’بيوس‘ آهي. تاجل وٽ پنهنجو انداز ۽ پنهنجو آواز آهي.

(**عبدالرحمان ’نقاش‘**)

تاجل مسڪينن، مظلومن، ڪڙمين ڪارين، پُنين اگهاڙن ۽ پيٽ بکين جو شاعر آهي. هو نور جي تلاش ۾ پرهہ جي پيادن جو شاعر آهي. هو انسان جي آئيندي کان پُر اميد آهي ۽ مون کي وڌ ۾ وڌ ان لاءِ وڻندو آهي، جو هو قنوطي Pessimist شاعر ناهي.

(**هدايت بلوچ**)

تاجل جي شاعريءَ ۾ جيڪا خاص خوبي ڏسڻ ۾ اچي ٿي اها آهي سندن شاعريءَ جي بلوغت۔ تاجل ’بيوس‘ اسان جي قوم ۽ هن ئي معاشري جو اهو حساس فرد آهي جيڪو ڪڏهن بہ ’مهان‘ ڪويءَ جي دعوا تہ نہ ٿو ڪري البت سچ جي راهہ ۾ ساٿين سان ساٿ جي ڳالهہ ضرور ٿو ڪري.

(**انعام شيخ**)

قدرت جي انيڪ رنگارنگي نظارن ۽ ايڪانت ۾ رهڻ سبب تاجل ۾ سوچ، ويچار ۽ تجسس ننڍي لاڪون پيدا ٿيو. سندس ڪلام مختلف موضوعن جي ڪاڻ آهي. هن جي تخليق ۾ سنڌي فڪر ۽ فن، قديم ۽

جديد جو هڪ سنگم آهي. ائين پيو لڳي جڻ قديم صراحيءَ ۾ نئين قسم جو شراب ڇلڪي رهيو آهي.

**(فقير الهندو جتوئي)**

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

